جلد: نائون۔ شمارو: پهريون
جون 2016ع

چهه ماهي

# سنڌي ٻولي

[تحقيقي جرنل]

ايڊيٽر

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

چھ ماهي

# سنڌي ٻولي

تحقيقي جرنل

جلد نائون- شمارو پهريون
جون 2016

ايڊيٽر

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

**سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو**
حيدرآباد، سنڌ

# ايڊيٽوريل بورڊ


**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

اسڪالر / لسانيات جو ماهر

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

اسڪالر

fahmida.memon@gmail.com

**ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

چيئرمئن، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

agmemon@uok.edu.pk

**ڊاڪٽر ادل سومرو**

اسڪالر

dradalsoomro@yahoo.com

**ڊاڪٽر اسحاق سميجو**

اسڪالر

ishaq_samejo@yahoo.com

**نصير مرزا**

اسڪالر

naseermirza20755@gmail.com


## ايڊيٽوريل بورڊ پاليسي

سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن ته تحقيق تي مشتمل هوندا آهن، تنهنڪري مقالا نگار جي متن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري نه آهي.

- مقالا نگارن کي گذارش آهي ته مقالو تحقيق جي مروج اصولن تحت لکن، حوالا ۽ تتُ (Abstract) ضرور شامل هئڻ گهرجن.
- ڪمپوز ٿيل مقالا ٽپال ذريعي موڪليا وڃن، ساڳئي وقت مقالا اداري ڏانهن اي- ميل به ڪيا وڃن.
- ڪمپوزنگ لاءِ MB Bhitai Sattar فانٽ استعمال ڪيو وڃي.
- مقالي سان گڏ مقالانگار جو مختصر تعارف، ڏس پتو، اي ميل ۽ فون نمبر شامل هئڻ گهرجي.
- حوالا HEC جي طئي ٿيل طريقن موجب ڏنا وڃن.
- مقالي اندر حوالي طور ڪنيل مواد تي حوالو- نمبر جي صورت ۾ يا ليڪ جي خاص سجاٽپ، ڪتاب جو سال ۽ صفحو نمبر ضرور ڏيان ۾ رکجي.

  *مثال: ”..........“ (1) / يا ”..........“ (شاهواڻي، 1993: 24)*
- مقالي جي آخر ۾ حوالن جو تفصيل ڏيڻ ضروري آهي.

# ماهرن جي ڪميٽي

- **ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي**

چيئرمئن سنڌي ڊپارٽمينٽ
ممبئي يونيورسٽي، (ڀارت)
baldevmatlani@mail.com

- **ڊاڪٽر روشن گولاڻي**

چيئرمئن بورڊ آف اسٽڊيز،
گجرات يونيورسٽي، احمد آباد، (ڀارت)
roshangolani1@yahoo.com

- **ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي**

اسسٽنٽ پروفيسر
دهلي يونيورسٽي، (ڀارت)
ravitechandani@gmail.com

- **پروفيسر جينيفر ايس. ڪول**

ائسوسيئيٽ پروفيسر لئنگئسٽڪ
يونيورسٽي آف اليونوئيس ائيٽ اربانا،
(آمريڪا)
jcole@uchicago.edu

- **ڊاڪٽر سيد عالم شاهه**

اسسٽنٽ پروفيسر
(لنڊن)
syed.shah@sheffield.ac.uk

- **ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**

چيئرمئن سنڌي شعبو،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
sindhidepartment@yahoo.com

- **ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**

چيئرمئن سنڌي ڊپارٽمينٽ
وفاقي اردو يونيورسٽي ( ڪراچي)
dr.inayathussain@yahoo.com

- **ڊاڪٽر ساجده پروين**

اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو،
ڪراچي يونيورسٽي، (ڪراچي)
sajida@uok.edu.pk

- **ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو**

اسسٽنٽ پروفيسر
ڊپارٽمينٽ آف پاڪستاني لئنگئيجز،
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد
hakimali79@yahoo.com

- **ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان
اسٽڊيز (NIPS)
قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد
maveesrio.nips@yahoo.com

- **آفتاب احمد ميمڻ**

سنڌي ۽ انگريزيءَ جو ماهر اسڪالر،
(حيدرآباد)
millionmemon@gmail.com

## فهرست


- ايڊيٽوريل 07

1. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ وجدانيت جو فلسفو 9-21

ڊاڪٽر غفور ميمڻ

2. حيدر ڪلوچ: سنڌ جو فارسي گو شاعر 22-35

مدد علي سنڌي

3. سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻاهريان ۽ اندريان خطرا ۽ اُپاءَ 36-45

تاج جويو

4. ڀارت ۾ سنڌي ٻولي ۽ نئين ٽهي 46-60

ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي

5. سنڌي ادب ۾ جديديت پڇاڻان جو اڀياس 61-75

ڊاڪٽر ساجده پروين

6. بيدل فقير جا همعصر ڪافي گو شاعر 76-99

ڊاڪٽر مخمور بخاري

7. آريا ۽ سنڌو سڀيتا -105 100

نور احمد جنجهي

8. ابتدائی درجی وارن بصری لفظن(Sight Words) جی -128 106

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

9. سنڌي ادبي تاريخ بابت مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيل
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقالن ۾ مضمونن جو جائزو 129-137

ميرزا دبير

# ايڊيٽوريل

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪجهه تحقيقي جرنل ڇپجن پيا، پر اُهي ٻه پابنديءَ سان يا وقت سر پڌرا نه ٿا ٿين، جنهن سبب اڪثر ريسرچ اسڪالر، استاد توڙي سنڌي ادب جا شاگرد، ان پريشانيءَ ۾ هوندا آهن ته هُو پنهنجا تحقيقي مقالا ڪٿي شايع ڪرائين، ته جيئن سندن ڪيل تحقيقي ڪم کي گهربل مانُ ملي سگهي. خاص ڪري اڪيڊمڪ ريسرچ ڪندڙ محققن لاءِ ته اهو به ضروري آهي ته سندن مقالا ڪنهن اهڙي تحقيقي رسالي ۾ ڇپجن، جيڪو هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاران منظور ٿيل هجي. تنهنڪري موجوده وقت ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ باقاعدگيءَ سان ڪو اهڙو ’تحقيقي جرنل‘ شايع ٿئي، جيڪو هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) جي معيار وٽان به هُجي ۽ مقرر وقت تي ڇپجي پڌرو ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران جاري ٿيندڙ ’سنڌي ٻولي‘ جرنل جي شروعات ڊاڪٽر فهميده حسين ڪئي هئي، سندس محنتون ساراهڻ جوڳيون آهن، پر سندس وڃڻ بعد ان اشاعت ۾ دير ٿي. مون جڏهن اٿارٽيءَ جي سربراهه طور چارج سنڀالي ته ٻين رٿائن سميت سنڌي ٻولي جرنل کي پڻ ترجيح ڏني ۽ مختلف محققن کان نوان مقالا گهرايا ويا. هن جرنل کي ’هيڪ‘ (HEC) کان رجسٽرڊ ڪرائڻ جي ارادي سان، معيار ۽ طريقيڪار سان گڏ هن جرنل جي سائيز پڻ تبديل ڪئي وئي آهي، هاڻي هيءَ ’ڇهه ماهي‘ (Bi-annual) تحقيقي جرنل طور وقت سِر جاري ڪيو ويندو. هن پرچي کي پوئين سلسلي سان ڳنڍيندي، جُون 2016ع جي شماري طور پڌرو ڪيو پيو وڃي.

هن تحقيقي جرنل ۾ لکڻ لاءِ سينيئر توڙي نوجوان اسڪالرن کي ڪوٺ ڏيندي اهو به واضح ڪجي ٿو ته مقالا معياري ۽ تحقيق جي مروج اصولن مطابق هجن. گڏوگڏ اُن مقالي جو انگريزيءَ ۾ مختصر تَتُ (Abstract) ۽ مقالي جي آخر ۾ حوالا References ۽ ببليوگرافي پڻ شامل هُجن.

’سنڌي ٻولي‘ جرنل ۾ سنڌي ٻولي، ادب، ادبي تاريخ، لوڪ ادب ۽ ثقافت سان لاڳاپيل ڪنهن به موضوع تي مقالا لکي سگهجن ٿا. هتي ايندڙ مقالا قاعدن موجب ماهراڻي راءِ اچڻ بعد شايع ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪنهن مقالي ۾ اداري طرفان مقرر ڪيل ماهرن ڪنهن به قسم جي ترميم يا سڌاري ڪرڻ جي راءِ ڏني، ته اهو ليکڪ/محقق کي واڌارن سُڌارن لاءِ واپس موڪليو ويندو ۽ دُرستگيءَ بعد اُهو مقالو شايع ڪيو ويندو. اميد ته اسان جي هيءَ پهرين ڪاوش قبول پوندي.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**

**ايڊيٽر**

ڊاڪٽر غفور ميمڻ
[چيئرمئن، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو]

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ وجدانيت جو فلسفو

## The Philosophy of Intuition in the Poetry of Shah Latif

**Abstract:**

Intuition is thought to be the capacity of human mind to grasp something less vivid or relatively distant without knocking the doors of rational or cognitive faculties of brain. It has, so far, been taken as something mysterious. However, modern day science has been successfully able to crack the code of such myths by studying various subjects with the help of latest cutting edge methods, e.g. FMRI and different types of brain scans.

Intuition is one of the three, traditionally agreed, sources of knowledge to understand the reality in renaissance. The other two are: Rationalism & Empiricism.

Despite sincere scientific contributions; there, still, is something beyond networks of neurons; something seriously sublime & subtle to be settled.

In this paper, I have discussed Intuition in the poetry of Shah Latif Bhitai. Shah is the most prominent Sindhi mystical poet and hence the most obvious choice to help understand the mystical element(s) is the intuition. Shah Latif defined the intuition as a subtle form of understanding 'beloved'.

The quality of the shah's poetry is that art and thought both are off-shoots of intuition. Reading or listening to his poetry creates a mystical environment which keeps us in an intuitive mood.

سچ ڇا آهي؟ هڪ اهم سوال رهيو آهي، جيڪو انساني سوچ جي تاريخ ۾ سدائين موجود رهيو آهي. ڇا واقعي ڪو سچ ڪائنات ۾ موجود به آهي ؟ يا صداقت اسان جي ذهن جو اختراح آهي، پر حقيقت اها آهي ته هن ڪائنات کي هڪ جامع نظام ۾ ڪل جي صورت ۾ اسان ضرور ڏسڻ چاهيندا آهيون. ساڳئي وقت اسان هر

انفرادي ۽ اجتماعي ڪائنات ۾ ڪو جوهر ، جواز يا سبب ڳنهي دنيائن کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. فلسفي صداقت کي ڄاڻڻ جا مختلف طريقا نروار ڪيا پر ساڳئي وقت صداقت کي هڪ معروض سمجهي انهيءَ جي تلاش ڪرڻ جا طريقا پيدا ڪيا. جديد فلسفي پهريون دفعو صداقت کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪ طرف مادي دنيا ٻي طرف روحاني دنيا. يورپ مادي دنيا کي پنهنجي سڄي تحقيق ۽ جستجو جو محور بنائي ڇڏيو ٻئي طرف فلسفين صداقت جي ڳولا جاري رکي.

صداقت جي ڳولا جا ڪيترائي ذريعا جديد فلسفين پيش ڪيا جن ۾ عقل، تجربو ۽ وجدان اهم ذريعا هئا. عقل کي وري ٽن حصن ۾ ورهايو ويو.

- خيالي يا تصوراتي عقل 2. رياضتي عقل ،3. صورتي عقل

خيالي يا تصوراتي عقل جو بنياد رکندڙ افلاطون هو هن جي خيال ۾ حواسن جي ذريعن حاصل ڪيل دنيا جو تصور ناهي. بلڪ تصورن جي الڳ دنيا آهي جيڪا اسان جي زمان و مڪان باهر آزاد آهي، تصورن جي هن دنيا ۾ روح هڪ آزاد حقيقت آهي. اسان جو عقل زمان و مڪان جي حدن ۾ حقيقت کي ڄاڻڻ کان قاصر آهي. افلاطون جو خيال هو ته ادب الهامي طور وجدان جي صورت ۾ پيدا ٿئي ٿو جيڪو ماڻهو تي به وجداني اثر ڪري ٿو. جديد فلسفي ۾ هيگل به انهيءَ دائري ۾ اچي ٿو. پر هيگل جو طريقي ڪار مختلف هو هن وٽ ڪائنات تصورن جي ضد جي ڪثرتي شڪل کان وحدت ڏانهن وڃي ٿي ۽ آخر ۾ هڪ مطلق (Absolute) تصور بغير ضد جي حقيقت مطلق بنجي ٿو. يعنيٰ ڪائنات جو سفر ۽ حرڪت تصوراتي طور روان دوان ٿي حقيقت مطلق ۾ ضم ٿي وڃي ٿي.

**رياضي عقليت**:

هن جو بنياد رکندڙ رين ڊيڪارٽ هو. هن جو طريقي ڪار شڪ کان شروع ٿئي ٿو. هن جو خيال هو ته هر شيءَ جو علم يقيني ناهي پر جوهر جو علم وجداني آهي. عقلي ناهي. ڊيڪارٽ وٽ وجدان مان مراد جبلي هدايت يا خود ڪار عمل آهي. يعنيٰ سوچ کان بغير ڄاڻ ملڻ جو عمل يا صداقت خود به خود اسان تي آشڪار ٿئي ٿي. هتي ڊيڪارٽ جي مراد اها آهي ته وجدان جبلي طور خود به خود فطرت جو عمل آهي مثال ٻڪري جي ٻچي کي ڄمڻ وقت ڪير ڪونه ٻڌائيندو آهي ته توکي ماءُ جي ٿڃ ڏائڻي آهي. ٻلي کي ڪير ڪونه ٻڌائيندو ته تون رڳو گوشت کاءُ. اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ ۾ به اهو جبلي وجدان موجود آهي.

**صورتي عقليت:**

هن نظريي جو موجد ڪانٽ هو. جنهن جو خيال هو تہ اسان جي مشاهدي دوران هيءَ ڪائنات خود اسان جي ڄاڻ جي پيدا ڪيل آهي يعنيٰ حواسن ذريعي دنيا جي ڪثرتي شين ڪي هڪ وحدتي تصور بنائي اسان تائين پهچي ٿي. مطلب ڪانٽ جو خيال هو تہ عقل صرف ڪائنات جي صورتي شڪلين ڪي علم جي دائري ۾ آڻي سگهي ٿو.

**تجربيت**(Empiricism):

تجربيت، علم جو اهو ذريعو آهي جنهن جو بنياد حواسن تي رکيل آهي. جديد فلسفي ۾ بيڪن ۽ جان لاڪ تجربيت جا حامي هئا. جان لاڪ جي خيال ۾ ذهن سادي سليٽ آهي. جنهن تي اسان ذاتي ۽ خارجي علمن مان گذرندي علم حاصل ڪندا آهيون. تجربيت پرست، وجدان ڪي مڃڻ لاءِ تيار ناهن هنن جي خيال ۾ جيڪڏهن وجدان اسان ڪي علم ڏئي ها تہ پوءِ سيني ڪي يڪسان طور هڪ جيترو علم ملي ها. انهيءَ بنياد تي برڪلي پنهنجي فلسفي جو بنياد رکيو جنهن جي خيال ۾ دنيا اسان جي حواسن جو دوکو آهي بلڪ شيون اسان جي داخليت ۾ آهن انهن ڪري ڏسون ٿا. معروضي طور شين جو وجود ناهي ڪنهن ماڪوڙيءَ لاءِ هڪ ننيڙو پٿر وڏي جبل جي برابر آهي پر ماڻهو لاءِ پتڪڙو پٿر آهي.

**وجدان**(Intuition):

ان جو اصطلاح پر اسراريت جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو. ڇو تہ اهو صداقت جي ڄاڻ عقل ۽ تجربي سان نٿو ڏي، برگسان جو خيال هو تہ وجدان هڪ قسم جي عقلي همدردي آهي. جنهن جي ذريعي ڪو شخص سڌو سنئون ڪنهن سچائيءَ جو عرفان حاصل ڪري ٿو جنهن ڪي ڪوشش جي باوجود بہ بيان نٿو ڪري سگهجي. ڇو تہ حقيقت هڪ وهندڙ پاڻي وانگر آهي. جنهن ڪي برگسان Flux Reality چوي ٿو. جنهن ۾ نہ ختم ٿيندڙ تبديلي جو تسلسل ملي ٿو. هر لمحي جي حقيقت نئين تخليق بڻجي سامهون اچي ٿي. [1] جيئن علامہ اقبال چيو هو تہ:

فریب نظر ہے سکوں و ثبات
تڑپتا ہے ہر ذرہ کائنات
ٹھرتا ہی نہیں کارواں وجود
ہر لحظہ ہے تازہ شان وجود

سمجھتا ہے تو راز ہے زندگی
فقط ذوق پرواز ہے زندگی
سفر زندگی کی لیئے برگ و ساز
سفر ہے حقیقت حضر ہے مجاز (2)

چو تہ عقل جو ڪم تجربو ۽ تحليل ڪرڻ آهي پر حقيقت هر لمحي تخريب ۽ تعمير جو سلسو آهي. جيڪا عقل جي گرفت ۾ نٿي اچي سگهي.

سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ پراسراريت جي پٺيان بہ سبب آهي، جنهن کي نہ ڄاڻي سگهڻ جو مطلب اهو هرگز ناهي تہ عالم آشڪار پراسرار آهي، سائنس اهڙي ڪيترين حقيقتن تان پردو کڻي چڪي آهي. اهڙيءَ طرح وجدان بہ اهڙي طرز آهي جنهن وسيلي ماڻهو کي جبلي طور ڄاڻ ملي ٿي. پر هڪ نُڪتي نظر اهو بہ آهي تہ انسان زمان و مڪان ۾ چوڪنيو ٻڌو پيو آهي، زمان و مڪان کان ٻاهر ڏسڻ جي کيس طاقت ناهي نہ وري سائنس انهيءَ قابل آهي جو هو زمان و مڪان کان ٻاهر نڪري سگهي. انسان هڪ مخصوص وقت جي وهڪري ۾ وهندو وڃي ٿو. پر حقيقت تہ هڪ ڪل جي حيثيت ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿي جنهن جو عرفان مادي علمن وسيلي نٿو ٿي سگهي بلڪ وجدان انهيءَ کي گرفت ۾ وٺي ٿو.

زندگي ڇا آهي؟ ڪائنات جو جوهر ڪهڙو آهي؟ ازل ڇا آهي؟ ابد ڇا آهي؟ ڪير آهي جيڪو مطلق آهي هن ڪائنات جي پٺيان ڇا اهو آخر ۽ اول آهي. هن ڪائنات جي رمزن ۾ گهٽ ۾ گهٽ زندگي هڪ سلسلہ عمل (Becoming) آهي جنهن جو ڇيهہ يا ڇيڙو ڪوبہ هٿ نٿو اچي. انهيءَ رمز ۾ سڪون و ثبات جو تصور شايد آخري صداقت آهي جيڪا مادي دنيا جي روپ ۾ گرفت ۾ نٿي اچي. معنيٰ مادي کان بالاتر روح جي حقيقت صرف وجدان سان تجلو ڏي ٿي. پر گرفت ۾ نٿي اچي. ڇو تہ انسان جو عقل ۽ حواس مادي دنيا جو سرچشمو آهي انهيءَ ڪري روحانيت جي دنيا پراسرار آهي.

ماديت پرستن روحانيت جي دنيا کي سري کان رد ڪري ڇڏيو. جنهن جو لازمي نتيجو جديد وجوديت جي فلسفي ۾ ظاهر ٿئي ٿو ۽ سندس آخري نتيجو جديديت پڄاڻان جي شڪل ۾ نڪري ٿو. جديديت پڄاڻان جو بنياد ساختيات پڄاڻان تي رکيل آهي. جنهن جو بنيادي مقصد آهي.ڪنهن بہ لفظ يا شيءَ کي معنيٰ

ناهي دراصل معنيٰ مرڪزي جوهر ڏانهن وٺي وڃي ٿي ، جنهن مان اسان وري روحانيت جي دنيا ۾ داخل ٿي ويندا سين. تنهن ڪري جوهر کان انڪار آهي. ماديت اهڙي طرح انتشار ۽ انارڪي جي دنيا بڻجي وڃي ٿي. پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ انتشاري مادي جو حصول ٿئي زندگي آهي تہ پوءِ انسان بي ثمر، لاحاصل، بي نتيجہ ۽ زوال کان علاوه واهيات (Absurd) آهي. جنهن جي منزل چريائپ جي آخري حد آهي.

ڇا ڪو شريفاڻو زندگي جو انداز موجود ڪونهي؟ خود ڪارل مارڪس ماديت جي دنيا ۾ معاشي ورڇ ذريعي حيات کي مهذب نظام عطا ڪيو. پر انسان جي زندگي پيٽ ڀريي کان پوءِ ئي شروع ٿئي ٿي. مابعد الطبعاتي سوالن جي هورا کورا شروع ٿئي ٿي. جنهن جو ماديت پرستن وٽ ڪو بہ جواب ناهي.

هاڻي اسان موٽي اچون ٿا ڊيڪارٽ جي فلسفي تي جنهن ٻن دنيائن جي ڳالھ ڪئي هئي هڪ جسم جي دنيا ٻيو ذهن جي دنيا. ذهن جي دنيا کي ڄاڻڻ لاءِ مادي ذريعا بيڪار آهن. ذهن جي دنيا روح جي وحدتي دنيا جو ڪثرتي روپ آهي. جنهن کي ڄاڻڻ لاءِ اسان کي ذهن جي دنيا ۾ ئي وڃڻو پوندو. نيڪ اتان صوفي مت شروع ٿئي ٿو. جيئن سچل چيو هو:

مين تان ايڪ خيال هان
مِلسان نـــال خيال دي[3]

صوفيءَ وٽ علم جي حصول جو ذريعو صرف وجدان آهي ،جيڪو عرفانيت جي اعليٰ منزل تي پهچي ٿئي ٿو.

هتي اسان واضح ڪندا هلون تہ ڪانٽ ۽ هيوم کان پوءِ مارڪس روحانيت کي مڪمل رد ڪيو هو. تنهن ڪري مغرب ۾ روحانيت جي دنيا کي سمجهڻ لاءِ علم نفسيات متعارف ٿيو هو. هنن روحانيت جي دنيا کي پراسرار بنائڻ جي بجاءِ سائنسي انداز سان ذهن جي تشريح ڪئي.

**فن ۽ وجدان**:

فن ۽ وجدان جو تعلق جماليات سان آهي. جمال روح کي وحدت ۾ جوڙڻ جو نالو آهي. جنهن ۾ روح ٿانيڪو ٿي پنهنجي ڪثرتي درد کان آجو ٿئي ٿو. جماليات کي اظهار ڪرڻ جو رستو فن آهي. انهيءَ جو مطلب تہ ڪائنات پنهنجي صورتي شڪل ۾ فن جو هڪ نمونو آهي. هر شيءَ فني طور پنهنجو تجلو ڏي ٿي. ڇو تہ گهڻا فلسفي ڪائنات کي صرف مايا جو روپ سمجهن ٿا انهيءَ ڪري Paul Kalee چيو هو تہ: ”فن

اهو ڪوڙ آهي، جنهن سان سچائيءَ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو“. پر ڪروشي (Benedetho Croce) فن کي وجدان سان جوڙي ٿو. هن جو خيال هو ته فن ڪا ساختياتي شڪل ناهي بلڪ بنيادي وجدان آهي. فن علم جي اعليٰ شڪل آهي، يعنيٰ ڪروشي جو خيال آهي ته جيترو علم وڌيڪ هوندو اوترو وجدان سگهارو هوندو. لانجائينس جو خيال هو ته ”ادب وجد جي مان ئي جنم وٺي ٿو پر سٺو ادب به اهو ئي آهي جيڪو پڙهندڙ تي به وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي.“ (4)

پيتائيءَ وٽ علم جو ذريعو صرف وجدان آهي. ڀٽائيءَ جي نظريي ۾ فن وجداني طور ماڻهو کي وحدت سان ڳنڍي ٿو. يعنيٰ فن اها ٽيڪنڪ آهي جيڪو جز کي وحدت سان جوڙي ٿو.

”تند ڪتارو ڪنڌ، ٿيئي پرتا پاڻ ۾“

هيجل جو اهو فن جيڪو راءِ ڏياچ کي وجداني طور وحدت سان جوڙي ٿو جنهن لاءِ موت ته ڪا شيءِ ناهي.

فن اهو جيڪو وجدان طاري ڪري ۽ انهيءَ جو تاثر تمام ڪوشش جي باوجود به اظهاري نه سگهجي. خود فن وجداني طور پاڻ کي اظهاري ٿو ۽ سندس تاثير دير تائين ماڻهو کي هڪ عجيب احساس ۾ وٺي وڃي جنهن جو اظهار نه ڪري سگهجي.

برگسان چيو هو ته:

“Intuition is eye of soul the organ of perfect knowledge must be turned around from the world of physical appearance together with the entire soul until the soul is able to endure the contemplation in brightest region of being and the intelligible world”. (5)

**ڀٽائيءَ ۽ وجدان:**

سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعرن جو فڪري محور ئي وجدان آهي. نه صرف هو شاعريءَ کي الهامي سمجهن ٿا بلڪ هنن جي شاعري ۾ وجدان طاري ٿيندڙ ڪيفيت به موجود آهي. پر اها ڪيفيت علم ۽ شعور سان نه پر عشق سان طاري ٿيندي آهي.

پاڻهياري سيڪا، جا سر گهڙو ڏري،
ڪا لئي سندي سڄڻين، ڪا پورهئي ڪاڻ پري. (6)

وجداني ڪيفيت اهو فن پيدا ڪندو آهي، جيڪو پورهئي ڪارڻ پيدا نه ڪيو وڃي. شاهه جي هن بيت کي ڏسو:

سپڪ جو سيد چئي، پڇي نه پرياڻ،
عشق واريون عبداللطيف، چئي سنڌ نه ڪٿن ساڻ،

جنين پاسي پاڻ، سي اوتڙان ئي اُڪتيون.

هن بيت ۾ صرف هڪ ست تي غور ڪيو وڃي ”عشق واريون عبدالطيف چئي سڌ نہ ڪٺن ساڻ“ سڌ پنهنجي ذات سان وابستہ آهي انفرادي اندر جي ڪوٺ جي نشاندهي ڪري ٿي. معنيٰ جتي جز آهي اتي نامڪمل ۽ اڌورو پن موجود آهي. اتي انا ۽ پاڻ پڌائڻ بہ آهي، اتي ساڙ ۽ حسد بہ آهي. پر عشق جي ڪيفيت پاڻ ڪان پاڻ جدا ڪري ڇڏي ٿي، انهيءَ جز کي وحدت سان ملائي ڇڏي ٿي. اتي نہ انا آهي نہ وري وحشت آهي.

”نڪي ڪٺن پاڻ سين، نڪي ساٺن پاڻ.“

جڏهن ڪنهن بہ صورتحال جو وجدان ٿئي ٿو تہ ماڻهو پاڻ انهيءَ جو حصو بنجي وڃي ٿو. جتي حواس آهن اتي زمان و مڪان جي پابندي آهي جتي عقل آهي اتي انا آهي پر جتي وجدان آهي اتي خاموشي آهي.

”ڪو جو ڦهر ڪلاچ، جو گهڙي سو نئي“

يا

”اُنيءَ سندي ڪاڻ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي“

وجدان، صوفيءَ جي نظر ۾ عرفانيت جي اعليٰ منزل آهي. جتي زمان و مڪان جا پردا کڄن ٿا. پر ڇا هڪ عام ماڻهو کي وجدان ٿئي ٿو؟ جديد فلسفين جڏهن وجدان کي جبلي طور عقلي همدردي ڄاڻايو اتي تہ وجدان هر ماڻهو کي ٿيڻ گهرجي. پر صوفين وٽ وجدان لاءِ رياضت جي ضرورت آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ وجد ۾ اچڻ وحدت سان جڙڻ جو عمل آهي. پر پٽائيءَ وٽ وجدان فن ذريعي بہ طاري ٿئي ٿو. هن بيت کي غور سان پڙهو:

”اديون سڀ اندام، چڙن منهنجا چوريا،
لارن جي لنئون لائي، سا ڪيئن آڇيان عام،
لڳي جنهن جي لام، سو دلاسا دوس مُنجي“.

سڀ عضوا چڙن جي آواز سان چري پيا آهن. بلڪ هڪ لهر سان بدن ۾ تلين جي آواز ۾ يڪسانيت ٿي پئي آهي. ساز سان گڏ جسم جو ذرو ذرو وڃي پيو. هڪ تند سان جسم ۾ روح جي لئہ هڪ ٿي ويئي آهي. جيڪا عام ماڻهو کي ٻڌائي نٿي سگهجي.

”سجڻ جي سارين، سي رُون نہ چُون ڪن“

هڪ عجيب صورتحال آهي، هڪ عجيب ڪيفيت آهي، جنهن جو اظهار

مادي طور نٿو ڪري سگهجي. ”جو تہ شاعر پاڻ اهي سٺون وجداني ڪيفيت مان حاصل ڪيون آهن تنهن ڪري انهيءَ جي تهہ تائين وڃڻ لاءِ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي اهڙي ڪنهن وجداني ڪيفيت جي ضرورت پوندي.[7]

سياري سِهَہ رات جو جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو تہ پُڇون سوڻِٽي، جا ڪرِ جاٽي نينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

ڪنهن کي ڪهڙي وقت ڪهڙي ڳالهہ ۾ رمز نظر اچي ڪيس وجداني طور محو ڪري ڇڏي اهو ٻڌائي نٿو سگهجي. مون کي هڪ عالم ٻڌايو تہ ڪيس شاهہ جي هڪ بيت معنويِ طور وجدان طاري ڪري ڇڏيو جو هو ٽي راتيون سمهي نہ سگهيو. اونهي اسرار ۾ گم رهيس. اهو بيت هو:

”جي ليلائي مَ لهين تان پڻ ليلائج
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.“

شاهہ لطيف انهيءَ جو جواب سر سورٺ ۾ ڏنو آهي.

چارڻ تنهنجي چنگ جو عجب آهر ايءُ،
هٽي اُيو هٽن سين، جيئرو رکي جيءُ،
رات منهنجو ريءُ، ڪاٽيو تو ڪماچ سين.

چارڻ جي چنگ جو وجداني اثر راءِ ڏياچ تي ايترو ٿيو جو سر وڍي ڏئي ٿو. پر خود ٻيجل وجائي رهيو آهي ان تي ڪو بہ اثر نٿو ٿئي. وري هي بيت ڏسو:

ڪر موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون،
اٿليس آهون پري، پريءَ مٿي پون،
سا جي ڏسين تون، تہ موٽين ڪين مينڌرا.

جمال ابڙي جو خيال هو تہ ”شاهہ جو فن ڪمال جي حدن کي ڇهي ٿو جيڪو وجد جي ڪيفيت مان پيدا ٿئي ٿو ۽ پڙهندڙ تي بہ وجد طاري ڪري ڇڏي ٿو“. سندس رڳو هڪ سٽ ”الوڙڻ نہ ڏي، وڏائين ور ونجهہ کي“ هڪ مڪمل ڪهاڻي آهي. حقيقت اها ئي آهي تہ شاهہ جي هر سٽ هڪ ڪهاڻي آهي. هڪ مڪمل دنيا آهي.[8] جنهن کي هڪ جهلڪ ۾ سمجهي وڃجي ٿو جنهن لاءِ وڏا ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت نٿي پوي.

جديد نفسيات ۾ لاشعور، شخصيت جي نهڻ ۽ ٻهڻ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو.

لاشعوري محرڪ خانداني، تاريخي، ۽ شعوري ٿيندا آهن. تنهنڪري شخصيت تي اثر پذيري بہ الڳ الڳ ٿيندي آهي. ٻيو بصيرت جي اک جو تعلق صرف حواسن سان ناهي. سڌو سنئون شعور بہ محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن کي سائنسي طور ڄاڻي سگهجي ٿو.

اتي اسان صرف نارمل شخصيت جي ڪٽ ڪندي انهيءَ جي سماجي پهلوءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا. سماجي طور نارمل رويو شخصيت جي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. پر شاهہ لطيف چوي ٿو:

”چريو جنين چِتُ، ڏونگر سي ڏوريندين“

نارمل شخصيت ٿانيڪي هوندي آهي، جنهن ۾ لوچ پوچ ناهي هوندي. ان جي ڪرت ۾ صرف مايا جو موهہ آهي. پر شعور جي انتها ۾ هورا ڪورا ۽ من اندر بي انتها لوچ پوچ پيدا ٿيندي آهي. جنهن جي ڪابہ انتها يا سرحد ناهي.

”جي سمنڊ منهن ڪريان تہ سرڪيائي نہ ٿئي.“

اها هورا ڪورا ماڻهوءَ کي وجداني طور لامحدوديت (Infinity) ڏانهن وٺي ويندي آهي. پر عملي طور ماڻهو محدود زمان ومڪان ۾ قيد هوندو آهي، جنهن ڪري بي چيني وڌندي رهي ٿي. ازل جي بي چيني جو ڪو انت ناهي. جيئن شعور وڌندو پنهنجي اڌوري پڻ جو احساس وڌندو اندر جي ڪوٺ اجا گهري ٿيندي، ڇا مڪمل آدرش جو وجدان ٿي سگهي ٿو. يا وحدت جو وجدان ماڻهو کي ٿانيڪو ڪري سگهي ٿو.

پٺائيءَ جي بيتن ۾ اسان ڏسون ٿا تہ سسئيءَ کي هڪ جڳهہ تي احساس ٿيو تہ پنهون آئون پاڻ آهيان. بلڪ اندر ۾ ئي اهو سڀ ڪجهہ موجود آهي جنهن جي جستجوءَ ۾ سسئي پٽڪي رهي هئي.

”پنهون آئون پاڻ، سَسئي تان سور هئا“

يا سر مومل ۾ وري هي بيت ڏسو:

چوڏس چٽاڻو، ڳرهو ڪيڏنهن ڪاهيان،
منجهہ ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهہ ئي لُڊاڻو
راڻو ئي راڻو راڻي ريءَ ناهہ ڪِي.

پر ڪهاڻي اتي ختم نٿي ٿئي نہ سسئي واپس موٽي نہ وري مومل ماٺ ٿي ويئي. ڳولا جاري رهي. يعني وجدان جي ڪيفيت تجلو ڏئي ويئي، پر

زندگيءَ جو اڳيون لمحو وري شعور جو آهي، حيات جو آهي، جنهن ڪري ڳولا ختم نہ ٿي ، پر منزل ڪهڙي آهي؟ پنهون، يا راڻو اهو تہ تنهنجي اندر ۾ آهي؟ پوءِ اساڻ ڇا جي؟ سسئيءَ کي تہ واپس موٽي اچڻ گهرجي ها . پر منزل شايد ناهي آدرش شايد آهي ئي ڪونہ .

"الله اورانهون ڇڏي، پري پنڌ پيا،
بنا نالي سپرين، اجا کي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيو سَندرا"

(صادق فقير)

جيئن ڀٽائيءَ چيو هو تہ :

"جي قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين،
تهان پوءِ سڄن، واڏايون وصال جون."

**ڀٽائي جو فن ۽ وجدان:**

فن ۽ فڪر جو ڳانڍاپو ائين آهي، جيئن جسم ۽ جان جو. ٻنهيءَ کي ڌار نٿو ڪري سگهجي، فن ۽ فڪر جيستائين جمالياتي تاثر نٽا ڏين تيستائين وجداني ڪيفيت پيدا نٿي ٿئي. ڀٽائي جي بيتن ۾ ڪٿي اهڙي تاثراتي صورتحال پيدا ٿئي ٿي جو اڳيان ڇائنجي وڃي ٿي.

سوراڻتي سَڏُ، ڪري سڏُ سورن کي،
سورن ڀڳس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سين.

سور ۽ درد جي پنهنجي جماليات آهي ، جيڪي ماڻهوءَ جي ڪيفت کي هڪ نئون رنگ ڏين ٿا. هي بيت ڏسو:

ڏيکاريُس ڏُکَنِ گوندر گسُ پرينءَ جو
سُونهائي سورن، ڪئي هيڪاندي هوتَ سين،

اهي بيت وجداني طور فڪر جي گهرائي کي ڇهن ٿا. نفسياتدان چون ٿا تہ ماڻهوءَ جي اندر ۾ لاشعوري دباءَ ۽ مونجهارا ماڻهو کي پريشان ڪن ٿا، ماڻهو ۾ هڪ عجيب بي چيني جي ڪيفت پيدا ڪن ٿا، جي ماڻهو انهن مونجهارن کي تخليقي قوت ۾ تبديل ڪري سگهيو. تہ ٿانيڪو ٿي سگهي ٿو. پر جي انهن مونجهارن مان نڪري نہ سگهيو يا انهن کي ڪو بيو رخ نہ ڏئي سگهيو تہ ڊپريشن جو شڪار ٿي سگهي ٿو ڀٽائي

جو تخليقي نظريو صرف ايستائين ناهي، جو تہ ڀٽائي هن مايا جي سفر ۾ جز جي اڌوري پڻ جو اڪيلائي جو درد ڀوڳيو تنهن ڪري ڀٽائي ان درد جي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪو ذات جي اڌوري پڻ کان شروع ٿئي ٿو. ڀٽائي اوجداني طور انهيءَ ڪيفيت کي محسوس ڪري.

جي من ماھِ سي ناھِ، جي ناھِ سي ڏسن گهڻا

مُــوڙهو مــنجهہ وڳــا، هينئڙو نَولي ڍور جيئن (حسيني 12/9)

هيءَ ڪيفيت اهو محسوس ڪري سگهي ٿو جنهن اهو منظر ڏٺو هوندو. تہ وڳ ۾ ايندڙ نولو ڍور ڪيئن نہ واڙو بي چين ٿي ڦيرا ڏيندو آهي نہ ڪاڏو وٺيس نہ صبر اچيس.

هي بيت ڏسو:

ڪُنڍي ڪلين وچ ۾، جڏهن هنيائون،

موت نہ ماريائون، ڏور وجهي ويا ڏک جي.

هي اهي ڪيفيتون آهن جيڪي پنهنجي انتها جو وجداني اثر رکن ٿيون.

ساختيات پڄاڻان جي نظريي جي مبلغ جيڪ دريدا جو چوڻ آهي تہ ٻولي اظهار جو ذريعو ضرور آهي پر ٻولي مڪمل اظهاري نٿي سگهجي. جو تہ ڪيفيت کي لفظن ۾ سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻيو تہ جيڪي لفظ اسان ڳالهايون ٿا انهن کان وڌيڪ لفظ جيڪي نٿا ڳالهايون انهن جي معنيٰ اسان تي حاوي ٿي وڃي ٿي. مثال انور ڏاڍو سنو ماڻهو آهي. جنهن جو مطلب تہ باقي ٻيا ماڻهو سنا ناهن صرف انور سنو آهي! اهڙيءَ طرح رابطي لاءِ لفظن کان وڌيڪ سندن ضدن جي بنياد تي نہ ڳالهايل لفظ اهم آهن.

وجدان جو بنياد در اصل اهو ئي آهي تہ اڻ ٻڌل، اڻ سمجهيل ۽ اڻ چيل پيغام جيڪو جنهن جو ڪو بہ ضد ناهي جو تہ لفظ عقل ۽ شعور جي تابع آهن منجهن ضد جو فلسفو موجود آهي. پر وجدان بغير لفظي اظهار ڪرڻ جي ماڻهو کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي وڃي ٿو. ڪيٽس واري ڳالهہ تہ گيت اهو ئي سنو آهي جيڪو اسان اجا ٻڌو ناهي، يا وري شاعر اٽي ڳالهہ تہ ڪوئي اڻ ڄاڻ گيت، ڪو اڌورو سپنو ڪو عدم ۾ گم ٿيل آدرش هميشہ ماڻهو کي پاڻ ڏانهن سڏيندو آهي.

شاهہ جي بيتن پڙهڻ کان پوءِ اهو محسوس ٿئي ٿو تہ شاهہ نہ صرف معنيٰ کي اظهاريو آهي بلڪ روح جو روح تائين اظهار وجداني طور ڪيو آهي. وري هنن بيتن جي سٽن کي ڏسو:

"گرهه هئي ڪانہ هئو نظارو نينهن جو"

—

"پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چُئان"

—

"اندر ايءَ اهنج، سانڍجُ سڪائون ڪري"

"ستين ڪهڙي سار، وڃ ڪوندئي ويسرا،

تو جيڏا تو يار، لهرن لهوارا ڪيا."

معنوي انداز سان اظهار ڪرڻ ۽ وجداني اظهار ڏيڻ ۾ وڏو فرق آهي. معنوي انداز ۾ بحث آهي، تنقيد آهي، عقلي ونڊ ورڇ آهي، پر وجدان جي اڳيان حيراني ۽ خاموشي آهي جيڪا عرفان کي ڇهي ٿي.

صوفي حقيقت تائين رسائيءَ لاءِ بي چين هوندو آهي، جيڪو شعور جي انتها تي پهچي مابعد الطبعات جي اڻ تڻ ۾ پريشان ۽ حيران ٿئي ٿو. حيراني کان شروع ٿي حيرانيءَ تي پهچڻ ئي صوفيءَ جو رستو آهي. پهرين حيراني سان علم شروع ٿئي ٿو ۽ حيراني وجدان کان ٿانيڪي ٿئي ٿي.

لطيف پنهنجي جز واري بي پناهہ بي چينيءَ کي ٿانيڪو ڪرڻ لاءِ موسيقيءَ ۾ پناهہ ورتي، ڇو تہ سماع جي محفل هجي ڌمال هجي يا مراقبو سيني ۾ بي چين وجود جي اڇل کي ٿانيڪو ڪرڻ ۽ وحدت سان جوڙڻ جو ذريعو موجود آهي. جڏهن بي خودي جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي، پاڻ وساري ڇڏجي ۽ صرف هو رهجي وڃي.

"ميهار مرڻ سين، نيئر پاتم نينهن جا"

## حوالا:


1. قاضي، نذر السلام ”فلسفي ڪي بنيادي مسائل“
2. ساڳيو
3. سنڌي، حميد، ’پنهنجي ڄڃ ۾ ڄل‘، ڪتاب ”سچل سارو سچ“ سهڙيندڙ: ڊاڪٽر نواز علي شوق، صفحو 76 سنڌ گريجوئيٽ اسوسيئشن ڪراچي 1989ع
4. فهميده حسين ڊاڪٽر، ”ادب تنقيد، فن ۽ تاريخ“ سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي 1997 ع صفحو 50 کان 53
5. Henry Bergson "Intuition and its role in Strategy thinking" Translated by Gisle Henden Publisher BI Norwegian School of Management Po B 580 Sandvika. Department of strategy and logistics.2004
6. ميمڻ، عبد المجيد سنڌي، ”شاهه ڪريم جو ڪلام“ روشني پبليڪيشن ڪراچي. 1995ع صفحو 42
7. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ وجدان“ ڪلاچي ريسرچ جرنل صفحو 07 _ 14 شاهه عبد الطيف ڀٽائي چيئر، يونيورسٽي آف ڪراچي جلد 12 شمارو 01 جون 2009ع
8. ابڙو، جمال، مهاڳ: ”هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون“ ڊاڪٽر فهميده حسين صفحو 8 _ سنگم پبليڪيشن ڪراچي، 2013ع
9. لغاري، حيدر علي ”اندر ملهه اَمُلهه“ نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1998ع صفحو 15
10. شيخ، ٻانهون، خان ”شاهه جو رسالو“ شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2002ع.

مدد علي سنڌي

[اديب ۽ محقق]

# حيدر ڪلوچ: سنڌ جو مشهور فارسي گو شاعر

## Hyder Kaloch: Famous Persian Poet of Sindh

**Abstract:**

Hyder Kaloch is one of those Persian poets of Sindh who have been quoted outside of Sindh in various histories of India and Iran. He also had an anthology to his credit. He, originally, was from Hirat, and migrated to Sindh during the peak days of Mirza Shah Hasan Arghun. He lived in Thatta for some time and spent last days of his life in Paat and passed away there. Even though, there is no manuscript of his poetry available in Sindh, but references of his poems can be found in the historical books of Iran and India. His anthologies can be found in various famous libraries of the world. This shows he was a famous and big poetic name.

Kaloch composed poetry all his life, which consisted thousands of couplets, odes, eulogies, and other forms. People, keenly, had many copies of his anthology prepared after his death. Even the Qasmi library of Paat itself has a copy of his complete poetic collection. This library was set ablaze in an attack during Moghul Empire, and Hyder's anthology was also burnt. Some copies went through the cracks of cruel times. This paper throws light on his life and work from various angles.

سنڌ جي جن فارسي شاعرن جو سنڌ کان ٻاهر هندستان ۽ ايران جي مختلف تاريخن ۾ ذڪر ملي ٿو اُنهن مان هڪ جو نالو آهي: "حيدر ڪلوچ."

ڪلوچ، صاحبِ ديوان شاعر هو. اصل هرات جو رهواسي، بعد ۾ ميرزا شاهه حسن ارغون جي دور ۾ سنڌ ۾ لڏي آيو. ڪجهه وقت ٺٽي ۾ رهيو، زندگيءَ جا آخري ڏينهن پاٽ ۾ گذاريا ۽ اُتي ئي وفات ڪري ويو. هن وقت جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ جو ڪو به قلمي نسخو سنڌ ۾ موجود ڪونهي، پر سندس شاعريءَ جو ذڪر هندستان ۽ ايران جي تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو. دنيا جي ڪيترن ئي مشهور ڪتبخانن ۾ اڄ به سندس شاعريءَ جا "ديوان" موجود آهن. اُن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هو پنهنجي دور جو وڏو ۽ مشهور شاعر هو.

## ڪلوچ جو اصل وطن ۽ سندس زندگيءَ جو احوال:

افغانستان جي اتر اولهہ ۾ اڄ بہ هرات جي نالي سان مشهور شهر موجود آهي. صديون اڳي هي شهر خراسان ۾ شامل هو. ڇاڪاڻ تہ هرات هندستان ۽ چين ڏانهن وڃڻ جي لنگهہ تي واقع آهي، ان ڪري اُن دور ۾ بہ اهم واپاري ۽ فوجي مرڪز هو. 41 هہ (661ع) ۾ اموي دور ۾ عربن هن شهر کي فتح ڪيو. 782 هہ (1380ع) ۾ تيمورلنگ اُن کي ترقي وٺرائي. 874 هہ (1468ع) ۾ تيموري خاندان جي آخري بادشاهہ ابو الغازي سلطان حسين بايقرا جي دور ۾ هرات وڏو عروج ماڻيو. سلطان پنهنجي دور ۾ علم ۽ ادب کي زور وٺرايو ۽ هڪ عاليشان مدرسي کان سواءِ ڪيترين ئي عمارتون پڻ اڏايون. اُن جي دور جا ڪيترائي وڏا شاعر سندس دربار سان لاڳاپيل هئا. فارسي ۽ ترڪي ٻوليءَ جو وڏو شاعر مير علي شير نوائي سندس خاص وزير هوندو هو. نوائيءَ جا فارسي شاعريءَ ۾ چار ديوان موجود آهن. تنهن کان سواءِ مشهور فارسي شاعر مولانا عبدالرحمان جامي، عبدالله هاتفي، شيخ الاسلام سيف الدين احمد، ملا شيخ حسن، ملا محمد بدخشي، ملا مسعود شيرواني، ڪمال حسين گزگاهي، انوار سهيلي ۽ روضتہ الشهداءِ جو منصف ڪمال الدين حسن بن علي واعظ ڪاشفي، مير خوند ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر، مؤرخ، مصور ۽ خطاط سندس دربار جا اهم رڪن هئا. خود بايقرا پاڻ بہ شاعر هو. ترڪي زبان ۾ سندس ديوان موجود آهي، جيڪو 1949ع ۾ استنبول مان شايع ٿيو. سام ميرزا پنهنجي ڪتاب ”تحفتہ سامي“ ۾ سلطان جي هڪ تذڪري ”مجالس العشاق“ جو ذڪر ڪيو آهي. (تحفة سامي: سام ميرزا (ڇاپو 1914ع پٽنہ) پر بابر پنهنجي آتم ڪٿا ”تزڪ بابري“ ۾ سلطان کي شاعر نہ مڃيندي، اُنهي ڪتاب جو اصل ليکڪ ڪمال حسين گزگاهي کي مڃي ٿو.

اهڙي ئي علمي ۽ تاريخي شهر هرات ۾ حيدر ڪلوچ نائين صدي هجريءَ ۾ پيدا ٿيو. افسوس تہ ڪيتري جاکوڙ ڪرڻ جي باوجود بہ تذڪره جي ڪتابن ۾ ڪلوچ جي پيدائش جي تاريخ ڪا نہ ٿي ملي. ڪي تذڪره نويس، ڪلوچ کي شاهہ اسماعيل صفويءَ (1523_1486ع) جي دور ۾ پيدا ٿيل ڏيکارين ٿا، پر ان سلسلي ۾ بہ اختلاف آهي. شاهہ اسماعيل صفوي 892 هہ (1486ع) ۾ ڄائو ۽ 38 ورهين جي ڄمار ۾ سال 930 هہ (1523ع) ۾ مارجي ويو. جيڪڏهن ڪلوچ اسماعيل صفويءَ جي دور ۾ پيدا ٿيو تہ هو سال 911 هہ (1505ع) ۾ خراسان جي بادشاهہ سلطان بديع الزمان جي دربار جو شاعر ڪيئن بڻيو؟ يقيناً 911 هہ (1505ع) ۾ جڏهن هڪ سال لاءِ بديع الزمان هرات جو بادشاهہ

ٿيو تہ اُن وقت ڪلوچ جي عمر ايتري تہ هئي، جو هو بادشاهہ جو درٻاري شاعر ٿيو ۽ پنهنجي مخالف شاعر ۽ بزرگ مولانا هلالي جي خلاف شعر لکيائين. اُن وقت ڪلوچ جي عمر بهرحال 30 ورهين کان مٿي هئڻ گهرجي. ان لحاظ کان ڪلوچ جي جنم جو سال 881 هہ (1476ع) هئڻ کپي.

ڪلوچ بنيادي طور تي هڪ غريب گهراڻي جو فرد هو. ابتدائي سالن ۾ هو ڪليجي رڌڻ جو ڪم ڪندو هو. ان ڪري مٿس "ڪلونج" يا "ڪلوچ" جو لقب ٻڌجي ويو. دراصل اڄ بہ ايران جي مختلف سرحدي علائقن ۾ صبح جو سويل ٻڪري جي مُنڊي ۽ پاون رڌڻ وارن کي "ڪلونچ" ڪري سڏيو ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ "حيدر" اهي ٻئي ڪم ڪندو هجي، يا سندس خانداني پيشو اهو رهيو هجي، ان ڪري مٿس "ڪلونچ" يا "ڪلوچ" جو نالو پئجي ويو. البت هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "حيدر" اختيار ڪيو. اُن وقت شاعر گهڻو ڪري بادشاهن جي درٻار سان منسلڪ ٿي ويندا هئا، ان ڪري ڪلوچ بہ هرات جي بادشاهہ بديع الزمان ميرزا جي درٻار ۾ وڃي پهتو، جتي ٻيا بہ ڪيترائي شاعر اڳ ئي بادشاهہ جي مصاحبيءَ ۾ شامل هئا.

سال 913 هہ (1507ع) ۾ بديع الزمان، ازبڪ حاڪم محمد خان شيبانيءَ جي حملي وقت استر آباد ۾ پوءِ قنڌار پهچي ويو. تڏهن ڪلوچ هرات ۾ هو. بعد ۾ خراسان تي شيبانيءَ جو قبضو ٿيو تہ بہ لڳي ٿو تہ هن هرات نہ ڇڏيو. سن 917 هہ (1511ع) ۾ شاهہ اسماعيل خراسان جي حڪومت هٿ ڪئي تہ بديع الزمان وڃي سنڌ ۾ ٺٽي جي حاڪم سلطان فيروز بن ڄام نظام الدين سمي وٽ پناهہ ورتي. پر ڪلوچ ساڻس گڏ نہ ويو ۽ هرات ۾ رهي پيو. اُهو زمانو نهايت ئي پرآشوب هو. ڪلوچ بنيادي طور تي هڪ حساس شاعر هو. هن هرات ۽ خراسان جي مسلسل لڙاين، رتوڇاڻ ۽ پنهنجي ولي نعمت بديع الزمان کي اقتدار تان هٽندي ۽ دربدري ٿيندي ڏٺو. هن جي اکين آڏو ازبڪ حملي آور محمد خان شيباني هرات ۾ 23 مئي 1507ع تي داخل ٿيو ۽ پنهنجي محسن بديع الزمان جي ڀاجائي ۽ ميرزا مظفر جي خوبصورت زال خانزاده بيگم جي محل ۾ ڪاهي پيو. اُن وقت هوءَ عدت ۾ ويٺل هئي، پر ڇاڪاڻ تہ هوءَ بيحد خوبصورت هئي، ان ڪري عدت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي شيباني ساڻس نڪاح ڪيو. انهيءَ عمل يقيناً شاعر کي رنجايو هوندو. شيبانيءَ جي ڀائٽي عبيدالله خان ازبڪ، بديع الزمان جي درٻاري ۽ مشهور

شاعر مولانا بدر الدين هلالي چغتائي استر آباديءَ کي بيدرديءَ سان 936 هه (1529ع) ۾ مارائي ڇڏيو. ان واقعي جي ڪري نفيس شاعر جي دل هرات کان جهڙوڪر پچي پئي. ان وچ ۾ لڳي ٿو ته سندس مالي حالتون به بهتر نه هيون. 930 هه (1523ع) ۾ شاهه اسماعيل صفوي فوت ٿيو ته سندس ڏهن سالن جو پٽ شاهه طهماسپ ايران جي تخت تي ويٺو. ڪلوچ هڪ قصيدو طهماسپ جي شان ۾ چيو جيڪو بادشاهه کي پڙ ڏاڍو وڻيو پر سندس مالي مشڪلاتون حل نه ٿيون.

**سنڌ ڏانهن آمد**:

اهڙين حالتن کي ڏسندي مايوس ٿي ڪلوچ پنهنجي والده کان اجازت وٺي سنڌ جو رخ ڪيو. اُهو دور اهڙو هو جنهن ۾ ارغونن جي ظلم سبب سنڌ جا ڪيترائي هاڪارا عالم ۽ عزتدار ماڻهو سنڌ مان لڏي رهيا هئا. ته ساڳئي وقت خراسان جا ڪيترا شاعر ۽ عالم بخت آزمائيءَ لاءِ سنڌ پهچي رهيا هئا. سنڌ تي ميرزا شاهه حسن جي حڪمراني هئي. اُن وقت سنڌ ڏي لڏي آيل عالمن ۾ مير محمود المعروف به شيخ ميرڪ، شيخ مير محمد، شيخ عبدالوهاب پوراني، شاهه قطب الدين، شاهه محمود بن شاهه طيب، سيد مير ڪلان، مخدوم محمود ضمير پوراني، مولانا عبدالعزيز ابهري، مولانا يونس سمرقندي، شاهه جهانگير هاشمي، مولانا فخري هروي ۽ نيازي بخاري سمرقندي شامل آهن.

اُهو دور ميرزا شاهه حسن ارغون جي عروج جو هو. شاهه حسن پنهنجي پيءُ شاهه بيگ جي وفات کان پوءِ سال 928 هه (1521ع) ۾ سنڌ جو والي ٿيو. ڪل 34 ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪيائين ۽ 962 هه (1554ع) ۾ گذاري ويو.

ڪلوچ، شاهه حسن جي عروج جي وقت ۾ نٽي ۾ آيو. اُهو وقت لڳي ٿو ته 932 هه (1525ع) جو ڏهاڪو هوندو. ڪلوچ نٽي ۾ ڪيترو وقت رهيو ۽ ڪهڙي سال لڏي وڃي پاٽ وسايائين، اهو سڀ ڪجهه ماضيءَ جي اونداهه ۾ گم آهي. بهرحال تاريخ اهو ضرور ٻڌائي ٿي ته ڪلوچ شاهه حسن جي دربار سان منسلڪ ٿيو. سندس شان ۾ قصيدا به لکيائين ۽ بعد ۾ نٽي کي خيرباد چئي وڃي پاٽ ۾ رهيو. "پاٽ"، جنهن جو نالو تاريخ ۾ اسان کي "پاتر" ملي ٿو ڪنهن دور ۾ سنڌو درياءَ جي ڪناري تي هڪ اهم بندرگاهه ۽ ملتان ڏانهن ويندڙ شاهي سڙڪ تي واقع هو. اُن وقت پاٽ سڪيو ستابو علائقو هو. نه ڇڙو اُتي هر مهل سک ۽ شانتي هئي، بلڪ پاٽ جي علائقي ۾ اناج جي

ڪڍهن بہ اٽاٽ ڪا نہ هئي. سنڌ ڏانهن ڪاهيندڙ انيڪ حملي آور حاڪم توڙي پناهہ جي ڳولا ۾ پتڪندڙ حڪمران پاٽ وٽان لنگهيا آهن. ميرزا شاهہ حسن جي پاٽ ۾ وڏي جاگير هئي. اهو ئي سبب هو جو جڏهن ڪلوچ شاهہ جي دربار جي ماحول ڪان بيزار ٿي وڃڻ جي اجازت گهري ته شاهہ ڪيس پاٽ ۾ وڃي رهڻ جي صلاح ڏني ۽ ڪلوچ لڏي وڃي پاٽ ۾ رهيو. سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي تہ ڪلوچ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ورهيہ پاٽ ۾ رهيو هوندو. چاڪاڻ تہ جنهن وقت خوشحال پاٽ ارغونن جي تباهہ ڪارين ڪان بچيل هو تہ اهو 1530ع ڪان 1550ع جو دور هو. انهيءَ ئي دور 1541ع (948هہ) ۾ همايون اچي سنڌ ۾ پناهہ ورتي. اُن وقت پاٽ جي سڪئي ستابي هئڻ جي شاهدي اسان ڪي ملا عبدالقادر بدايونيءَ جي ڪتاب "منتخب التواريخ" ۾ ملي ٿي. ملا لکي ٿو تہ: "شاهہ حسن، همايون ڪي ڏيڪارڻ لاءِ هٽرادو ڏڪار پيدا ڪيو پر اُن جو اثر پاتر تي نہ پيو. پاتر (پاٽ) ۾ اناج بنهہ سستو هو ان ڪري هن پنهنجي پاءُ ميرزا هندال ڪي حڪم ڏنو تہ هو لشڪر لاءِ اناج هٿ ڪرڻ لاءِ پاتر هليو وڃي." اهڙي سرسبز علائقي جو وايو منڊل شاعر ڪلوچ ڪي ڏاڍو وڻيو. شهر جي ٻاهران اُن وقت ٽن بزرگن پير حاجي اسماعيل، پير معصوم ۽ پير پني جو مقبرو واقع هو. اهو مقبرو اج بہ پاٽ پراڻيءَ جي دڙي لڳ اُتر اولهہ طرف ۽ موجوده پاٽ ڪان هڪ ڪلوميٽر پرتي موجود آهي. اهو ئي تاريخي مقبرو آهي، جنهن ۾ همايون پهريون پيرو حميده بيگم ڪي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو هو. همايون پاٽ ۾ 13 جولاءِ 1541ع تي پهتو ۽ لڳاتار چاليهہ ڏينهن اُتي رهي پيو. اُتي ئي اٺاري ڏينهن 23 آگسٽ 1541ع تي حميده بيگم سان شادي ڪيائين ۽ 3 ڏينهن رهي 26 آگسٽ 1541ع تي پنهنجي نئين ڪنوار ۽ لشڪر سان روهڙيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو. اهڙي تاريخي شهر ۾ سدائين وهندڙ سنڌو درياءَ جي پُر فضا وايو منڊل ۾ ڪلوچ زندگيءَ جا پرسڪون ڏينهن ويهي گهاريا، جتي هو 959هہ (1551ع) ۾ گذاري ويو ۽ اُتي ئي دفن ٿيو. سندس وفات کي ساڍا چار سؤ ورهيہ لنگهي ويا آهن. اج پراڻي پاٽ بہ باقي نہ رهي آهي، نہ وري سندس قبر جو ڪو نالو نشان موجود آهي، پر سندس شاعريءَ جي حوالي سان سندس نالو هميشہ لاءِ قائم آهي.

**حيدر ڪلوچ جا ديوان**:

ڪلوچ سڄي حياتي شاعري ڪئي، جيڪا هزارن بيتن، قصيدن ۽ غزلن تي مشتمل هئي. سندس شاعريءَ جا ڪيترائي ديوان سندس مرڻ ڪان پوءِ ماڻهن شوق مان

نقل ڪرايا. خود پاٽ جي قاسمي ڪتبخاني ۾ ڪلوچ جو مڪمل ديوان موجود هو. مغلن جي دور ۾ اهو ڪتبخانو هڪ حملي ۾ ساڙيو ويو جنهن سان گڏ ديوان ڪلوچ بہ سڙي رکي ٿي ويو. ڪجهہ نسخا زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ويا. البت سندس ڪجهہ شاعري مختلف تذڪرن ۾ موجود آهي. هن وقت ڪلوچ جي ديوان مان چونڊ شاعريءَ جا چار قلمي نسخا دنيا جي مختلف ڪتبخانن ۾ رکيل آهن.

(الف) هڪ خطي نسخو ڪلڪتي ۾ رائل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ رکيل هو جيڪو هاڻ نيشنل لائبريري ڪلڪتي جي بوهار سيڪشن ۾ موجود آهي. اُن جو ڪئٽلاگ نمبر 473 آهي. هن نسخي ۾ ڪل 40 ورق آهن. بہ صديون اڳ جو لکيل آهي.

(ب) ٻيو قلمي نسخو بهار جي شهر پٽنا ۾ ”خدا بخش لائبريري“ ۾ رکيل آهي.

(ج) ٽيون قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ جي ”شيراني ڪليڪشن“ ۾ رکيل آهي. اهو نسخو ”صالح بن ميرڪ“ جي هٿ جو لکيل آهي. سهڻي خوشخطيءَ ۾ لکيل انهي ديوان جا شروعاتي صفحا رنگين حاشين سان لکيل آهن.

(د) چوٿون نسخو برٽش لائبريري لنڊن ۾ رکيل آهي. انهيءَ نسخي جي مائڪرو فلم مشهور محقق حفيظ هوشيارپوري مارچ 1957ع ۾ لنڊن کان ڪراچي ڪٺي آيو هو. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادبي بورڊ ”ديوان حيدر ڪلوچ“ ترتيب ڏيڻ جو ڪم سندس حوالي ڪيو هو.

**ڪلوچ جو فارسي تذڪرن ۾ ذڪر:**

**تحفتہ سامي:**

ڪلوچ جو سڀ کان پهريائين ذڪر اسان کي سام ميرزا (948ع 923 هہ) جي ڪتاب ”تحفتہساميءَ“ ۾ نظر اچي ٿو. سام ميرزا شاهہ اسماعيل صفوي جو ننڍو پٽ هو. ميرزا فارسي شاعرن جو هي تذڪرو 957 هہ ۾ لکي پورو ڪيو. ان وقت حيدر حيات هو ۽ پاٽ ۾ آخري ڏينهن گهاري رهيو هو. ڪلوچ جي وفات کان 2 ورهيہ اڳ جي لکيل هن تذڪري ۾ ميرزا لکي ٿو تہ ”ڪلوچ اڻ پڙهيل هو. هو خود پنهنجو شعر سمجهي نہ سگهندو هو.“ ان سلسلي ۾ سندس هڪ شعر مثال طور ڏئي ٿو:

طوطی صفت حیران آن رویم
کہ مگویم سخن امانمی دائم

چہ مگويم

میرزا سام لکي ٿو تہ ڪلوچ جي شعرن جو تعداد ويھ هزار آهي.

تحفتہ سامي 1314 ھ (1893ع) ۾ تهران مان شايع ٿيو تنهن کان سواءِ پٽنا مان پڻ 1914ع ۾ ڇپجي چڪو آهي. ڪتاب جي صفحي 114 ۽ 115 تي ڪلوچ جو ذڪر آيل آهي.

**خلاصتہ الاشعار**:

ڪلوچ جي وفات کان 26 ورهيہ پوءِ تقي ڪاشي 985 ھ (1577ع) ۾ پنهنجي لکيل تذڪره "خلاصتہ الاشعار" ۾ سندس ذڪر ڪري ٿو. اهو ئي عالم اسان کي سندس وفات جي سال کان واقفيت ڏئي ٿو. ڪاشيءِ موجب ڪلوچ 959 ھ (1551ع) ۾ پاٽ ۾ وفات ڪئي.

تقي ڪاشي 956 ھ ۾ ڪاشان ۾ پيدا ٿيو ۽ 985 ھ 1034ع ۾ اهو تذڪرو ڇئن جلدن ۾ مرتب ڪيائين. بعد ۾ 993 ھ ۾ پنجون جلد بہ تيار ڪيائين. ڪاشي عمر جي آخري حصي ۾ هندستان ۾ آيو هو. هن پنهنجو اهو تذڪرو ابراهيم عادل شاهہ بيجاپوري (988ع — 1037 ھ) جي نالي منسوب ڪيو. انهيءَ تذڪري جا مختلف جلد مشهور ڪتبخانن ۾ موجود آهن.

**مجمع الفضلا**:

هڪ ٻئي عالم محمد بقائي، ڪلوچ جي وفات کان 31 ورهيہ پوءِ پنهنجي تذڪري "مجمع الفضلا" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. حيدر جي وفات کان ٽيڪ 50 ورهين کان پوءِ سندس همعصر شاعر مولانا بدر الدين هلالي جي حوالي سان بقائي لکي ٿو: "جڏهن هلالي هرات جي شهزادي بديع الزمان کي پنهنجي مشهور مثنوي، شاهہ و گدا، بادشاهہ درويش، لکي پيش ڪئي تہ شهزادي خوش ٿي انعام طور شاعر کي سندس ئي خواهش موجب هڪ خوبصورت غلام انعام طور ڏنو. انهيءَ تي ڪلوچ ڪاوڙ وچان هي قطعو شهزادي کي پيش ڪيو:

شها! ڪامگارا! پئي خام مانت،
فرستاده شدزين دعاگو پيامي،
هلالي، غلام طلب کرد و دادي،
مراهم بده چون هلالي، غلامي.

بقائي اصل بخارا (خراسان) جو رهواسي هو. اڪبر جي دور ۾ 985 هه (1577ع) ۾ هڪ سال لاءِ هندستان آيو. مرزا عبدالرحيم خان خانان ۽ ”طبقات اڪبري“ جي مولف خواجه نظام الدين احمد بخشيءَ جي ملازمت ۾ ڪم ڪيائين. هي تذڪرو 1000 هه (1591ع) ۾ لکي پورو ڪيائين. سندس شاعريءَ جو ديوان 1959ع ۾ اسٽالن گراڊ مان شايع ٿيو آهي، جڏهن ته ”مجمع الفضلا“ جو قلمي نسخو هن وقت پنجاب يونيورسٽي جي لائبريري ۾ رکيل آهي.

**منتخب التواريخ:**

ڪلوچ جي مشهوري هند، سنڌ ۽ ايران تائين پکڙيل هئي. اُن جو ثبوت اهو آهي جو سندس رحلت جي 45 ورهين کان پوءِ شاعرن جي محفلن ۾ سندس ذڪر ٿيندو هو. مثال طور مولانا عبدالحامد بدايوني ”منتخب التواريخ“ ۾ ڪلوچ جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

شعر رنگارنگ طبع رکچ حیدر کلوچ،
ہمچناں سرى زند کز تو ده انبار گل۔

بدايونيءَ پنهنجو ڪتاب 1004 هه (1995ع) ۾ لکي پورو ڪيو جڏهن ته ڪلوچ جي وفات 959 هه (1551ع) ۾ ٿي. اهو شعر محمد ابن ڪاتبي نيشاپوريءَ جو آهي.

**تذڪرة احباب:**

هي تذڪرو سيد بهاؤ الدين نثاري هرات ۾ 1005 هه (1596ع) ڌاري مرتب ڪيو. برلن جي لائبريريءَ ۾ اُن جو قلمي نسخو رکيل آهي، جتابن جناب پير حسام الدين راشدي اُن جي مائڪرو فلم گهرائي هئي. خبر ناهي ته اُها حفيظ هوشيارپوريءَ جي ڪتبخاني سان گڏ ضايع ٿي وئي يا پير صاحب جي ڪتبخاني سان گڏ اسلام آباد وڃي پهتي! 1966ع ۾ اهو ڪتاب حيدرآباد دکن مان شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڪلوچ جو مختصر احوال ڏنل آهي.

**تاريخ معصومي:**

ڪلوچ جي وفات کان 50 ورهيه پوءِ مير معصوم بکري 1009 هه (1600ع) ۾ ”تاريخ معصومي“ ۾ سندس ذڪر ڪيو. ميرزا شاهه حسن ارغون جي ڪجهه شاعرن جي ذڪر ۾ لکي ٿو ته ”ڪلوچ مشهور شاعر ۽ صاحب ديوان هو. هو سنڌ ۾ اچي رهيو هو. سندس مرزا پاتر ۾ آهي.“ ڪلوچ جو هڪ مطلع ”دلا مجنون....“ نموني طور پڻ ڏنو اٿس.

**مجمع القصائد**:

هن قلمي نسخي جو مرتب محمد حسين بن عبدالعزيز الحسيني العرب شاهي آهي. باڊلين لائبريري آڪسفورڊ ۾ رکيل هن مخطوطي جو ڪيٽلاگ نمبر 1215 آهي. هن نسخي جي 203 صفحي تي ڪلوچ جو قصيدو ڏنل آهي.

**عرفات العاشقين**:

تقي الدين محمد الحسيني اصفهاني المعروف بہ تقي اوحدي، اصل اصفهان جو رهواسي هو. هي تذڪرو آگري ۾ 1024 هہ (1615ع) ۾ لکي پورو ڪيائين. هن ڪتاب ۾ ڪلوچ جو ذڪر آهي.

**نظم گزيده**:

مولف خواجہ محمد صادق فرحت تبريزي هي تذڪرو 1030 هہ (1620ع) ۾ لکيو. هن ڪتاب جا نسخا اڻلڀ آهن.

**يدبيضا**:

فارسي ۽ سنسڪرت جي عالم مير غلام علي "آزاد" بلگرامي هي تذڪرو 1147 هہ (1734ع) ۾ اُن وقت لکيو جڏهن مير صاحب سيوهڻ ۾ وقائع نگار هو. هن ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ ڪلوچ جي ديوان ۾ ڏهہ هزار بيت، غزل ۽ قصيدا موجود آهن. (هي نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.)

**منتخب الاشعار**:

مختلف شاعرن جو هيءُ تذڪرو محمد علي مبتلا بن محمد مشهدي سال 1161 هہ (1747ع) ۾ مرتب ڪيو. باڊلين لائبريريءَ ۾ رکيل نسخي جو ڪيٽلاگ نمبر 379 آهي. پنجاب يونيورسٽي ڪتبخاني جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ پڻ موجود آهي. رامپور ۾ پڻ هن نسخي جي هڪ ڪاپي موجود آهي.

**حديقہ غلبا**:

مير علي شير قانع جي لکيل هن تذڪري ۾ ڪلوچ جا بہ قصيدا ۽ ڪجهہ بيت ڏنل آهن. 1166 هہ (1752ع) ۾ لکيل هن ڪتاب جو قلمي نسخو (262 صفحا) سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. ان جي هڪ ٻي ڪاپي پير حسام الدين راشدي صاحب وٽ پڻ هئي.

**مقالات الشعراء**:

قانع جي "مقالات الشعراء" ۾ ڪلوچ جو مختصر ذڪر ۽ نموني طور سندس

شاعري جون چار ستون ڏنل آهن. قانع 1174 هه (1760ع) ۾ هي ڪتاب لکيو. ان کي پير حسام الدين راشدي صاحب ايڊٽ ڪري 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو.

**تحفته الڪرام**:1174ع ۾ لکيل قانع جي هن ڪتاب ۾ به ڪلوچ جو ذڪر آهي.

**صحف ابراهيم ۽ خلاصته الڪلام**:

فارسي شاعرن جو سڀ کان وڏو تذڪرو "صحف ابراهيم" آهي، جيڪو نواب امين الدوله عزيز الملڪ علي ابراهيم عرف خانبهادر نواب علي ابراهيم 1198 هه (1783ع) ۾ لکي پورو ڪيو. اُن جي ص 234 تي ڪلوچ جو ذڪر آيل آهي. هن تذڪري جو اصل نسخو برلن جي ڪتبخاني ۾ رکيل آهي، جنهن جي مائڪرو فلم 1956ع ۾ پير حسام الدين راشدي صاحب گهرائي هئي. هن تذڪري ۾ 3178 شاعرن جو ذڪر آهي. صحف ابراهيم جي هڪ ڪاپي پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ ۾ پڻ موجود آهي. نواب ابراهيم اصل بنارس جو رهواسي هو. هن هڪ ٻيو تذڪرو "خلاصته الڪلام" جي نالي سان پڻ مرتب ڪيو هو. جنهن ۾ 78 شاعرن جي مثنوين کي شامل ڪيو هئائين. اهو تذڪرو ٻن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ 40 ٻئي ڀاڱي ۾ 36 شاعرن جو ذڪر ڪيو اٿس.

"صحف ابراهيم" ڊاڪٽر محمد باقر 1969ع ۾ مرتب ڪري ان جو پهريون ڀاڱو "ح" ڇپايو. مڪمل تذڪرو ٽن جلدن ۾ آهي.

**مخزن الغرائب**:

شيخ احمد علي بن شيخ غلام محمد مولوي محمد حاجي سنديلوي هي تذڪرو 1228 هه (1813ع) ۾ لکي پورو ڪيو. اهو قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لائبريريءَ جي "شيراني ڪليڪشن" ۾ رکيل آهي. هن ۾ ڪلوچ جي شاعري ڏنل آهي ۽ 3148 شاعرن جو ذڪر آيل آهي.

**خلاصته الافڪار**:

ابو طالب مغفور حاجي بيگ تبريزي اصفهاني لکنوي، هي تذڪرو 1207 هه (1792ع) ۾ لکي پورو ڪيو. اُن جي ص 70 تي ڪلوچ جو ذڪر آهي. ساڳئي تذڪري جي ورق 35 (حاشئي ۾) تي لکي ٿو ته وٽس ڪلوچ جي ديوان جو هڪ نسخو موجود آهي. ابو طالب 1176 هه ۾ لکنؤ ۾ پيدا ٿيو ۽ 1220 هه ۾ اُتي ئي وفات ڪيائين. 1799ع ۾ لنڊن به ويو هو جتي 5 ورهيه رهيو. واپس اچي سفر جو احوال فارسي ۾ "ميسر طالبي في بلاد افرنجي" جي عنوان سان لکيو هئائين. خلاصته الافڪار جو قلمي نسخو باڊلين

لائبريريءَ ۾ رکيل آهي. ان جو ڪئٽلاگ نمبر 391 آهي.

**فارسي شاعريءَ جو تذڪرو:**

فارسي شاعرن جو هي تذڪرو 1868ع ۾ ڪنهن شخص نالي امر (يا عمر) ترتيب ڏنو جنهن ۾ ڪلوچ جي چونڊ شاعري ڏنل آهي. اُن جو قلمي نسخو برلن ڪتبخاني ۾ هن ٽائٽل سان رکيل آهي.

Die Persischen Handschriften. K. Haft, Undastatas biblio theek in Munchen. Manchen 1868 By. J. Umer.

هن قلمي نسخي جي مائڪرو فلم جناب پير حسام الدين راشدي برلن مان گهرائي هئي.

**آتشڪده آذر:**

لطف علي آذر جي لکيل هن تذڪري ۾ ڪلوچ جي شاعريءَ سان گڏ سندس وفات جي تاريخ ڏنل آهي. تقي ڪاشيءِ کان پوءِ آذر به اسان کي ڪلوچ جي وفات بابت سُڌ ڏئي ٿو. ”آتشڪده آذر“ 1249 هه (1338ع) ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو. مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪتبخاني جو هيءُ ڪتاب مون پير حسام الدين راشدي صاحب وٽ (سانگيءَ جي صحيح سان) ڏٺو هو.

**شام غريبان:**

لڇمي نرائڻ نالي هڪ عالم فارسي شاعريءَ جو تذڪرو ”شام غريبان“ جي نالي سان 1197 هه (1782ع) ۾ مڪمل ڪيو. لڇمي نرائڻ اصل ۾ مير غلام علي آزاد بلگراميءَ جو شاگرد هو. اورنگزيب سان گڏ لاهور کان دکن آيو ۽ اورنگ آباد کي پنهنجو وطن ٺاهي ويهي رهيو. 22 ڪتابن جو مصنف هو. هيءُ مخطوطو پهرين حيدرآباد دکن جي ڪتبخاني ۾ موجود هو پوءِ جامع عثمانيه جي استاد محمد اڪبر الدين صديقي اُن کي مرتب ڪري ڇپرايو. پاڪستان ۾ انجمن ترقي اردو پاران 1977ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جي ص 72 تي ڪلوچ جو مختصر ذڪر ۽ سندس چونڊ شاعري ڏنل آهي.

**شاهان اُوڌ کي ڪتبخانيءِ فهرست مخطوطات اوڌ:**

مشهور عالم ڊاڪٽر اشپرنگر جڏهن 1847ع ڌاري لکنو ۾ اوڌ جي قلمي ڪتابن جي فهرست مرتب ڪري رهيو هو ته هن اتي ڪلوچ جو ديوان ڏٺو. هن پنهنجي ”فهرست مخطوطات اوڌ“ ۾ ديوان ڪلوچ جو مختصر احوال ڏنو آهي. هي ڪتاب 1854ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو. ص 112 تي ڪلوچ بابت ذڪر آهي.

**ديوان ڪلوچ جي نه ڇپجڻ جا ڪارڻ:**

سنڌي ادبي بورڊ 1957ع ۾ ”ديوان ڪلوچ“ مرتب ڪرائڻ جو ڪم جناب حفيظ هوشيارپوريءَ جي حوالي ڪيو. حفيظ صاحب ان کان اڳ ”مثنويات هير رانجها“ مرتب ڪري چڪو هو جيڪو ڪتاب 1957ع ۾ بورڊ شايع ڪيو هو.

ديوان ڪلوچ کي ترتيب ڏيڻ جي سلسلي ۾ حفيظ صاحب وڏي جاکوڙ ڪئي. پير حسام الدين راشدي صاحب دنيا جي ڪيترين ئي لائبريرين مان مختلف نسخن جون مائڪرو فلمون گهرايون هيون. لنڊن مان خود حفيظ صاحب به ڪجھ اهم مواد کڻي آيو هو. ان سلسلي ۾ حفيظ صاحب 14 مارچ 1957ع تي لنڊن مان راشدي صاحب ڏي لکيل هڪ خط ۾ لکي ٿو: ”هير رانجها جو مقدمو اڄ جوڀي صاحب کي موڪلي ڏنو اٿم. دير جو ڪارڻ نه پڇجو. اصل ۾ مان برٽش ميوزم ۾ حيدر ڪلوچ واري مسودي ۾ هٿ وجهي هڪ وڏيءَ محنت ۾ اچي ڦاٿس. اهو ڏاڍو ڏکيو ۽ صبر آزمائيندڙ ڪم نڪري پيو. اُنهيءَ مسودي کي ڏسڻ جو اهو ئي هڪ موقعو هو. اُن لاءِ مون اُن کي مقدمي کان وڌيڪ ترجيح ڏني.“

حفيظ هوشيارپوريءَ 25 اپريل 1960ع تي ڪراچيءَ مان راشدي صاحب کي لکيل هڪ ٻئي خط ۾ پڻ حيدر ڪلوچ جو ذڪر ڪيو آهي. ان مان لڳي ٿو ته حفيظ صاحب 1957ع کان وٺي جون 1960ع تائين ڪلوچ جي ديوان کي گڏ ڪرڻ واري ڪم ۾ مشغول رهيو. بعد ۾ خبر ناهي ته ڇا ٿيو جو اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. 18 ڊسمبر 1958ع کان وٺي 4 سيپٽمبر 1960ع تائين راشدي صاحب بيماريءَ سبب پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ وٽ منيلا ۾ رهيل هو. ان ڪري به ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪم مڪمل ٿي نه سگهيو هجي. بهرحال 1966ع ۾ حفيظ هوشيارپوري سخت بيمار ٿي پيو ۽ سندس وفات کان پوءِ نه فقط ”ديوان ڪلوچ“ جو ڪم رلي ويو بلڪ ڪلوچ بابت گڏ ڪيل شعري ۽ مفصل احوال زماني جي دستبرد ۾ گم ٿي ويو. رهي نالو الله جو!

**ڪلوچ جي شاعري ۽ ان جو اسلوب:**

سڀ کان اول سنڌ جي ڪنهن به تذڪري نگار، جهڙوڪ مير معصوم ۽ قانع پنهنجن ڪتابن ”تاريخ معصومي“، ”تحفته الڪرام“ ۽ ”مقالات الشعراءَ“ ۾ ڪلوچ جي مڪمل شاعري نه ڏني آهي، فقط ٻه ٽي بيت نموني طور شامل ڪيا آهن. البت قانع جي اٽيپيل ”حديقته غلبا“ ۾ ڪلوچ جا ٻه قصيدا (درمدح شاهه حسن)، (شتر حجره) ۽ ٽي مطلع شامل آهن.

پنجاب يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني جي ”شيراني ڪليڪشن“ ۾ موجود

ڪلوچ جو ديوان نظر مان ڪيڻ کان پوءِ اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ جيتوڻيڪ ڪلوچ جي شاعريءَ ۾ خيال ۽ سوچ جي اُڏام گهٽ آهي، پر سندس شعرن مان ڪٿي بہ اهو نہ ٿو محسوس ٿئي تہ هو ڪو ننڍو شاعر آهي. شاعر جي خيال ۾ شوخي ۽ اسلوب جي گهڻتائي آهي، پر ڳالهہ ڪرڻ جو بيان سادو ۽ عوامي اٿس. سندس غزلن ۾ انيڪ موضوع آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ شاعر جي زندگي ڏکوئيل هئي. هو پنهنجي پرينءَ جي ڏک ۾ روئي ٿو دانهون ڪري ٿو پنهنجي محبوب کي ڏسڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي، هن جو معشوق اهڙيءَ گهٽيءَ ۾ رهي ٿو جتان جو ڪُتو بہ هن کي ڏاڍو عزيز آهي. سروگل بيڪار آهن، هو وفادار آهي. پر هن جو محبوب ظالم آهي، رقيبن جو ساٿ ٿو ڏئي ۽ هن کي سِڪائي ٿو. ان ڪري سندس محبوب جي گهٽيءَ جو ڪُتو ئي سندس دل جو رازدار آهي، ۽ هُو بہ هاڻ چاهي ٿو تہ ويجي هُن جي گهٽيءَ جو ڪُتو بڻجي ويهي رهي. شاعر کي عشق ڪرڻ تي ڪنهن بہ قسم جو پڇتاءُ ڪونهي، بلڪ هن کي پنهنجي عشق تي فخر آهي، ان ڪري هو رسمي عشق کان پاسو ڪري ٿو ۽ اهو سمجهي ٿو تہ عشق جون سختيون ڏکيون آهن. بهرحال عشق کان ڪنڌ ڪيائڻ هن جي وس کان ٻاهر آهي.

ڪلوچ جي شاعريءَ مان محسوس ٿئي ٿو تہ سندس مالي حالتون بهتر نہ ٿيون. هرات ۾ هن روزگار لاءِ هٿ پير هنيا ۽ پوءِ هو سنڌ هليو آيو. اتي سندس مسئلو حل ٿيو يا نہ، اُن تي اڳ ئي بحث ڪري آيا آهيون. بهرحال هن جي شاعري مان اهو محسوس ٿئي ٿو تہ هن بيروزگاريءَ جي ڏکين حالتن ۾ بہ ڪڏهن دل ڪوسي نہ ڪئي. هڪ شعر ۾ هو چوي ٿو تہ: ”حيدر زندگيءَ جي گهٽيءَ ۾ اميد ڪڏهن بہ ناهي لاٿي. غم سان ڀريل دل هوندي بہ ڪڏهن مايوس ناهي ٿيو. هو غم نہ ٿو ڪري پر دل کي آزاد ٿو رکي ۽ زندگيءَ جي موجوده خوشين مان فائدو وٺي ٿو ۽ فقط زندگيءَ جي حال سان پنهنجو واسطو ٿو رکي. هن ڏکن سان ڀريل دنيا ۾ ڏک جي ڳالهين کان پاسو ڪرڻ گهرجي.“

# حوالا

**سنڌي**

1. بکري، معصوم تاريخ معصومي: سنڌي ادبي بورڊ 2006ع
2. قانع، مير علي شير، تحفته الڪرام: سنڌي ادبي بورڊ، چوٿون ڇاپو 1994ع
3. ساڳيو
4. مرزا، قليچ بيگ، قديم سنڌ ۽ اُن جا ماڻهو: سنڌي ادبي بورڊ 1999ع
5. وفائي، مولانا دين محمد، تذڪره مشاهير سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
6. تذڪره لطفي: لطف الله بدوي، آر. ايڇ. احمد برادرس، حيدرآباد 1952ع
7. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، تذڪره پوراني سادات: سکر هسٽاريڪل سوسائٽي، سکر 2001ع
8. تاريخ باب السلام: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، 2002ع

**انگريزي:**

9. Sadarangani, Harumal, “Persian Poets of Sindh”, Sindhi Adabi Board.(1957)
10. Catalogue of Persian Manuscripts in Bohar Libarary, colkata.

فارسي:

11. قانع، علي شير ’مقالات الشعراءِ‘: سنڌي ادبي بورڊ 1957ع
12. شام غريبان: نرائن لڇمي (1782ع) (انجمن ترقي اردو)
13. آتشڪده آذر: لطف علي آذر (ڪلڪتو 1838ع)
14. تحفہ سامي: سام ميرزا (ڇاپو 1914ع پٽنہ)
15. صحف ابراهيم: مرتب ڊاڪٽر محمد باقر، پنجاب يونيورسٽي پريس لاهور 1969ع (ڀاڱو پهريون)

اردو:

16. شاہاں اودھ کے کتب خانے: اشپرنگر
17. فہرست مخطوطات اودھ: اشپرنگر: مترجم محمد اکرم چغتائی (انجمن ترقی اردو کراچی ۱۹۷۳ء)
18. فہرست مخطوطات شیرانی: جلد اول۔ ۱۹۶۸ء۔
19. همایوں نامہ: گلبدن بی
20. گم مترجم: رشید احمد دهلوی ۱۹۸۵ء سنگ میل۔ لاہور)
21. منتخب التواریخ: ملا عبدالقادر بدایونی: مترجم: محمود احمد فاروقی۔ (شیخ غلام علی اینڈ سنز لاهور)
22. تزک بابری: ظهیر الدین بابر: مترجم: رشید اختر ندوی (سنگ میل لاہور)
23. پاکستان میں مخطوطات کی فہرست: عارف نوشاهی۔ مقتدره قومی زبان ۱۹۸۸ء
24. مخطوطات تاریخ: حکیم شمس الحسن قادری

**مخطوطات:**

25. حديقہ غلبا (فارسي): مير علي شير قانع (سنڌي ادبي بورڊ)
26. ديوان حيدر ڪلوچ (پنجاب يونيورسٽي لائبريري لاهور)
27. ذاتي خط (اردو) پير حسام الدين راشدي

**تاج جويو**

[اديب ۽ محقق]

# سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻاهريان ۽ اندريان خطرا ۽ اُپاءَ

## Internal & External Threats to Sindhi Language & Compensatory Measures

**Abstract:**

Language is the power of aspirations, feelings, thoughts, emotions, and standpoints of people; and a record of cultural, social & economic performance. It is a strong and effective medium of communication and connection between people.

Sindhi language is counted among the most ancient and developed languages of the world. However, Pakistan, since its existence, has been under the 'after effects' of the British rule. Consequently, sovereign Pakistani states have been deemed as 'colonies'. Neither a 'language commission' was formulated and languages of here were accepted as 'national languages', nor were they treated as per their historical and pre-existing status. Sindhi has been official and governmental language since British dominion.

In this paper, an attempt has been made to throw light on both internal & external threats, Sindhi language, is faced with.

ٻولي، ماڻهن جي سوچن، امنگن، احساسن، جذبن ۽ خيالن توڙي نظرين جي سگهه ۽ تهذيبي، سماجي ۽ اقتصادي ڪارڪردگيءَ جو رڪارڊ هوندي آهي، اُها ماڻهن ۾ رابطي ۽ ڳانڍاپي جو ممڪن، اثرائتو ۽ سگهارو ذريعو هوندي آهي.

ٻوليون، سازگار علمي، تهذيبي، اقتصادي ۽ صحافتي ماحول ۾ ترقي ڪنديون آهن ۽ مختلف علمن، هنرن، ايجادن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعن مان چاڻ وٺي، پنهنجن ڳالهائيندڙن لاءِ ڪشش، سهوليت ۽ آسانيءَ جو ڪارڻ بڻجنديون آهن. اخبارن، ريڊيو ٽيليويزن، ڊش، ٽيليفون، ٽيلي پرنٽر، فئڪس، سيٽلائيٽ، ڪمپيوٽر، مطلب ته سمارٽ ٽيڪنالاجيءَ جي سمورن ذريعن [آوازي صورت، تصويري صورت، متن (Text) جي صورت وغيره] جي اهميت، ٻوليءَ ۽ ٻوليءَ جي لکيل ۽ ڳالهايل لفظن سان قائم آهي. اُن ڪري ٻولي جيتري پُرڪشش، مؤثر، سگهاري، عام فهم، وقت ۽ حالتن جو ساٿ ڏيندڙ/ نمائندگي ڪندڙ هوندي، اوتري اُها اطلاعاتي ۽ ڪمپيوٽرائي ذريعي حاصل ٿيندڙ

ڄاڻ، پنهنجن ڳالهائيندڙن تائين پهچائي، سندن ٻوليائي ضرورتون پوريون ڪندي.

سنڌي ٻوليءَ جو شمار دنيا جي قديم ترين سڌريل ۽ اوسر ڪيل زبانن ۾ ٿئي ٿو جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ 15 هزارن سالن جي قدامت جو پسمنظر آهي، جنهن جي لکت جون علامتون موهن جي دڙي ۽ ٻين سنڌو سڀيتائي آثارن مان مهرن تي تحريري صورت ۾ مليون آهن[1]. موهن جي دڙي جي لکيت مان ئي خروشتي، برهمي، ديوناگري ۽ برصغير جي تمام گهڻين ٻولين جون لپيون يا رسم الخط (Scripts) جڙيا آهن. سنڌيءَ کي مختلف دورن ۾، هزارن سالن جو تعليمي، تدريسي، دفتري ۽ سرڪاري زبان جو پسمنظر آهي. انگريزن اُن جي موجوده آئيويتا کي معياري صورت 1853ع ۾ ڏيئي، 1857ع کان ان کي تعليمي ۽ سرڪاري ڪاروبار جي زبان قرار ڏنو. ڀارت سرڪار 1968ع ۾ ان کي آئين جي اٺين شيڊيول ۾ ’قومي زبان‘ جو درجو ڏنو[2]، ڇو تہ ورهاڱي کان پوءِ ڀارت سرڪار ’لئنگئيج ڪميشن‘ ٺاهي، رياستن / پرانتن جي ٻولين جو مسئلو حل ڪيو هو. اُتي سنسڪرت، اردو ۽ سنڌي کان خاص پرڳڻن جون زبانون نہ هئڻ جي باوجود، سندن قدامت کي ڏسي، اُنهن کي ’قومي زبانون‘ قرار ڏنو ويو هو.

ان جي برعڪس پاڪستان ۾ شامل خودمختيار رياستن کي ’بيٺڪن‘ طور ڏٺو ويو نہ ’لئنگئيج ڪميشن‘ ٺاهي، هتي جي ’قومي ٻولين‘ کي تسليم ڪيو ويو نہ ئي انهن جي تاريخي حيثيت ۽ اڳ موجود مقام کي قبول ڪيو ويو. جيتوڻيڪ انگريز دور کان لاڳو دستور موجب سنڌي ٻولي سنڌ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان رهي. پر پهرين ون يونٽ قائم ڪري، ۽ اُن دوران 1958ع ۾ ’شريف ڪميشن‘، جوڙي، سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ تدريس کي پنجين ڪلاس تائين محدود ڪري، اُن جي ذريعہ تعليم توڙي سرڪاري زبان وارو درجو ختم ڪيو ويو پر سنڌ جي ساڃهہ وند طبقي جي جدوجهد سان، 1962ع ۾ تڏهوڪي فيلڊ مارشل جي ڊڪٽيٽرشپ کي جُهڪڻو پيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي حيثيت قائم رهي، پر ون يونٽ موجود هئڻ ڪري ’سرڪاري زبان‘، واري حيثيت کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويو.

1972ع ۾ پيپلزپارٽيءَ جي عوامي حڪومت سنڌ اسيمبليءَ جي هڪ ٺهراءَ موجب ’سنڌي ٻوليءَ‘ کي سنڌ جي واحد سرڪاري ’زبان‘ قرار ڏنو پر سنڌ ۾ ’ٻڙڪي اُٿيل لساني فسادن‘ ۽ مرڪز جي مداخلت سبب، سنڌ حڪومت دٻاءَ ۾ اچي ’سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي بہ سنڌ جي سرڪاري‘ زبان تسليم ڪيو. نتيجي طور سنڌي زبان

جي ’ذريعہ تعليم‘ ۽ ’سرڪاري زبان‘ واري حيثيت کي ڌڪ لڳو ڇو تہ باوجود سنڌ اسيمبليءَ جي واضح فيصلي جي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي قيام [1972ع جي ائڪٽ ۽ 1990ع جي ترميمي ائڪٽ هيٺ جڙيل] جي، اُن جي نفاذ جو اڄ تائين درست فيصلو نہ ڪيو ويو آهي. [سنڌي شاگرد، ٽئين ڪلاس کان يارهين ڪلاس تائين، 1972ع جي ائڪٽ هيٺ ’آسان اردو‘ جو مضمون پڙهن ٿا، پر اردو ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ’ٽئين کان مئٽرڪ تائين رسمي طور، آسان سنڌيءَ‘ لاڳو آهي، جڏهن تہ يارهين ڪلاس جي ’آسان سنڌيءَ‘ جو ڪتاب ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان شايع ٿيڻ جي باوجود، سنڌ جي ڪاليجن ۾ رائج نہ ٿي سگهيو آهي، ۽ نہ ئي چيف سيڪريٽري سنڌ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌ جو چيئرمئن سنڌي ٻوليءَ جي دفتري ۽ سرڪاري حيثيت کي [اسيمبليءَ جي ڪارروائيءَ سميت] لاڳو ڪرائي سگهيا آهن. [جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي BOG جي ميمبرن طور سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ چيئرمئن پبلڪ سروس ڪميشن هڪ وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪرايو هو ۽ سيد عبدالله شاهہ جي وڏ وزارت دوران صوبي جي چيف سيڪريٽريءَ ’سنڌي پڙهائڻ‘ جون هدايتون بہ جاري ڪيون هيون].

ان روشنيءَ ۾، اڄ سنڌي ٻوليءَ جي خارجي (ٻاهرين) ۽ داخلي (اندرين) خطرن تي مختصر روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو:

**(1) سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٻاهريان /خارجي [حڪومتي سطح جا] خطرا:**

’خارجي خطرا‘ فقري جو استعمال خبر ناهي، مون درست ڪتب آندو آهي يا نہ، پر منهنجو مقصد سرڪاري [وفاقي ۽ صوبائي] سطح تي نظر انداز ٿيل سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجود خطرا آهن.

(1) جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ وفاقي سرڪار ۽ سنڌ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي ’سرڪاري ۽ قومي زبان‘ واري حيثيت جو سنجيدگيءَ سان جائزو ۽ نوٽيس نہ ورتو آهي، جيتوڻيڪ سنڌ سرڪار 1972ع ۾ اهڙو ائڪٽ پاس ڪيو هو. اُن بعد سنڌ اسيمبليءَ ڪيترا ڀيرا سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ تدريس لاءِ قراردادون پاس ڪيون آهن، خانگي اسڪولن لاءِ ڊائريڪٽوريٽ بہ قائم ڪئي وئي آهي، پر اڃا تائين ڪنهن بہ پرائيويٽ تعليمي ادارن ۾ غير

مادري زبان وارن ٻارن کي ’آسان سنڌي‘ عملي طور نہ ٿي پڙهائي وڃي. جڏهن تہ ڪاليجن ۾ سنڌي شاگردن لاءِ لازمي طرح ’آسان اردو‘ لاڳو آهي، پر ڪيترن ئي پرائيويٽ ادارن ۾ تہ ’آسان اردو‘ بدران سنڌي شاگردن کي ”مادري زبان“ طور اردو پڙهائي وڃي ٿي، جڏهن تہ سنڌ صوبي جي حوالي سان سنڌي ٻارن کان ’مادري زبان سنڌي‘ پڙهڻ جو حق کسڻ، آئيني، قانوني، انساني ۽ اقوام متحده جي اصولن جي سراسر ڀڃڪڙي آهي.

**مسئلي جي حل لاءِ چا ٿيڻ گهرجي:**

(الف) مٿي بيان ڪيل مسئلي جي حل لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ سرڪار طرفان خانگي اسڪولن ۽ ادارن ۾ ’سنڌي مادري زبان‘ ۽ ’آسان سنڌي‘ جا سبجيڪٽ لازمي تعليم واري اصول تحت لاڳو ڪيا وڃن ۽ جيڪي ادارا ان فيصلي تي عمل نہ ڪن تہ اُنهن جي رجسٽريشن رد ڪئي وڃي.

(ب) معائناتي ٽيمن (Vigilance Teams) ذريعي سنڌي ميڊيم اسڪولن جي بہ سروي ڪرائي ڏنو وڃي تہ اُتي ’مادري زبان سنڌي‘ ڪيتريقدر پڙهائي وڃي ٿي يا نہ؟ جتي غير ذميواريءَ ۽ غير مؤثر طريقي جو مظاهرو نظر اچي، اتي لازمي سنڌيءَ جي پڙهائي يقيني بنائڻ لاءِ تُرت قدم کنيا وڃن.

(2) باوجود سنڌ اسيمبليءَ جي منظور ڪيل ڪيترن ٺهرائن؛ [جيڪي سسئي پليجو، مهتاب اڪبر راشدي، نثار احمد کهڙي ۽ ٻين پاس ڪرايا هئا] ۽ ثقافت کاتي جي ڪوشش سان محمد ابراهيم جويي جي سربراهي ۾ قائم ٿيل ’سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڪميشن‘ جي پاس ڪيل ٺهرائن، مسودن ۽ وفاقي سرڪار جي اسٽئڊنگ ڪميٽيءَ لاءِ تيار ڪيل ڊرافٽ ۽ پوءِ نواب يوسف ٽالپر طرفان پيش ڪيل بل جي ترميمي ڊرافٽ- جمع ڪرائڻ جي باوجود اجا تائين ’سنڌي ٻوليءَ‘ کي قومي ٻوليءَ جو درجو نہ ڏنو ويو آهي؛ ڪجهہ عرصو اڳ ماروئي ميمڻ طرفان پاڪستان جي 9 ٻولين کي قومي ٻوليون بنائڻ واري تجويز کي بہ قومي اسيمبليءَ رد ڪري ڇڏيو آهي.

ياد رهي تہ باوجود اُن جي تہ ’اردو زبان‘، ’رابطي جي زبان‘ (Lingua franka) آهي، پر سنڌ وارن اُن جي ’قومي زبان‘ واري حيثيت جي مخالفت نہ ڪئي آهي؛ ڇو تہ اُن کي پاڪستان جي موجوده 1973ع واري آئين ۾ قومي زبان جي

حيثيت وارو استحقاق حاصل آهي. ان ڪري سنڌ جا ساڃهه وند، سنڌي ٻوليءَ جي ’قومي زبان‘ واري ’قومي حق‘ جي گهُر ڪن ٿا ۽ گڏوگڏ پاڪستان جي ٻين صوبن: پنجاب، پختونخوا ۽ بلوچستان جي ’قومي زبانن‘ کي بہ ’پاڪستان جون قومي زبانون‘ تسليم ڪرڻ جي بہ گهُر ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت اُن سان گڏ ’سرائيڪي‘ ۽ ’بلتي‘ وغيره سُڌريل زبانن کي بہ قومي زبانون قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي، عملي طور ’سرڪاري زبان ۽ وفاقي طور قومي زبان‘ تسليم نہ ڪرڻ وارو عمل، سنڌ جي هن شاهوڪار ۽ قديم زبان جي ترقيءَ ۽ واڌاري جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. 69 سالن ۾ وفاقي سرڪارن ۽ سنڌ سرڪار سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي اڃا تسليم نہ ڪيو آهي. حڪومتن کي معروضي حقيقتن کي تسليم ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ’بنگلا ٻوليءَ‘ سان اختيار ڪيل روش، تاريخ جي سبق طور موجود آهي.

- سنڌ ۾ موجود مشروبات ۽ دوائن جي ڪمپنين ۽ موبائيل نيٽ ورڪ ڪمپنين [جيئن يوفون، ٽيلينور، وارد ۽ زونگ وغيره] ۾ سنڌيءَ جي استعمال لاءِ سنڌ حڪومت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جهڙي اداري کي لکپڙهہ ڪرڻ ۽ سرڪاري هدايتون (Instructions) جاري ڪرائڻ گهرجن، ڇو تہ انهن شين جو واهپو سنڌ ۾ عام جام آهي.

(3) قومي شاهراهہ (National Highway)، سپر هاءِ وي (Super Highway) ۽ انڊس هاءِ وي (Indus Highway) جي اٿارٽين کي روڊن جي ميل جي پٿرن، بورڊن ۽ نشانن ۾ سنڌي ٻولي استعمال نہ ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي. ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سگا، سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين کي پاڻمرادو لکپڙهہ ڪرڻ گهرجي.

## (2) سنڌي ٻوليءَ لاءِ اندروني خطرا:

’اندروني خطرن‘ مان منهنجي مراد ’سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ‘ آهي، جنهن طرف اسان هن وقت جيڪڏهن ڌيان نہ ڏنو تہ ايندڙ ڪجهہ سالن اندر سنڌي ٻوليءَ جي شڪل، وياڪرڻي سٽاءُ ۽ مزاج تبديل ٿي ويندو. آرين، عربن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن ۽ انگريزن جون ڪاهون، سنڌي ٻوليءَ تي فطري اثر تہ ڇڏي سگهيون؛ پر هن وقت هٿرادو،

بي ڊيانيءَ ۾ مڙهت ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي خطرا لاڳو آهن ۽ اُن جو مسلسل بگاڙ تي رهيو آهي، جيڪا ٻوليءَ جي ’هيئت ۽ صورت‘ لاءِ انتهائي خطري ۽ خدشي واري ڳالهہ آهي، جنهن طرف اسان سمورن ساڃهہ وندن کي سوچڻ گهرجي.

(1) **سنڌ جا تعليمي ادارا**، سنڌي ٻوليءَ جا قلعا آهن، انهن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اتي سنڌي ٻوليءَ جي ذريعہ تعليم کي يقيني نہ بنايو ويو تہ سنڌي ٻولي ويهارو سالن اندر [پرائيويٽ ادارن جي رجحان هيٺ] پنهنجي حيثيت ۽ وجود وڃائي ويهندي ۽ خُدا نہ ڪري نارائڻ شيام جو اهو خدشو سچو ثابت ٿئي تہ:

الا! ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!

(2) **سنڌي اخبارون**، روزمره جي هلندڙ ٻوليءَ جو آئينو آهن، هن وقت سنڌيءَ ۾ ٽيهارو کن روزانيون اخبارون ۽ اُن کان وڌيڪ هفتيوار، تہ روزه ۽ ماهوار اخبارون سنڌيءَ ۾ نڪري رهيون آهن، جن جي ٻولي، عام ماڻهوءَ لاءِ درسي ڪتابن جي حيثيت رکي ٿي. پر ٻين ٻولين، خاص ڪري اردوءَ جي اثر هيٺ اخبارن جي ٻوليءَ ۾ وياڪرڻ وغيره جي حوالي سان [جنس، عدد، مذڪر، مؤنث جي لحاظ سان] بگاڙ اچي رهيو آهي، جنهن تي اخبارن جي معزز مالڪن ۽ ايڊيٽرن کي ڌيان ڏيڻو پوندو، نہ تہ سنڌي ٻوليءَ جي هيئت ۽ سياءُ بدلجڻ وارو وڏو هاڃو ٿي سگهي ٿو.

(3) **درسي ڪتاب** اصولي طور ٻوليءَ جي لفظن، اُچارن، اصطلاحن ۽ عبارتن جا معياري دستاويز آهن، پر نصابي ادارن [سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم ۽ هائير ايجوڪيشن] جي بي ڌيانيءَ سبب غير تربيت يافتہ، ٻوليءَ کان اڻڄاڻ ۽ گهٽ اُجرت تي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن طرفان تيار ٿيندڙ نصاب سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ هيئت کي تبديل ڪرڻ جو ڪارڻ بنجي رهيو آهي. اُن طرف ڌيان نہ ڏنو ويو تہ سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ معيار کي وڏو نقصان رسندو.

(4) **ريڊيو ٽي. وي ۽ سيٽلائيٽ چئنلن** جي عام اطلاعاتي نظام ۾ ٻوليءَ جي وڏي اهميت آهي، پر اُتي سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن، ادائگيءَ ۽ صحت تي تمام

گھٽ ڏيان ڏنو ويجي ٿو ۽ هڪ ’گاڏڙ ٻولي‘ جنم وٺي رهي آهي، جيڪا اسان جي سهڻي ’سنڌي ٻوليءَ‘ جو منهن مُهانڊو تبديل ڪري سگهي ٿي. اُن ڪري چئنلن، ريڊيو ۽ ٽي. وي تي ٻولي چڪاس جا ماهُر (Monitors) رکڻ جي ضرورت آهي. اُن ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ سنڌي اديبن کي وڌ ۾ وڌ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي، نه ته ‘Mixed Language’ سنڌي ٻوليءَ جو حُليو بگاڙي ڇڏيندي.

(5) اڄ ڪلهه نوان **شاعر ۽ اديب** ۽ ڪٿي ڪٿي سينيئر اديب پڻ [سنڌ توڙي هند ۾] اسمن، صفتن، فعلن ۽ ضميرن جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي هيئت، مزاج ۽ وياڪرڻي، سٽاءَ لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿي رهيو آهي، اُن ڪري سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي ٻوليءَ طرف سجاڳ ٿيڻ گهرجي ته جيئن اهي غلطيون دهرائي نه سگهجن، جن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

**(1) <u>زير اضافت جو استعمال:</u>**

مثال: خونِ جگر، داغِ دل، قابلِ تعريف، قابلِ داد، قابلِ تحسين وغيره.

ان لاءِ ’جو‘ ۽ ’سندو‘ اضافتون ڪم آڻي سگهجن ٿيون، يا وري زبر اضافت به ڪم آڻي سگهجي ٿي.

مثال: جگر جو خون، دل جو داغ، تعريف جوڳو، داد جي قابل، [قابل- تحسين] وغيره.[3]

**(2) <u>فارسي اسمن جي صورتن جو استعمال:</u>**

مثال: موقعه، آئينده، جذبه، نظريه وغيره

اُنهن کي هن نموني سنڌي بنائي سگهجي ٿو:

(1) تنهنجو **<u>آئيندو</u>** روشن آهي.

(2) هن جو **<u>جذبو</u>** ساراهه جوڳو آهي.

(3) **<u>موقعو</u>** هٿان وڃائڻ نه گهرجي، وغيره

(4) هر ڪنهن جو پنهنجو نظريو آهي، وغيره.

(3) عربي ۽ فارسي عدد جمع جو استعمال:

مثال: الفاظ، جذبات، خيالات، وسائل، رسائل، مضامين، تقريبات وغيره

اهي درست سنڌيءَ ۾ هن ريت ڪتب آڻجن:

لفظ: جذبا، احساسَ، خيالَ، وسيلا، رسالا، مضمونَ ۽ تقريبون

**(4) جمع جو عجيب ۽ غلط استعمال:**

مثال: ڪتابون، افواهون، اصطلاحون، قدرون، جسمون، ڪاليجون، لاشون

**صحيح استعمال:** ڪتابَ، افواهَ، اصطلاحَ، قدرَ، جسمَ، ڪاليجَ ۽ لاشَ

(5) **'و' حرف جملي جو غلط استعمال:**

مثال: آب و هوا، دل و دماغ، غم و الم، سير و تفريح، آمد و رفت، بر و بحر.

**درست استعمال:** آبهوا، دل ۽ دماغ، غم ۽ الم، سير تفريح، آمدرفت، بر ۽ بحر

**(6) ڏارين صفتن جو استعمال:**

مثال: شاعرانہ، روزانہ، سالیانہ، عارفانہ، ماهيانہ

**درست استعمال:**

شاعراڻو مزاج، شاعراڻي سوچ،

روزاني اخبار، روزانو ڪم ڪار

سالیانو نفعو سالیاني ڪارڪردگي

عارفاڻو ڪلام، عارفاڻي محفل

ماهياني وندي، ماهيانو پگهار

**(7) فارسي حرف جر جو استعمال:**

مثال: ازانسواءِ، محض، اگر، مگر، چنانچہ، حالانڪ

انهن جون سنڌي صورتون موجود آهن:

مثال: ڪان سواءِ، رڳو جيڪڏهن، پر، چو تہ، جيتوڻيڪ، ڇڻ تہ [4]

**(8) اردو ۽ انگريزي اثر هيٺ جنسن جو غلط استعمال:**

مثال (1): منهنجو دل، چڱي ڪتاب، سُٺي نظم، سٺي غزل، سٺو موسم (اردو نمونو)

**درست استعمال:** منهنجي دل، چڱو ڪتاب، سُٺو نظم، سُٺو غزل، سُٺي موسم

مثال (2): آپريشن ٿيو ترانسليشن ڪيو سيپريشن ٿيو ڊڪٽيشن لکايو (انگريزيءَ جو اثر)

**درست استعمال:** آپريشن ٿي، ترانسليشن ڪئي، سيپريشن ٿي، ڊڪٽيشن لکائي وغيره.

**(9) سنڌي جنسن جو غلط استعمال:**

اترادي لهجي هيٺ سنڌي اديب ڪيترا مذڪر لفظ مؤنث صيغي ۾ ڪم آڻيندا آهن، جيڪي معياري لهجي موجب مذڪر استعمال ڪرڻ کپن.[5]

| | | |
|---|---|---|
| مثال: | **رَتُ ڳاڙهي** آهي، | **واءُ لڳي** ٿي، |
| | **اولاد چڱي آهي**، | **سماجُ** پراڻي آهي، |
| **درست استعمال**: | **رَتُ ڳاڙهو** آهي، | **واءُ لڳي** ٿو |
| | اولادُ **چڱو** آهي، | **سماج پراڻو** آهي. |

**(10) اعرابن جو غلط استعمال:**

ٻوليون، ٻين ٻولين کان لفظ وٺي پنهنجي مزاج موجب انهن جي اعرابن ۾ تبديل ڪنديون آهن:

| **مثال: عربي ۽ اردو** | **سنڌي درست استعمال** |
|---|---|
| خَيالُ | خِيالُ |
| سَوالُ | سُوالُ |
| قَيامتِ | قِيامت |
| نَماز | نِمازَ |

**(11) فعلن، ضميرن ۽ ظرفن جو غلط استعمال:**

(1) هنن کي چيم: فلاڻو ڪم ڪيو.

درست استعمال: ڪم ڪريو

(2) اسان وٽ **ڪيس**، **ڪين**، **سندس**، **سندن**، ضمير هن ريت غلط ڪم آندا وڃن ٿا:

**ڪيس** کي چيم، **ڪين** کي **وراڻيم**، **سندس** جو ڪتاب، **سندن** جو وارو

**درست استعمال:** **ڪيس** چيم، **ڪين** وراڻيم، **سندس** ڪتاب، سندس وارو

**(12) اضافي لفظن جو غلط استعمال:**

مثال: سپوٽ پُٽ، ڪپوٽ پُٽ

نوٽ: 'سپوٽ' جو مطلب سُٺو سلڇڻو پٽ ۽ 'ڪپوٽ' جو مطلب، ڪلڇڻو ۽ ڪُڌو پٽ آهي، اُن ڪري سپوٽ ۽ ڪپوٽ سان پُٽ ڪم نہ آڻجي.

**(13) بنيادي قاعدن کان اکيوٽ:**

مثال: **رتوديرو** ۾ هڙتال

**لاڙڪاڻو** ۾ سخت گرمي

**الهہ بخش چانڊيو** چيو

**ميرپور بٺورو** ۾ باهہ

**درست استعمال:** **رتيديري** ۾ هڙتال، **لاڙڪاڻي** ۾ سخت گرمي،

**الهہ بخش چانڊيي** چيو ۽ **ميرپور بٺوري** ۾ باهہ.

اُن کان سواءِ: **ڀُٽو** ۽ **جويہ** لکڻ بہ غلط آهي، درست استعمال ٿيندو: **ڀُٽو جويو**

**(14) ڀارت ۾ هيٺينءَ ريت سنڌي لفظن جو غلط استعمال ٿئي ٿو:**

| غلط | درست |
|---|---|
| نئي | نئين |
| چاند | چنڊ |
| لوهو | لوهُہ |
| قسائڻ | قاسائڻ |
| پنڇي | پکي |
| منائڻ | مڃائڻ (وغيره) |

**(15) سرائيڪي اثر هيٺ حمزي (ء) جو استعمال وساريو وڃي ٿو:**

مثال:

| غلط | درست |
|---|---|
| اُٺ کي مهار پاءِ، | اُٺَ کي مهارَ پاءِ |
| ٻڪري کي ڇهہ ڦر آهن | ٻڪريءَ کي ڇهہ ڦر آهن |
| ناري گيت ڳاتو | ناريءَ گيت ڳاتو |

اُن ڪري اسان کي گڏجي خارجي ۽ اندروني خطرن کان سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ گهرجي.

**حوالا:**


(1) جويو، تاج: ”سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال“: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2009ع، ص 12

(2) www.indiacode.nic.in/coiweb

(3) جويو، تاج: ”سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال“: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 2009ع، ص 18

(4) ساڳيو = ص 20

(5) ساڳيو = ص 21

(6) ”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا“ جلد نائون، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد (2015).

ڊاڪٽر وِمي سدارنگاڻي

[ريسرچ اسڪالر/شاعره، آديپور ڀارت]

# ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ نئين ٽهي

## Sindhi Language in India & New Generation

**Abstract:**

There, nearly, are seven thousand languages spoken round the globe; out of which some three thousand five hundred are spoken in India alone. Many languages have disappeared from the linguistic map of the world and lots of them are in the process of getting wiped out. Even languages, that have their territory and are used for official correspondence, are in the 'danger zone'.  Be it North or South, East or West of India, irrespective of the location, this very same hue and cry is being repeated raised: "Our language is breathing its last, save it." If this is the case, what could be said about Sindhi – a language that doesn't have a territory and people who speak it are scattered in the nooks and corners of the world. These are people who were at the receiving end of the tyranny of history, and their linguistic roots are getting eroded slowly but surely. Signs of Sindhi civilization in India are getting blurred with passage of time. Out of these signs, one of the most vital one is the Sindhi language. New generation of Indian Sindhis is almost oblivious of their priceless heritage, and hence their natural attachment with Sindhi language is growing thinner. We all talk about this, ponder over it, and make some effort regarding it, but to no avail. We ultimately resort to keep quiet after expressing our grave concern over this.

This paper is about a survey conducted and results thereof with a view to analyze attitude of the new generation toward their Sindhi identity and language. This survey was done, as a sample, in different colleges of Adipur, Gandhidham (katch) It, therefore, has its own limitations. Going forward, an extensive survey can be conducted, based on this 'kind of sample survey'. This can help better gauge new generation's mood toward Sindhi language, and suggest ways to reconnect them with Sindhi.

دنيا ۾ لڳ ڀڳ ست هزار ٻوليون ڳالهيون وڃن ٿيون، جن ۾ 3500 کن تہ رڳو ڀارت ۾ ڳالهايون وينديون آهن. دنيا جي ڀاشائي (ٻوليائي) نقشي تان ڪيترين ئي

ٻوليون مِٿجي ويون آهن ۽ ڪيتريون ئي مِٽجي رهيون آهن. ڀارت ۾ اُهي ٻوليون بہ خطري ۾ آهن، جِن کي پنهنجو راڄُ آهي ۽ جيڪي سرڪاري ڪمن ڪارين جون ٻوليون آهن. اُتر هجي يا ڏکڻ ڀارت، اولهہ ڀارت هجي يا اوڀر ڀارت، سڀني هنڌان اِها ئي دانهن آهي تہ اسان جي ٻولي مَري رهي آهي، اُن کي بچايو! اَهڙيءَ حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇا چئجي، جنهن کي پنهنجي ڪائي رياست ناهي، جنهن کي ڳالهائڻ وارا ڀارت ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن. جن سان تاريخ ڇڻ جُٽ ڪئي آهي ۽ اُن جو نتيجو اِهو نڪتو آهي تہ آهستي آهستي اٽڃاٽائيءَ ۾، سنڌي پنهنجي پاڙُن کان ڪٽجي رهيا آهن. ڀارت ۾ سنڌي تهذيب جا اُهڃاڻ ڏنڌلا ٿيندا پيا وڃن ۽ اُنهن اُهڃاڻن مان هڪ اَهم اُهڃاڻ سنڌي ٻولي بہ خطري ۾ نظر اچي ٿي. سنڌي نئين ٿهي پنهنجي اَملهہ ورثي کان لڳ ڀڳ بي خبر آهي ۽ ٻوليءَ سان اُن جولڳاءُ گهٽيل ٿو ظاهر ٿئي. اِن ڳالهہ تي اسين سڀ ڳالهايون ٿا، فِڪر ڪريون ٿا، ڪوشش بہ ڪريون ٿا، پر ڪو خاص نتيجو ڪونہ مِلي رهيو آهي. اَسين ڳڻتي ۽ فِڪر سان گڏ افسوس ڏيکاري، ماٺِ ٿي ٿا وڃون.

هن مقالي ۾ سنڌي ٻوليءَ طرف سنڌي نئين ٿهيءَ جو لاڙو (Attitude) جانچڻ جي مقصد سان ڪيل هڪ سروي ۽ اُن جي مليل نتيجي ذريعي اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪيل آهي تہ سنڌي نئين ٿهيءَ جو سنڌي سُڃاڻپ ۽ سنڌي ٻوليءَ طرف ڪهڙو لاڙو آهي، اِهو سروي هڪ 'سئمپل سروي' طورآديپور-گانڌيڌام (ڪڇ) جي ڪاليجن ۾ ڪيو ويو آهي، اِنڪري اِن جون پنهنجون حدون آهن. اِهو سروي اڳتي وسيع پئماني تي پڻ ڪري سگهجي ٿو ۽ اِن مان اِهو ڄاڻڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي تہ نئين ٿهيءَ جو رويو سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ڪهڙو آهي ۽ اسين اُنهن کي سنڌيءَ سان جوڙڻ لاءِ ڪهڙو رستو اَپنايون.

1. **مادري زبان جي اهميت:**

اڄ دنيا جڏهن هڪ گلوبل ڳوٺ ۾ تبديل پئي ٿيندي وڃي ۽ دنيا جون هزارين ٻوليون گُم ٿيون ٿينديون وڃن تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڇا مادري زبان جي ڪا اَهميت آهي؟ تہ اِن جو جواب آهي 'ها'، ڪنهن بہ جاتيءَ ۾ ملڪ جي ڪُل واڌاري جو مدار اُن جي ٻوليءَ جي واڌاري سان بہ جڙيل آهي.

مادري زبان ڪنهن شخص ۽ جاتيءَ جي سوچ- ويچار جو واهڻ (وسيلو) آهي، ويچارَ ۽ ٻولي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. اِنڪري ڪنهن بہ ڄاڻ ۽ گِيان کي پرائڻ لاءِ مادري

زبان جو ذريعو (Medium) ڪارگر هوندو آهي. اِن ڪري ئي مادري زبان جو استعمال، ڳالهائڻ، تعليم ۽ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾ ڪرڻ جي حمايت ڪئي ويندي آهي. مادري زبان جو گهٽجندڙ واهپو ڪنهن بہ جاتيءَ جي ’ڊي گريڊيشن‘ جي نِشاني آهي، جو مادري زبان جي اهميت گهٽجي ٿي تہ پوءِ اُن جي ڳالهائيندڙن جو مانُ مرتبو بہ گهٽجي ٿو.

يونيسڪو جي 2003ع جي رپورٽ مطابق دنيا جا 42 سيڪڙو ماڻهو minority (ٿورائيءَ واري) ٻولي ڳالهائيندا آهن ۽ اهڙن ملڪن ۾ رهندا آهن، جتي ٻارن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ جو وجهہ ڪونہ ملندو آهي.[1] دنيا جون لڳ ڀڳ 1500 ٻوليون اهڙيون بہ آهن، جن جا ڳالهائيندڙ 1000 کان بہ گهٽ آهن.

سڄي دنيا ۾ ٻولين کي بچائڻ جي مُهم هلي رهي آهي، ڇو جو هر ٻولي پنهنجو پاڻ ۾ نرالي آهي، علحيده تهذيب جو ورثو آهي؛ هر ٻولي پنهنجو پاڻ ۾ جدا جدا ڌرم، سماج ۽ تهذيبي سڃاڻپ جو اظهار آهي. هر ٻولي اُن جي ڳالهائيندڙن جي تاريخ ۽ زباني روايتن جو خزانو آهي، جيڪو اُنهن کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ميسر ڪونہ ٿيندو. جي اُها ٻولي ختم ٿي ويندي تہ اُن سان گڏ لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت، لوڪ وهنوارَ ويساهہ بہ ختم ويندا.

## 2. مادري زبان جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌي ٻاشا ڏينهن:

(International Mother tongue Day & Sindhi Language Day)

سال 1999ع کان يونيسڪو 21 فيبروريءَ جو ڏينهن، ”عالمي مادري زبان ڏينهن“ طور ڊڪليئر ڪيو آهي [2] ۽ اِن ڏينهن تي هند ۽ سنڌ سميت دنيا ۾ جدا جدا پروگرام (Programmes ) رکيا ويندا آهن.

10 اپريل 1967ع تي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين جي ’اٺين شيڊيول‘ ۾ شامل ڪيو ويو هو[3]. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي وڏي جدو جهد کان پوءِ اِهو ممڪن ٿي سگهيو ۽ اِن ڪري اِهو ڏينهن ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين پاران ”سنڌي ٻوليءَ جي ڏينهن“ طور ملهايو ويندو آهي.

## 3. مادري زبان طور ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اڄوڪي حالت:

مادري زبان طور ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اڄوڪي حالت تي نظر وجهڻ کان اول، گذريل دور تي هڪ نظر وجهڻ بيجا نہ ٿيندو. صوفي سنتن جنهن کي اپنايو ۽ اعليٰ اديبن جنهن کي وڌايو ويجهايو جنهن ٻوليءَ ۾ قرآن سڀ کان اول ترجمو ٿيو جنهن جو

ذڪر ’مهاپارت‘ ۾ ملي ٿو جنهن جي ساراهہ انگريز ڀاشا وگيانين (Linguists) پڻ ڪئي، جنهن ۾ سنسڪرت سان گڏ فارسيءَ ۽ عربي ٻوليءَ جي لفظن جا ڀنڊار آهن. پر ڀارت جي ورهاڱي جي ڪري اُها ٻولي ۽ اُن جا ڳالهائيندڙ ٽڙي پکڙي ويا آهن ۽ هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا آهن.

1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين لاءِ روزي روٽي ۽ اَجهو وڏو مسئلو هو پر اُن مسئلي سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي قائم رکڻ جي تڙپ بہ جيئري هئي، اِنڪري ڪجهہ ئي وقت ۾ بمبئي، اُلهاس نگر، اَجمير، دهلي، آديپور، گانڌيڌام، احمد آباد، بڙودا جهڙن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول کولايا ويا. شام جو پڻ ڪلاس هلڻ لڳا. سنڌيت جي لهر طوفان وانگر اُٿي هئي ۽ ائين لڳو تہ ڀارت ۾ بہ سنڌي ٻولي ۽ تهذيب ضرور ڦَلندي ڦُولندي، پر زمين جي نہ هئڻ جا منفي (Negative) نتيجا وقت گذرندي وڌندڙ ڏسجي رهيا آهن. ڀارت ۾ رهندي بہ سنڌي جدا جدا ايراضين ۾ پکڙيل آهن ۽ سندن وکريل هئڻ جو اثر سنڌي تهذيب ۽ ٻوليءَ تي صاف نظر اچي ٿو. ٻوليءَ جو استعمال هر ڊومين (رياست) ۾ گهٽجندڙ آهي. سنڌي ميڊيم اِسڪول بند ٿي رهيا آهن، سنڌي جي مضمون طور جتي پڙهائي ويندي آهي، اُتي بہ شاگردن جو تعداد گهٽو ناهي. گهرن ۾ سنڌيءَ جو واهپو گهٽجي رهيو آهي. سنڌي ادب ڇپجي ٿو پر ڪتابن جو وڪرو نہ جي برابر آهي ۽ پڙهڻ وارا بہ تمام ٿورا آهن. سرڪار پاران ٻوليائي حق ڏنل آهن، پر (سنڌيءَ کي) الڳ رياست نہ هئڻ ڪري اُنهن حقن جي اهميت ۽ استعمال ٻئي نٿا ٿين. اڄ ڀارت ۾ هر سجاڳ سنڌيءَ کان سنڌي ٻولي ۽ تهذيب دور پئي ٿيندي وڃي. انهيءَ لاءِ سنڌي سِکڻ جا ڪلاس هلايا ٿا وڃن، ثقافتي پروگرام رکيا ٿا وڃن، ورڪشاپ سڏايا ٿا وڃن، سوچ ويچار ڪيو ٿو وڃي، پر اِن هوندي بہ گهربل نتيجا نہ ٿا ملن.

### 4. نئين ٽهيءَ جو سنڌي ٻوليءَ طرف لاڙو:

ڀارت ۾ رهندڙ اسين اڪثر سنڌي ان معاملي تي تہ ڳالهايون ٿا تہ ٻار ۽ نوجوان سنڌي نٿا ڳالهائين، اَسان جي ٻُڌن نہ ٿا. پر اُنهن جي ڳالهہ ٻڌڻ بہ ضروري آهي تہ هو اِن بابت ڇا ٿا سوچين. اِن بابت ڪي انگ اکر گڏ ڪجن تہ خبر پوندي تہ هنن جي گهرن ۾ سنڌيءَ جو ڪيترو واهپو آهي، هو پاڻ ٻوليءَ جو استعمال ڪهڙي درجي تي ڪري رهيا آهن، ڪين سنڌي پڙهڻ لکڻ اچي ٿي يا نہ، هو سنڌيءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائين ٿا،

جي هو سنڌي نئاڳالهائين ته ٻيون ڪهڙيون ٻوليون وڌيڪ ڳالهائين، پنهنجي سڄاڻپ طور ٻولي ۽ ثقافت جي ڪهڙن پئراميٽرس کي اهم سمجهن ٿا. اِهو ڌيان ۾ رکندي، مون آديپور جي پنجن ڪاليجن ۾ هڪ سوَ شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ انهن کان هڪ سوال نامو پرايو آهي، جنهن بابت هتي وڌيڪ ڄاڻ ڏنل آهي ۽ حاصل نتيجا به ڄاڻايل آهن.

## 1.4 اڀياس جو دائرو:

ورهاڱي کان پوءِ لڏي آيل سنڌين کي وسائڻ لاءِ آدِيل شهر آديپور، سنڌين جو شهر رهيو آهي، پر هاڻي هتي پارٽ جون ٻيون ڪيٽريون ئي ٻوليون ڳالهائيندڙ به رهن ٿا. اِن هوندي بہ اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي، مضمون طور پڙهائي ويندي آهي، گهرن ۾ به سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي، سنڌي ثقافتي پروگرام پڻ ٿين ٿا.

مون شروعاتي اڀياس لاءِ پنهنجو ئي شهر آديپور چونڊيو آهي. هن اڀياس جو دائرو آديپور جي پنجن ڪاليجن: تولاڻي آرٽس سائنس ڪاليج، تولاڻي ڪامرس ڪاليج، تولاڻي پاليٽيڪنڪ ڪاليج، تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسٽڊيز ۽ تولاڻي اِنسٽيٽيوٽ آف ڪامرس تائين رکيو ويو آهي.

## 2.4 اڀياس جو طريقو:

هن اڀياس لاءِ پنجن ئي ڪاليجن ۾ وڃي شاگردن کان سوالنامو پرايو ويو ۽ اُنهن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي وئي.

## 3.4 ڄاڻ ڏيندڙ:

تولاڻي آرٽس ۽ سائنس ڪاليج، تولاڻي ڪامرس ڪاليج، تولاڻي پاليٽيڪنڪ ڪاليج، تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسٽڊيز ۽ تولاڻي اِنسٽيٽيوٽ آف ڪامرس مان ڪل 100 شاگردن کان سوال نامو پرايو ويو.

انهن شاگردن مان 32 ڇوڪرا ۽ 68 ڇوڪريون شامل آهن. شاگرد جي چونڊ ڪنهن ترتيب سان نہ، بلڪ رينڊم (Random) نموني ڪيل آهي. هنن شاگردن جي عمر 18 کان 23 سال آهي، جيڪي آرٽس، سائنس، ڪامرس، پاليٽيڪنڪ ۽ مئنيجمينٽ جا شاگرد آهن.

## 4.4 سوال نامو:

سوال نامي ذريعي 20 سوال پڇيا ويا ۽ ڪجهه پئراميٽرس ذريعي به ڄاڻ

حاصل ڪئي ويئي. سوال نامي ۾ سوال هن آڌار تي ڏنا ويا:

مائٽن ۾ سنڌيءَ جو استعمال؛ نوجوانن ۾ سنڌيءَ جو استعمال؛ گهر ۾ ۽ ٻاهر استعمال ٿيندڙ ٻولي؛ گهر ۾ سنڌي ڪتابن، ڪئسٽن، سي ڊين، مخزنن، اخبارن، ٽپڻي (جنتريءَ) وغيره جي موجودگي؛ نوجوانن جو سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ ۾ چاهه؛ سنڌ بابت، ٻالھ ٻولھ، ورهاڱي ۽ سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت ڄاڻ؛ ۽ پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر جو احساس. سوال نامي ۾ ٻارهن پيرا ميٽرس ذريعي اِهو به ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته نوجوان 'سنڌي سڃاڻپ' طور ڪهڙين ٻالهين کي اهميت ڏين ٿا.

## 4.5_1: مائٽن ۾ سنڌيءَ جو استعمال:

آديپور جي گهرن ۾ اجان به گهٽي قدر سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي. 100 مان 95 شاگردن ٻڌايو ته سندس ماءُ پيءُ پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن. سنڌي لکي پڙهي سگهڻ جي حوالي سان 61 کي ديوناگري، 10 کي سنڌي لپي، 16 کي ديوناگري ۽ سنڌي لپي ايندي آهي. 13 شاگردن جي ماءُ پيءُ کي سنڌيءَ ۾ رڳو ڳالهائڻ ايندو آهي، لکڻ پڙهڻ ڪونه ايندو آهي. اِهي انهن ٻارن جا ماءُ پيءُ آهن، جيڪي گجراتي ۽ انگريزي ميڊيم جي اسڪولن ۾ پڙهن ٿا.

## 4.5_2: نوجوانن ۾ سنڌيءَ جو استعمال ۽ ان سان لاڳاپو:

هن سروي ۾ نوجوانن کان هيءُ سوال به پڇيو ويو ته ڇا کين سنڌي ڳالهائڻ ايندي آهي؛ هو ڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن؛ هُو ڪهڙن هنڌن تي سنڌيءَ جو استعمال ڪندا آهن؛ اُنهن کي سنڌي ڳالهائڻ پسند آهي يا نه. ڇا هو سنڌي پڙهڻ لکڻ ڄاڻن ٿا، جي نتا ڄاڻن ته ڇا سکڻ پسند ڪندا؟

مليل جوابن جي آڌار تي هيءَ ڄاڻ ملي ته 100 مان 83 گهرن اندر سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، جيڪي گهر ۾ سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهائين، اُنهن کان پڇيو ويو ته سنڌيءَ بدران ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. 17 نوجوانن جواب ڏنو ته هو گهر ۾ مائٽن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، هنن جي گهرن ۾ هندي ڳالهائي ويندي آهي. 100 مان 85 نوجوانن چيو ته کين سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ وڻندو آهي، جڏهن ته باقي 15 نوجوانن انڪار ڪيو.

هو ڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن؟ اِن سوال جو جواب هيءُ مليو: 61 نوجوان پنهنجي ماءُ پيءُ سان، 36 پنهنجي دوستن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. 29

نوجوان اهڙا آهن، جيڪي ماءُ پيءُ بزرگن ۽ دوستن سيني سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. نوجوان سنڌيءَ جو استعمال ڪهڙن هنڌن تي ڪندا آهن.اِن سوال جو جواب ۾ 90 نوجوانن ٻڌايو تہ هو گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن، 64 نوجوانن جو چوڻ هو تہ گهرن کان سواءِ ٻاهر، ڪاليج، بازار، بئنڪ ۽ گڏجاڻين ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن.

100 مان 42 نوجوانن کي سنڌي پڙهڻ لکڻ ايندي آهي ۽ 58 کي نہ. جن 42 نوجوانن کي سنڌي لکڻ اچي ٿي، سي سيپيئي ديوناگري لپي جاڻين ۽ 10 سنڌي لپي جاڻين. ان کانسواءِ کين ديوناگري ۾ سنڌي، ٻنهي لپين ۾ پڙهڻ لکڻ ايندو آهي، جن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ نہ ٿو اچي، اهڙن 58 نوجوانن مان 42 جواب ڏنو تہ هو سنڌي سکڻ پسند ڪندا.

### 4.53: روزمره اڪثر ڳالهائجندڙ ٻولي:

گهرن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي يا نہ،اهو بہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اِن بابت مٿي ڄاڻ ڏني وئي آهي تہ 61 نوجوان پنهنجي ماءُ پيءُ سان، 36 پنهنجي گهر جي بزرگن سان، 23 پنهنجن دوستن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. اِهو بہ پُڇيو ويو تہ هو پنهنجي روزمره وهنوار ۾ ڪهڙي ٻوليءَ جو استعمال وڌيڪ ڪندا آهن، جنهن جي جواب ۾ ڄاڻ ملي تہ: 47 نوجوان هنديءَ جو 9 انگريزيءَ جو 5 گجراتيءَ جو ۽ 20 سنڌيءَ جو استعمال روزمره جي ڪمن ۾ وڌيڪ ڪندا آهن. ان مان اهو پتو پوي ٿو تہ گجرات ۾ گجراتي راجيہ ڀاشا (رياستي ٻولي) هوندي بہ اِها سنڌي نوجوانن لاءِ عام ٻولي ناهي ۽ لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو نوجوان هنديءَ ۾ وڌيڪ ڳالهائين ٿا، 10سيڪڙو ڪن انگريزيءَ ۾ ۽ 20 سيڪڙو سنڌيءَ ۾ وڌيڪ ڳالهائين ٿا:

**روزمره جي ڪمن مان هڪ کان وڌيڪ ٻوليءَ جو استعمال**

| ٻوليون | ڳالهائيندڙن جو تعداد |
|---|---|
| هندي-سنڌي | 4 |
| هندي-انگريزي | 4 |
| هندي-گجراتي | 3 |
| هندي- سنڌي- گجراتي | 2 |
| هندي- سنڌي- گجراتي | 3 |
| هندي- سنڌي- گجراتي- انگريزي | 3 |

مٿي ڏنل ٽيبل مان ڄاڻ پوي ٿي تہ هڪ ڪان وڌيڪ ٻولين جو برابر استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد مشڪل سان 20 سيڪڙو آهي، جن مان 10 سيڪڙو ڪن ٽن ٻولين جو استعمال ڪن ٿا.

**4.5_4 سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ سان واسطو:**

گيت، سنگيت، ناٽڪ وغيره نہ رڳو سڪون ۽ راحت بخشين ٿا، پر ڪنهن بہ ٻوليءَ ۽ ٻولي ڳالهائيندڙ جي سوچ، سڀاءَ ۽ ڪلا (فن) طرف اُنهن جي رُجحان کي بہ ظاهر ڪن ٿا. بيشڪ اِهو ٻارن ۽ نوجوانن کان پڇيو ويو تہ "ڇا هو سنڌي گيت ٻڌندا آهن؟" تنهن تي 36 نوجوانن 'ها' ۽ 61 'نہ' ۾ جواب ڏنو. ٽِن وٽان ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. اِن ئي سلسلي ۾ اِهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي تہ جي اڄ جي نوجوانن کي سنڌي گيت ريمڪس يا ماڊرن ڌنن تي ملن، تہ ڇا هو ٻڌڻ پسند ڪندا. تنهن تي 51 نوجوانن 'ها' چيو ۽ 74 انڪار ڪيو جيڪي سنڌي گيت ئي نہ ٿا ٻڌن، اُنهن مان گهڻن ئي ريمڪس ڪيل سنڌي گيت ٻڌڻ جي پسندگي ڪونہ ڏيکاري، جيڪي سنڌي گيت ٻڌن ٿا، تن مان گهڻن جو رايو هو تہ هو سنڌي گيت اصل طرز تي ئي ٻڌڻ پسند ڪندا.

ڇا هو سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن؟ تنهن تي 44 نوجوانن چيو تہ هو ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن ۽ علائقائي ٽي. وي چئنلن تي بہ ڏسڻ پسند ڪندا آهن. 56 جو چوڻ هو تہ اِن طرح جا پروگرام ڏسڻ ڪونہ ويندا آهن. جي اهو ڄاڻجي تہ ڇا هُو ٻين ٻولين ۾ ٿيندڙ اهڙا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن تہ شايد اُن جواب مان پتو پوي تہ سندن پسند ۽ ناپسند جو مدار ٻوليءَ تي آهي ڇا، ۽ ڪلا طرف سندن ڪيترو لاڙو آهي.

**4.5_5: گهر ۾ سنڌي ڪتابن، ڪئسٽن، سي. ڊين، ٽيٽي وغيره جي موجودگي:**

ڪنهن بہ گهر ۾ ڪتابن، ڪئسيٽن. سي. ڊين، ٽيٽي وغيره جي موجودگيءَ مان بہ ان گهر جي ڀاتين جو ٻوليءَ طرف لاڙو جانچي سگهجي ٿو. اِن بابت ڪيل سوال جي جواب مان خبر پيئي تہ 34 جي گهر سنڌي ڪتاب، 47 جي گهر سنڌي سنگيت جون سي. ڊيون، 82 جي گهر ٽيٽو آهي. 3 جي گهر ۾ سنڌي اخبار بہ ايندي آهي، اِها وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي. پنجن (5) جي گهر ۾ اِهي سڀيئي شيون آهن ۽ چئن (4) جي گهرن ۾ انهن مان هڪ بہ شيءِ نہ آهي.

نوجوانن سان ڳالهائيندي ڪن ڳالهين ڏيان ڇڪايو جيئن: گهر ۾ جيڪي

سنڌي ڪتاب آهن؟ جي ها تہ گهڻو ڪري ڏرمي ڪتاب آهن، جن جي گهر سڀئي شيون آهن، اُهي اِها ڳالهہ ٻڌائيندي ڪجهہ وڌيڪ خوشي محسوس ڪري رهيا هئا. هنن جوابن ۾ جيڪا ڄاڻ خاص ڌيان ڇڪائي ٿي، سا آهي گهرن ۾ ٽيپڻي جي موجودگي. لڳ ڀڳ 30 ڪن نوجوان ڪي 'ٽيپڻي' جي معنيٰ جي خبر هئي، گهڻن جي ڇهري تي لفظ 'ٽيپڻو' سوال جي نشاني هئي، پر جڏهن کين ٻڌايو ويو تہ ٽيپڻو معنيٰ اُهو ڪئليندر، جنهن ۾ ڏڻ، وارَ، شِراڌ، اُماس، چنڊ وغيره جون تاريخون ڏنل هجن، تہ هنن يڪدم چيو پئي تہ ها اهڙو هڪ پيج وارو ڪئليندر سندن گهر ۾ آهي. هنن مان پاڻ کير بہ ان ٽيپڻي جو استعمال ڪونہ ڪندو آهي، سندن ماءُ اُهو ڏسندي آهي.

### 4.5_6: سنڌ، ورهاڱي ۽ سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت ڄاڻ:

ٻولي پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل هئڻ سان گڏ ڪنهن بہ جاتيءَ جي اتهاس، سڀيتا ۽ تهذيب جو بہ حصو آهي. سنڌي جاتيءَ جي ڳالهہ ڪندي، هندستان جي ورهاڱي جو سنڌي جاتيءَ تي اثر ۽ ڀارت ۾ انهن جي نئين زندگيءَ جي جدوجهد جو ذڪر هميشہ ايندو. ورهاڱي کي 68 ڪن سال ٿي ويا آهن، اُن وقت جي پيڙهيءَ ڪانپوءِ اچوڪي پيڙهي، ٽين پيڙهي آهي. اِهو ڄاڻڻ بہ ضروري آهي تہ ڇا سنڌ، ورهاڱي ۽ سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت نوجوانن کي پنهنجن وڏن کان ڪا ڄاڻ ملي آهي يا نہ، کين پنهنجي ليکي ڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي يا نہ.

100 مان 86 نوجوانن چيو تہ سندن وڏڙن سان سنڌ بابت ڳالهيون ڪندا آهن. گهڻو ڪري اِهي ڳالهيون سندن گهر بابت، سندن رهڻي ڪهڻي، مانَ مرتبي ۽ شاهوڪاريءَ جون ڳالهيون آهن. ٻن ٽِن ڄڻن ٻڌايو تہ سندن سنڌ واري گهر ۾ سون جون سِرون بہ هونديون هيون، جيڪي سندن وڏا ڀارت ۾ ايندي پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا.

### 4.5_7: سنڌي سڃاڻپ بابت نظريو:

سنڌي ٻوليءَ طرف نئين ٽهيءَ جي لاڙي بابت اڀياس ڪندي، اهو ڄاڻڻ بہ مون کي ضروري لڳو تہ نوجوان پنهنجي سڃاڻپ ڇا سان ٿا سمجهن. پاڻ کي سنڌي سڏائيندي هو ڪهڙن آڌارن يا پئراميٽرس کي اهميت ڏين ٿا. سنڌي سڏائڻ لاءِ ڇا رڳو سنڌي ذات (Surname) هئڻ ڪافي آهي يا سنڌي سڏائڻ لاءِ سنڌي ذات جو هئڻ ضروري ناهي؟ سنڌي ادب پڙهڻ ڪيترو ضروري آهي؟ سنڌي ڏڻ وار ملهائڻ ڪيترو ضروري آهي؟ سنڌي ڳالهائڻ سان گڏ ڇا سنڌي لکڻ پڙهڻ بہ ضروري آهي؟ هن سيڪشن ۾ ڪل 12 پئراميٽرس

رکيا ويا. نوجوانن کي پڇائڻو هو ته هو ڪهڙي پئرا ميٽر کي اهميت ڏين ٿا ۽ ڪهڙو پئرا ميٽرس سندن ويچار موجب سنڌي سڃاڻپ طور ضروري ڪونهي. هيٺ اُهي پئرا ميٽرس ۽ حاصل جواب ڏنل آهن:

**سنڌي سڃاڻپ جا ماڻ ۽ نوجوانن جو رايو:**

| پئراميٽر | اهم آهي | اهم ڪونهي |
|---|---|---|
| 1. سنڌي ڪاڌو پيتو | 75 | 15 |
| 2. سنڌي ڏڻ وار ملهائڻ | 88 | 12 |
| 3. سنڌي ذاتين جو استعمال | 92 | 8 |
| 4. سنڌي ڪپڙا پائڻ | 30 | 7 |
| 5. سنڌي ريتيون رسمون اپنائڻ | 93 | 7 |
| 6. مائٽن سان ميل ميلاپ رکڻ | 98 | 2 |
| 7. سنڌ سان لڳاءُ/جُڙيو رکڻ | 88 | 12 |
| 8. سنڌي ادب پڙهڻ | 56 | 44 |
| 9. سنڌي گيت سنگيت ناٽڪ | 57 | 43 |
| 10. سنڌي ڳالهائڻ | 90 | 10 |
| 11. سنڌي لکڻ پڙهڻ | 66 | 34 |
| 12. سنڌي سماج ۾ اُٿ ويهه | 87 | 13 |

منهنجي ويچار مطابق هيءُ حصو نوجوانن جي ان بابت ڏنل نظريي جو اڀياس اسان لاءِ تمام دلچسپ ۽ اهم ٿي سگهي ٿو؟ ڇو جو سنڌي سڃاڻپ طور اسين جن ڳالهين يا ماڻن کي اهميت ڏيون ٿا، ضروري ناهي ته نوجوان به اُن کي اهميت ڏيندا هجن. سندن ڏنل 'ها' ۽ 'نه' جي جواب مان اِها ڄاڻ ملي سگهي ٿي ته هو پنهنجي سڃاڻپ جا ڪهڙا ڳوليا ۽ ڪهڙا سمجهن.

هر جاتيءَ جو پنهنجو خاص طرح جو ڪاڌو پيتو هجي ٿو سنڌي ڪاڌو نه رڳو سنڌين ۾ بلڪ غير سنڌين ۾ به چڱو مقبول آهي. 100 مان 85 نوجوانن جو چوڻ هو ته هو سنڌي ڪاڌا پيتا پسند ڪندا آهن ۽ سنڌي سڃاڻپ طور اُن کي اهم سمجهن ٿا. اها ڳالهه سامهون آئي ته سنڌي ڪاڌي پيتي کان وڌيڪ ترجيح سنڌي ڏڻ وار ملهائڻ کي ڏني ويئي. 100 مان 88 نوجوانن زور ڏنو ته اسان کي سنڌي ڏڻ ڏاڍ ڌوم سان ملهائڻ گهرجن.

ڪين چيتي چنڊ ۽ ستئن جي ڄاڻ هئي.

هڪ دلچسپ ڳالهه، جنهن ڏيان ڇڪايو سا هئي سنڌي ذات (Surname) جو استعمال. ذات سان سڃاڻپ ڪنهن به ماڻهوءَ جي ذاتيءَ جي پهرين نشاني آهي. پر 100 مان 8 نوجوانن جي اِها سوچ هئي ته سنڌي سڃاڻپ لاءِ سنڌي ذات هئڻ ضروري ناهي. اجوڪي ٿهي وڏيڪ ماڊرن ۽ نئين سوچ واري آهي. ان هوندي به سماج جي حصي طور اُها پنهنجين بنيادي ريتين رسمن سان پاڻ کي جوڙي رکڻ چاهي ٿي، اها ڄاڻ ريتين رسمن کي اپنائڻ سان واسطيدار مليل جواب مان پيئي. 100 مان 93 سنڌي ريتيون رسمون اپنائڻ چاهين ٿا، خاص ڪري شادي مُرادي، ڇٺي ۽ ڄڻين جي موقعي تي.

اسين چئون ٿا ته اڄڪلهه وقت ڪنهن کي آهي، هر ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ پورو آهي، ٻين سان ملڻ جلڻ گهٽجي ويو آهي، خاندان جا رشتا ناتا ڪمزور ٿي رهيا آهن. ان ڏس ۾ به نوجوان جو رايو اِهو آٽت ڏيڻ وارو آهي ته هو خانداني واسطن ۽ ميل ميلاپ کي اهميت ڏين ٿا.100 مان 98 چيو ته ’ها‘، مائٽن سان ميل ميلاپ رکڻ پنهنجي سڃاڻپ جو حصو آهي. اِن پيرا ميٽر کي سڀ کان وڏيڪ ووٽ مليا.

سنڌ بابت نواجوانن کي وڏيڪ ڄاڻ ڪانهي. ڪلاس ۾ پڙهائيندي مون ڪيترا ڀيرا اِهو محسوس ڪيو آهي ته سنڌ جو ذڪر شاگردن کي (جذباتي) ڪونه ٻڌائيندو آهي، سنڌي ڪويتائن (شاعريءَ) ۾ سنڌ جي ساراهه ۽ يادگيريون ڪين گهٽي عجب ۾ وجهنديون آهن. گهڻن کي سنڌ ۾ پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي نالي جي ڄاڻ ناهي، نوجوان ڪيترن آديپور، گانڌيڌام کي ئي پنهنجو اباڻو هنڌ (Native Place) چيو. ان هوندي به ڪين پنهنجي پاڙن جي ڄاڻ آهي ۽ اڻ سڌيءَ طرح هو سنڌ سان پاڻ کي جوڙين ٿا. اِن سروي سان اِها ڳالهه ظاهر ٿي ته 100 مان 88 نوجوان سنڌي سڃاڻپ طور سنڌ سان لڳاءُ ۽ جڙاءُ کي ترجيح ڏين ٿا.

اڄ جڏهن سنڌي ادب ۾ نئين ٽهيءَ جي اديبن جي کوٽ صاف محسوس ڪجي ٿي، نئون پڙهندڙ طبقو نه جي برابر آهي ۽ نئين ٽهيءَ کي سنڌي ادب سان جوڙڻ جون ڪوششون ٿيون ڪجن، تڏهن سنڌي سڃاڻپ طور سنڌي ادب پڙهڻ بابت هنن نوجوانن جي جواب مان خبر پوي ٿي ته ان سنڌي سڃاڻپ طور سنڌي ادب پڙهڻ اهم آهي، جيتوڻيڪ اُنهن مان مشڪل سان ڪنهن ڪو سنڌي ڪتاب پڙهيو آهي.

سنڌي گيت، سنگيت، ناٽڪ، سنڌي آوازي تهذيب جو اهم حصو آهن. اِن

دوران سنڌي نوجوانن کي سنڌي تهذيب ۽ ٻوليءَ سان جوڙڻ جون ڪوششون به هر هنڌ تي رهيون آهن. جيتوڻيڪ 44 ڄڻن چيو هو ته هُو گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن، پر هن سوال جي جواب ۾ 44 ڄڻن جو چوڻ هو ته سنڌي سڃاڻپ طور، هُو اِهو ضروري نه ٿا سمجهن ته سنڌي گيت، سنگيت، ناٽڪ ڏسجن يا ڪجن. 100 مان لڳ ڀڳ 10 ڪن نوجوانن اِسڪول ۾ پڙهندي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪنهن سنڌي پروگرام ۾ حصو ورتو آهي.

ڪنهن به جاتيءَ جي پهرين سولي سڃاڻپ اُن جي ٻوليءَ سان ئي ٿيندي آهي. مادري زبان ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ اُن جو حصو آهي. هن سروي موجب نوجوان سنڌي ڳالهائڻ کي ته سنڌي سڃاڻپ طور اهميت ڏين ٿا، پر لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو جو مڃڻ آهي ته سنڌي سڃاڻپ لاءِ، سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ڪافي آهي. سنڌي لکڻ پڙهڻ اچڻ ايترو ضروري نه آهي. 100 مان 90 سنڌي ڳالهائڻ کي اهميت ڏين ٿا ۽ 100 مان 66 سنڌي لکڻ پڙهڻ کي به ضروري سمجهن ٿا.

نوجوان ڪٽنبي رشتن ناتن کي ٻڌائي رکڻ کي جيتري اهميت ڏين ٿا، لڳ ڀڳ اوتري ئي اهميت هو سنڌي سماج ۾ اُٿ ويهه کي، اچ وڃ کي به ڏين ٿا. 100 مان 87 جو خيال آهي ته سنڌي هئڻ طور اسان کي سنڌي سماج سان ناتو رکڻ گهرجي. اِهو ڄاڻائي ٿو ته هر ڪو ماڻهو پنهنجي جاتي ۽ سماج جو حصو ٻڌجي رهڻ پسند ڪري ٿو.

مليل جوابن موجب هنن پئراميٽرس کي سندن اهميت موجب هن نموني جانچي سگهجي ٿو.

**سنڌي سڃاڻپ جا آڌار ۽ انهن جي اهميت**

| پئراميٽر | مليل جوابن موجب اهميت |
|---|---|
| مٽن مائٽن سان ميل ميلاپ رکڻ | 1 |
| سنڌي ريتون رسمون اختيار ڪرڻ | 2 |
| سنڌي ذات Surname جو استعمال | 3 |
| سنڌي ڳالهائڻ | 4 |
| سنڌي ڏڻ ملهائڻ | 5 |
| سنڌي سان لڳاءُ/ جڙاءُ رکڻ | 5 |

| | |
|---|---|
| سنڌي سماج ۾ اُٿ ويھ | 6 |
| سنڌي کاڌو پيتو | 7 |
| سنڌي لکڻ پڙھڻ | 8 |
| سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ | 9 |
| سنڌي ادب پڙھڻ | 10 |
| سنڌي لباس پائڻ | 11 |

**4.5_8: پنھنجي ڀُڻ ڀٽياد بابت ڄاڻ:**

ڪنھن بہ ماڻھوءَ لاءِ اُن جو وطن، اُن جو ديس تمام گھڻي اھميت رکي ٿو. ماڻھو اُن سان سوچ ۽ جذبي سان جڙيل ھوندو آھي. ان اِپياس ۾ اھو بہ سوال پڇيو ويو تہ سنڌي ۾ توھان جو ڳوٺ يا شھر ڪھڙو آھي؟ گھڻن ئي جي شڪل تي اِن سوال جي نشاني آڻي ڇڏي. ھُنن چيو تہ اسين تہ ھتان جا ئي آھيون. مون جڏھن چيو تہ سو تہ ٺيڪ آھي، پر سنڌ ۾ ڪٿان جا آھيو؟ تہ ھو گھري سوچ ۾ پئجي ويا. جڏھن مون پڇيومانِ تہ توھان جا ماءُ پيءُ ڪڏھن ڳالھيون ڪندي ڪھڙي شھر جو نالو وٺندا آھن، تہ ڪِنِ اُھا خوشي ظاھر ڪئي، جھڙي امتحان ۾ ڪنھن ڏکئي سوال جو جواب ياد اچڻ تي ملندي آھي. ڪنھن چيو تہ اسين پنھنجي گھر فون ڪري پُڇي ٻڌايون؟ مون چيو تہ نہ، اِن جي ضرورت ناھي، پر گھر وڃيِ اِن سوال جو جواب ضرور حاصل ڪجو. 100 مان 28 ٻڌائي سگھيا تہ ھو سنڌ ۾ ڪٿان جا آھن، 56 کي اِن بابت ڄاڻ ڪانہ ھئي. 10 نوجوانن جواب ڏنو تہ اسان کي اھا خبر آھي تہ اسان جو اباڻو ماڳ (Native Place) پاڪستان ۾ آھي، اُنھن سوالن ۾ بہ اِھو ئي لکيو. ستن ڄڻن لکيو تہ سندن اباڻو ماڳ (native place) آديپور_ گانڌيڌام آھي. انھن جوابن مان خبر پوي ٿي تہ نوجوان 'سنڌ' نالي کان تہ واقف آھن، پر ڪين پنھنجي اباڻي شھر يا ڳوٺ بابت ڄاڻ ناھي. ھندستان ۾ ڄاول سنڌي نوجوان جتي ڄاوا آھن، اُن ئي شھر کي پنھنجو اباڻو ھنڌ مڃين ٿا.

ھو سنڌي تہ آھن، پر ڪھڙي جاتيءَ جا آھن، اِھو سوال بہ سوال نامي ۾ ھو. 100 مان لڳ ڀڳ 59 کي پڪي ڄاڻ ھئي تہ ھو ڪنھن جاتيءَ جا آھن. 16 پنھنجي جاتيءَ کان واقف ڪونہ ھئا. 34 ٻيا حوالا ڏئي، ياد ڪري جواب تہ لکيو پر ڪين اِن جي پوري پڪ ڪانہ ھئي. اِھو ڏيکاري ٿو تہ اڄ پارت ۾ سنڌي جاتيءَ ۾ اُپ_ جاتيءَ جو فرق گھٽجي رھيو آھي ۽ اُن کي نوجوان گھڻي اھميت نٿا ڏين، جيتوڻيڪ گھڻن کي اِھا ڄاڻ ھئي تہ

شادي مُرادي وقت اُپ- جاتي (Sub- Cast) جي ڳالهه گهر ۾ ڪئي ويندي آهي.

### 4.5-9 پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر:

ڪنهن جاتيءَ جي فرد لاءِ اِهو ضروري آهي تہ هو پنهنجي اُن جاتيءَ جو حصو هئڻ تي فخر محسوس ڪندو هجي، ڇو جو سندس من ۾ اِهو ناهي تہ هو پاڻ کي جاتيءَ جي سڃاڻپ کان پري ڪندو ويندو ۽ پاڻ کي اُن جاتيءَ جو حصو سڏائڻ ۾ شرم محسوس ڪندو.

نوجوانن کي سنڌي ورثي سان جوڙڻ لاءِ ضروري آهي تہ اُنهن ۾ پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر جو احساس جاڳائجي. اِها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اِن سان جڙيل سوال تي سڀ جا سڀ خوشيءَ سان چئي رهيا هئا تہ ها، اسان کي سنڌي هئڻ تي فخر آهي. جي عام جواب اِهو ئي آهي تہ اسان کي سمجهڻو پوندو تہ اسين هنن نوجوانن کي پنهنجي ورثي کان اهڙي نموني واقف ڪرايون، جو هو نہ صرف سنڌي هئڻ تي فخر ڪن، بلڪ سنڌيت کي سنڀالي بہ رکن ۽ اُن کي اڳتي وڌائين.

### 4.6: آئيندا لاءِ رستو:

ان سموري اڀياس جي آڌار تي مان اِهو سمجهان ٿي تہ اڄوڪي نئين ٿهي پنهنجي ورثي کان پوريءَ طرح واقف نہ هجي، يا ڪي ٿورا نوجوان سنڌي سڏائڻ ۾ هروڀرو ڪو وڏيڪ فخر محسوس نہ ڪندا هجن. سنڌيءَ بدران هندي ۽ ٻين ٻولين جو وڏيڪ استعمال ڪندا هجن. ڪين سنڌي پڙهڻ لکڻ نہ ايندو هجي. ان جي باوجود هو پنهنجين پاڙُن کي ڄاڻڻ چاهين ٿا، اُنهن سان جڙيل رهڻ چاهين ٿا. اِن ڪري بجاءِ اُن جي سامهون سڄو وقت 'سنڌيءَ ۾ ڳالهايو' يا 'سنڌي پڙهڻ لکڻ سکو' جو سائن- بورڊ، جن سان هو پنهنجي سنڌي سڃاڻپ قائم رکن ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان بہ جُڙن.

مادري ٻوليءَ جو احساس دماغ سان نہ، پر دل سان جڙيل آهي. اسان کي سندن ذهن ۾ اِها ڳالهہ ويهارڻي پوندي تہ هر ڳالهہ رڳو 'نفعي نقصان' لاءِ نہ ٿيندي آهي. جيئن پيار، دوستي، رشتا اسين خوشيءَ ۽ سُڪون لاءِ رکون ٿا، تيئن ئي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي تهذيب سان لڳاءُ ۽ جڙاءُ بہ جذباتي آهي. اُنهن ۾ پنهنجي ٻوليءَ لاءَ سينسٽيوٽي (احساس داري) آڻڻ ضروري آهي.

نئين ٿهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان جوڙي رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي تهذيب ۽ جيئڻ جي طريقي کي جيئرو رکيو وڃي، ڇو جو سنڌي ٻولي، اُن جو هڪ انگ آهي.

ٻولي ۾ تهذيب پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڳُتيل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جا ٻيا دائرا ڳولجن. نوجوان ٽهيءَ جي پسند ۽ لاڙي مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ اُهي شيون ميسر ڪرائجن. سنڌي پاپ ۽ سنڌيءَ ۾ بلاگ اُنهن جا مثال آهن. ٻوليءَ جي استعمال ۾ لچڪپڻو آڻجي. سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ جيڪي پروگرام هلايا وڃن, اُهي نوجوانن جي نظرن ۾ سنڌي جاتيءَ جو مانُ مرتبو وڌائين, اِن نموني ٺهيل هئڻ گهرجن. سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرونڪ ٽيڪنالاجيءَ سان جوڙائجي, انٽرنيٽ, اي ميل, سوشل نيٽ ورڪنگ سائيٽس, سنڌيءَ بابت ڄاڻ ڏيندڙ ويب سائيٽس جو استعمال ڪجي. سنڌ, سنڌي ٻولي, ادب, شخصيتن, سنسڪرتي وغيره بابت ڄاڻ پارت جي لڳ ڀڳ هر ٻوليءَ ۾ سنڌي نوجوانن لاءِ ميسر ڪرائجي, جيئن هو پنهنجي املهه سنڌي ورثي بابت ڳنڀيرتا سان ڄاڻي سگهن ۽ اُن جي اهميت سمجهي, اُن سان جڙن.

هيءَ اڀياس تمام ننڍي پيماني تي ڪيل هڪ شروعات آهي. منهنجي ويچار مطابق سنڌي خانگي ۽ سرڪاري ادارا, جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي شهر ۾ اِن قسم جو سروي ڪرائين ۽ اِن نموني ملڪي سطح تي وڏي پيماني تي سروي ڪرايو وڃي ته ڪي الڳ نتيجا به نڪري سگهن ٿا, ڪي اهم انگ اکر به گڏ ڪري سگهجن ٿا.

سب ڪجهه ڇڏي تون آئين, پنهنجي وطن جي خاطر,
ليڪن تو ساڻ آندي, پنهنجي اباڻي ٻولي,
سنڌي اباڻي ٻولي, مِٺڙي اباڻي ٻولي.

## حوالا:


1. Trudell, Barbara, “Mother toungue Matters: Local Language as a Key to Effective Learning” UNESCO, Paris, 2008
2. Irina Bokova,”Local languages for Global Citizenship: Spotlight on Science”, UNESCO, 2014
3. http://indiacode.nic.in/coiweb/amend/amend21.htm
4. http://www.unesco.org/new/en/culture/themes/endangered-languages/atlas-of-languages-in-danger
5. http://www.sindhishaan.com/article/wethesindhis/weth_11_03.html


ڊاڪٽر ساجده پروين

[اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي]

# سنڌي افسانوي ادب ۾ جديديت پڄاڻان جو اڀياس

## A study of Post Modernism in Sindhi Fiction

**Abstract:**

Post modernism (PM) is one of the most popular intellectual concepts and movements of the contemporary literary world which kicked off in the late 20th century around 1980s.Although PM has been precisely defined, but has left significant footprint on a wide range of disciplines of knowledge including art, philosophy, architecture, fiction, and cultural and literary criticism. Naturally, Sindhi literature is no exception. PM has influenced Sindhi literature quite a bit. In this research paper, I have tried to integrate several apparently-not-very-connected fields of study and concepts, e.g. Quantum Physics especially quality of entities to choose randomly or naturally, Evolutionary Psychology, Meta Fiction, and Hyper reality. In addition, Science Fiction has also been added in the equation. All this has been brought in connection with study of Sindhi literature – both prose and poetry. To this end, I have thoroughly discussed Sindhi Short stories of various writers. Research shows that Sindhi literature is yet to encompass complete features and elements modernism of PM, but we can spot 'naturally selected' traits. These include: decentralization, anarchy, and localization in Sindhi literature. Based on this, it is necessary that Sindhi literature should be analyzed in new literary critical theories that would help understand the mood of literature and problems of society. Why problems of society? Simply because one of the inherent attribute of the literature is that it is 'son of the soil and spring of society'.

جديديت پڄاڻان، جديد ادبي تنقيدي نظريو آهي. جنهن جي شروعات يورپ ۾ تقريباً ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي آهي. جديديت پڄاڻان جي وصف اهڙو متضاد مظهر آهي، جنهن بابت ڪا به قطعي راءِ ڏيڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ ته جديديت پڄاڻان بابت ڪن مفڪرن جو رايو آهي ته، اهو هڪ نظريو آهي ، ڪي چون ٿا ته جديديت پڄاڻان لاڙو آهي، ڪن جو خيال آهي، ته اهو جديديت جو تسلسل آهي. ڪي وري اِها دعويٰ ڪن ٿا ته ،اهو جديديت جي خلاف ردِعمل جو اظهار آهي ۽ هڪ گروهه اهڙو به

آهي، جنهن جو مجڻ آهي تہ جديديت پڄاڻان فقط معروضي صورتحال جو نالو آهي.

خود جديديت پڄاڻان سوچ جي جوهر جي پاڙن ۾ هر شيءِ خلاف شَڪَ (Skepticism) جو ٻج پوکيل آهي، ڇاڪاڻ تہ جديديت پڄاڻان جي سڀ کان وڏي دعويٰ ئي اِها آهي، تہ دنيا اندر ڪنهن حقيقت تائين رسائيءَ لاءِ ڪا بہ شيءِ علم يا فلسفو آخري، حتمي، قطعي ۽ معنيٰ خيز بلڪل ناهي.

جديديت پڄاڻان (Post modernism) جي ناليواري ليکڪا ۽ تنقيدنگار لِنڊا هُچِئن (Linda Hutchon) جو چوڻ آهي:

"Post-Modernism is a contradictory phenomenon, one that uses and abuses, installs and then subverts, the very concepts it challenges be it in architecture, literature, painting, sculpture, film, video, dance, T.V, music, philosophy, aesthetic theory, psychoanalysis, linguistics or historiography." (1)

جديديت پڄاڻان تضادن وارو مظهر آهي، جنهن جا پنهنجا فائدا ۽ نقصان، تعمير ۽ تخريب جا پهلو آهن. جديديت پڄاڻان جا بنيادي تصور فن تعمير، ادب، مصوري وغيره ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

جڏهن تہ اينڊريئز جو خيال آهي:

"Post-Modernism challenges some aspects of modernist dogma; its view of the autonomy of art and its deliberate separation from life; its expression of individual subjectivity; its adversarial status vis-a-vis make culture and bourgeois life." (2)

جديديت پڄاڻان، جديديت جي عقيدي جي ڪجھ رُخن کي چئلينج ڪري ٿي. اها فن جو گهرو منظر آهي، شعوري طور زندگيءَ کان عليحدگي ۽ انفرادي داخليت جو اظهار آهي.

چارلس رسل جديديت پڄاڻان بابت لکي ٿو :

"It is art of criticism, with no message other than the need for continuous questioning. It is an art of unrest, with no clearly defined audience other than those predisposed to doubt and to search." (3)

جديديت پڄاڻان تنقيد جو فن آهي، جنهن جو ڪم ڪوبہ پيغام پهچائڻ ناهي، بلڪ هي مسلسل سوال پيدا ڪري ٿو. هي ٻين مائل کان شڪ ڪرڻ ۽ ڳولها ڪرڻ وارن نظرين وانگر ناهي بلڪ هي اهو ڦتل فن آهي، جيڪو پنهنجي حاضرين کي واضح طور ڪجھ بہ نٿو سمجهائي.

مجموعي طور جديديت پڄاڻان جي مختلف وصفن مان اهو نتيجو اخذ ٿئي

ٿو تہ هي هڪ متضاد مظهر رکندڙ فڪر آهي، جنهن بابت ڪابہ قطعي دعويٰ ڪيل ناهي ۽ نہ ئي ان جا پوئلڳ چاهين ٿا تہ جديديت پڄاڻان کي ڪنهن مخصوص دائري هيٺ آڻجي، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سندس ئي جوهر جي خلاف پڻ آهي.

ٿلهي ليکي جديديت پڄاڻان، جديديت کان پوءِ جو مظهر آهي جيڪو جديديت سان فقط ڪجھ نڪتن تي سهمت آهي. ان سان گڏوگڏ جديديت پڄاڻان تحريڪ سرمائيداراڻا نظام کي سهارو (Support) ڏئي ٿي، جنهن سبب جديديت پڄاڻان خاص طبقي جي پيٽ ۾ عام ماڻهوءَ کي نظرانداز ڪري ٿي.

جديديت پڄاڻان نظريي جو سڀ کان اهم نُڪتو رينڊم (Random) اسٽائيل آهي. هن تحت ڪابہ شيءِ فارمولائيز ناهي. جديديت پڄاڻان ۾ تمام گهڻو انتشار،لامرڪزيت ۽ انارڪي ملي ٿي. جديديت پڄاڻان نظريو طئي ٿيل اصولن، قاعدن، قانونن کي ٽٽوميجي سندس فطرت ۾ بي ڍنگائپ، بي قاعدگي، ۽ بي ترتيبي موجود آهي، اهوئي سبب آهي جو جديديت پڄاڻان ڪيترن ئي مونجهارن جو شڪار پڻ آهي. ڪيس هزارين رنگ روپ آهن، جيڪي ان کي ڪنهن مخصوص ڇاپ هيٺ نٿا رهڻ ڏين. تنهن کان سواءِ جديديت پڄاڻان تحريڪ جو دائرو فقط ادب تائين محدود ناهي، پر اِها تقريباً زندگيءَ جي سمورن شعبن ۽ علمن کي پنهنجي دائري هيٺ آڻي ٿي.

## جديديت پڄاڻان جا اهم فلسفي (Prominent Philosophers of Post-Modernism)

**جين فرانسس ليوٽارڊ: (Jean Francois Lyotard):**

ليوٽارڊ (1924-1998) جو تعلق فرانس سان هو. هو هڪ فلسفي، سوشيالاجسٽ ۽ ادبي نظريي ساز هو. جديديت پڄاڻان جي حوالي کان سندس راين، بحث مباحثن ۽ نظريي جو تفصيل سندس ڪتاب (The Post-Modern Condition: A Report on Knowledge) ۾ موجود آهي، جيڪو انگريزي زبان ۾ 1984ع ۾ ترجمو ٿيو.

ليوٽارڊ ٻي جنگ عظيم کان پوءِ معاشري ۾ جديد ٽيڪنالوجي، مواصلاتي نظام ۽ جديد ميڊيا جي حوالي کان تيزيءَ سان ايندڙ تبديلي، انهن جي اثرن ۽ انقلاب کي هن ڪتاب ۾ تفصيل سان بحث هيٺ آندو آهي. ليوٽارڊ جو چوڻ آهي تہ موجوده دور ڄاڻ (Knowledge) جي بجاءِ معلومات (Information) جو آهي.

گلوبل وليج ۽ ڪمپيوٽر ايج سبب علم ذاتي شخصيت جو حصو هئڻ جي بجاءِ ڪمرشل دنيا جو وکر بڻجي ويو آهي، جنهن کي وڪڻي ۽ خريد ڪري سگهجي ٿو.

"As Lyotard sees it, in the most highly developed contemporary societies, knowledge has become a commodity, bought and sold on the

market.” (4)

ليوٽارڊ جو ٻيو اهم تنقيدي تصور عظيم بيانن (Meta-Narratives) بابت آهي. هي اصطلاح سندس ئي جوڙيل آهي.

سندس خيال آهي تہ سمورا عظيم بيان (Meta-Narratives) جهڙوڪ ڏندڪٿائون، ديومالائي قصا، فلسفياڻا روايتون يا سمورا عالمي فڪر جيڪي ڏگهي عرصي تائين انساني زندگيءَ جو مرڪز ۽ ابدي سچ ۽ صداقت تائين پهچ جو فڪري تسلسل رهيا آهن، اهي سڀ هاڻ رد ٿي چڪا آهن. جديديت پڄاڻان ڪنهن بہ عظيم بيان، پوءِ اهو وجوديت هجي يا مارڪسزم، رومانويت هجي يا ڪلاسڪ ازم، تجربيت هجي يا وري عقليت، ڪنهن تي بہ يقين نٿي رکي، تنهن ڪري ليوٽارڊ جو مڃڻ آهي تہ ڪابہ حقيقت آخري ناهي .

ليوٽارڊ جو چوڻ آهي تہ جديديت پڄاڻان سماج ۾ وحدانيت، يڪسانيت ۽ ابدي صداقت جو تصور ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان سماج جي خاصيت ئي ڪثرت، رنگيني ۽ غير مرڪزيت تي رکيل آهي. اهوئي سبب آهي جو جديديت پڄاڻان مفڪر جديديت جي برعڪس اجتماعيت جي بجاءِ انفراديت جي ڳالهہ ڪن ٿا، عالميت جي بجاءِ مقاميت کي اهميت ڏين ٿا ۽ ڪُل جي بجاءِ جُز جي تصور کي بنيادي سمجهن ٿا. انهن جو سمورو زور عظيم بيانن (Meta-Narratives) جي بجاءِ ننڍين ننڍين ڪهاڻين ۽ بيانن ڏانهن وڌيڪ آهي.

**جين بوڊريلارڊ:** (Jean Baudrillard)

جديديت پڄاڻان جي حوالي کان ٻيو اهم نالوفرانس جو جين بوڊريلارڊ (1929-2007) آهي. سندس مشهور نظريو حقيقت کان مٿانهين حقيقت (Hyper Reality) وارو آهي. سندس اهم ڪتاب (Simulacra and Simulation) آهي، جيڪو انگريزي زبان ۾ 1994ع ۾ ترجمو ٿيو. بوڊريلارڊ جو چوڻ آهي، تہ جديديت پڄاڻان دور ۾ جديد ميڊيا، ڪنزيومر سوسائٽي، سرمائيداراڻا نظام ۽ سائنسي ترقيءَ سبب شين جي حقيقت (Reality) وارو تصور بلڪل وڃائجي ويو آهي ۽ ان جي جاءِ اصل شين جي نقل (Simulacra) والاري ڇڏي آهي. اهو سڀ نشانن واري نظام (Sign System) سبب ممڪن ٿي سگهيو آهي. جديد ميڊيا انهن ذريعي اهڙن نون نشانن، عڪسن ۽ ڪوڊن جو ڪلچر تخليق ڪري ٿي، جن جي ڪري اصل ۽ نقل جي وچ وارو سنڌو ختم ٿي وڃي ٿو بلڪ پوءِ اصل ان مخصوص شيءِ جي نقل ذريعي ئي سڃاتو وڃي ٿو.

بوڊريلارڊ انهيءَ اصل جي نقل واري عمل کي (Simulation) سڏيو آهي.

"Baudrillard chooses the term "Simulacrum" a word that denotes representation but also carries the sense of a counterfeit, shame or fake simulacra seem to have referents, but they are merely pretend representations that mark the absence not the existence of the objects they purport to represent." (5)

بوڊريلارڊ (Simulation) جا چار مختلف مرحلا ٻڌائي ٿو. آخري مرحلي کي بوڊريلارڊ حقيقت کان مٿانهين حقيقت (Hyper Reality) سڏيو آهي، جنهن ۾ حقيقت جو ڪوبہ تصور ناهي هوندو. اهڙي ريت جديديت جي برعڪس جديديت پڄاڻان ۾ حقيقت منطق کان بالاتر ٿي Hyper Reality ذريعي هڪ نئين شڪل اختيار ڪري ٿي.

**فريڊرڪ جيمس : (Fredric James)**

فريڊرڪ جيمس، جديديت پڄاڻان جو ادبي ۽ مارڪسي نظريي جو سياسي تنقيدنگار آهي. سندس تعلق آمريڪا سان آهي، ادبي لحاظ کان سندس بہ مشهور تصنيفون آهن:

Postmodernism: The Cultural Logic of Late Capitalism & the Political Unconscious

جديديت پڄاڻان تي سندس هڪ ڪتاب1991ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ جديديت پڄاڻان تي مارڪسي نطقئہ نظر سان ڀرپور تنقيد ٿيل آهي. فريڊرڪ جيمس جي سڃاڻپ جو هڪ اهم حوالو مختلف همعصر ثقافتي لاڙن جو تجزيو پڻ آهي.

جيمس، عظيم بيانن (Meta Narratives) جي ختم ٿيڻ تي شڪ جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ عظيم بيانن جو مڪمل طور سان ختم ٿي وڃڻ ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪا شيءِ اسان جي اجتماعي زندگيءَ جي ساخت آهي، اها پاڻ کان پٽي جدا ڪري نٿي سگهجي. درحقيقت اهي سمورا عظيم بيان (Meta Narratives) اسان جي اجتماعي لاشعور جو حصو بڻجي چڪا آهن ۽ مختلف حوالن ذريعي اهي اسان جي عمل کي متاثر ڪندا رهندا آهن.

جيمس، معاشيات جي ماهر ارنيسٽ مينڊل جي ماڊل کي بنياد بڻائيندي جديديت پڄاڻان جو تجزيو پيش ڪيو آهي. سندس خيال آهي تہ جديديت پڄاڻان سائنسي ۽ ائٽمي انقلاب سان گڏوگڏ سرمائيداريءَ سان پڻ لاڳاپيل آهي، جنهن ڪري

سماج جي اندر معاشياتي رشتن جي شڪل ۽ نوعيت ئي تبديل ٿي چڪي آهي. سرمائيداري، صارفيت جو ڪلچر، ميڊيا ۽ ڪمرشلائيزيشن اسان جي اجتماعي لاشعور کي مسلسل متاثر ڪري رهي آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪالونيل ازم کي وڌڻ ويجهڻ جو ڀرپور موقعو مليو آهي.

"Jameson claims that 'there have been three fundamental moments in capitalism, each one marking a dialectical expansion over the previous stage. These are marked capitalism the monopoly stage or the stage of imperialism and our own, wrongly called postindustrial, but what might better be termed multinational capital.' (6)

جديديت پڄاڻان جي ٻين اهم فلسفين ۾ رچرڊ رورٽي (Richard Rorty)، ڊوگلس ڪيلنر (Douglas Kellner)، لنڊا هچئن (Linda Hutcheon) ۽ احاب حسن (Ahab Hassan) وغيره جا نالا سرفهرست آهن.

**افسانوي ادب ۾ جديديت پڄاڻان جو اڀياس:** (Postmodern study of Fiction)

سنڌي ادب ۾ جديديت پڄاڻان تحريڪ جي عڪاسي فقط تاثراتي حوالي کان ملي ٿي. ان جو سبب اهو آهي ته پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ ڪرپشن، رشوت خوري، بيروزگاري ۽ دهشتگردي جهڙن مسئلن سماج ۾ لامرڪزيت، انارڪي ۽ ڇڙواڳي ڦهلائي ڇڏي آهي، جنهن ڪري جديديت پڄاڻان جي معروضي صورتحال ترقي يافته ملڪن جي بجاءِ ترقي پذير ملڪن ۾ وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر ان جو مطلب اهو ناهي ته اسان جو سنڌي اديب جديديت پڄاڻان تحريڪ کان چڱي نموني واقف آهي. منهنجي خيال موجب آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اسڪالر جديديت پڄاڻان بابت آگاهي/واقفيت رکن ٿا.

درحقيقت سنڌ جو اديب اجان تائين ترقي پسندي ۽ وجوديت واري دائري کان ٻاهر ناهي نڪري سگهيو. سنڌي ڪهاڻيءَ جو جيڪڏهن جائزو وٺجي ته ان ۾ اڄ به رومانويت، وطن پرستي، تصوف، ڪلاسيڪيت، مزاحمتي فڪر ۽ روشن خياليءَ جا رنگ ته ملندا، پر سائينٽفڪ ۽ فلاسافيڪل لحاظ کان جديديت پڄاڻان جو صحيح معنيٰ ۾ مطالعو فقط يورپي ادب ۾ ملي ٿو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جديديت پڄاڻان جي عڪاسي نه هئڻ جي برابر آهي فقط ڪجهه ليڪڪن وٽ جديديت پڄاڻان جا سماجي عڪس ملن ٿا.

1. **منور سراج:** منور سراج جي ڪهاڻي "جوڳيءَ جو جنم" جديديت پڄاڻان جو مثال پيش ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ انساني زندگي، سماج ۽ ثقافت سان لاڳاپيل

مختلف ديومالائي قصن، وهمن ۽ وسوسن جو عنصر ملي ٿو. هڪ جوڳيءَ جي ذات جي روحانيت ۽ پراسراريت جي عڪاسي ٿيل آهي جنهن جي دعا ۽ پيشن گوئيءَ سان عورت کي اهڙو پٽ پيدا ٿئي ٿو جنهن جي هٿ جي پنيءَ تي فقير جي آڱوٺي جو نشان هجي ٿو. مثال طور:

ڏهين مهيني هٿ پير لڏائين، پٽ ڄائس. سچ جي تڙڪي ۾ ٻار کي تيل سان آڍيندي ڏاڏيءَ جي نظر ٻار جي ڪاٻي هٿ جي پنيءَ تي پئي ته حيرت مان رڙ نڪري ويس....

”مائي!، جوڳيءَ جي ڳالهه سچي نڪتي، هي ڏس ننڍڙي جي هٿ جي پني...“(7)

جديديت پڄاڻان عالمي ثقافت سان گڏوگڏ مقامي توڙي انفرادي تهذيب، ثقافت، لوڪ ڪٿائن توڙي ڏند ڪٿائن کي هڪ جيتري اهميت ڏني ٿي ۽ اهي حقيقتون هر سماج ۽ ڪلچر ۾ هڪ ٻئي کان مختلف ٿين ٿيون. ضروري ناهي ته هڪ سماج يا قوم جون صداقتون ٻئي لاءِ به اوتريون ئي ڪارگر ۽ درست هجن. منور سراج جي هيءَ ڪهاڻي جديديت پڄاڻان جي اهڙي ئي خيال کي اپاري ٿي.

سندس ٻي اهم ڪهاڻي ”سچ لهڻ کان اڳ ۾“ آهي. هيءَ ڪهاڻي جديديت پڄاڻان جي فني ٽيڪنڪ ماورائي افسانوي ادب (Meta fiction) تحت لکيل آهي.

ماورائي افسانوي ادب (Meta fiction)، افسانوي ادب جو هڪ قسم ۽ جديديت پڄاڻان لکڻين جو هڪ خاص نمونو آهي. هي اصطلاح افسانوي لکڻين جهڙوڪ افساني، ڊرامي، ناول ۽ فلم وغيره لاءِ مخصوص ڪيل آهي، جنهن مان مراد اها آهي ته اهڙو افسانوي ادب تخليق ڪجي، جنهن جي عنصرن ۽ جزن ۾ پڻ افسانوي رنگ موجود هجي.

مثال طور: ڪنهن افساني، ناول يا ڊرامي ۾ اهڙو ڪردار پيش ڪرڻ جيڪو پاڻ به تخليقڪار يا ليکڪ هجي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ڪهاڻي لکي رهيو هجي يا ڪهاڻي پڙهي رهيو هجي يا پاڻ ڪا ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هجي.

هن ڪهاڻيءَ ”سچ لهڻ کان اڳ ۾“ جو مرڪزي ڪردار ، ڪهاڻيءَ ۾ پڻ هڪ رومانوي ۽ المياتي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو جيڪا هن پاڻ لکي آهي. بنيادي طرح سان هيءَ ڪهاڻي فني طور جديديت پڄاڻان جي وڏيڪ ويجهو آهي .

” هن سچ لهڻ کان اڳ ۾ ۽ رات پوڻ کان پهرين گهر پهچڻ ٿي گهريو.

سندس مٿ ۾ چاڪليٽ ۽ سفري بيگ ۾ هڪ ڪهاڻي هئي.
هڪ اداس ڇوڪريءَ جي آکاڻي،
جيڪا هڪ شام گم ٿي وئي هئي.

ڪنهن پئي چيو” خود ڪشي ڪري ڇڏي هونداڻين، ازل جي اداسي هئس اکين ۾.....! موت جي محبوبا هئي. (8)

2. **منظور ڪوهيار:** منظور ڪوهيار جي مختصر ڪهاڻين جو مجموعو ”پوئرن جي انتظار ۾“ فني حوالي کان جديديت پڄاڻان جي ڀرپور عڪاسيءَ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته جديديت پڄاڻان عظيم بيانن (Meta-narratives) جي بجاءِ مختصر ڪهاڻين کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿي. هن مجموعي ۾ ڪا به ڪهاڻي ڏهن کان وڌيڪ جملن تي مشتمل ناهي. منظور ڪوهيار جون ڪهاڻيون پڻ جديديت پڄاڻان جي سماجي صورتحال بابت آگاهي ڏين ٿيون. سندس ڪهاڻيون نهايت خوبصورت احساساتي تاثر پيدا ڪن ٿيون، جن مان هرهڪ ڪهاڻيءَ تي الڳ سان هڪ پورو ناول لکي سگهجي ٿو. مثال طور سندس ڪهاڻي ”اڳٺ نڪتل سٿڻيون ۽ عوام“ کي جائزي لاءِ پيش ڪجي ٿو.

هڪ وزير، پنهنجي داناءَ مشير کان پڇيو:

”اڄڪلهه عوام ڏاڍو تنگ ٿو ڪري، جتان لنگهئون ٿا، اسان کي ڏسي، ٻئي هٿ مٿي ڪري اسان جي خلاف نعرا ٿو هڻي. ان جو ڪوحل ٻڌاءِ“؟ مشير وراڻيو سائين، عوام جي سٿڻين ۾ اڳٺ وجهڻ تي پابندي هڻائي ڇڏيو. وزير کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي. هن اهڙي قسم جو بل اسيمبليءَ مان منظور ڪرائي ڇڏيو ان ڏينهن کان وٺي عوام جا ٻئي هٿ سٿڻن ۾ آهن.“ (9)

هيءَ ڪهاڻي جديديت پڄاڻان جي سماجي صورتحال تي ڀرپور طنز آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته موجوده دؤر مڪمل طور سان مصنوعي، جڙتو مسئلا پيدا ڪيل، نڳي، ڪوڙ، سماجي توڙي سياسي طور انتشار جو شڪار آهي. جتي ميڊيا ذريعي مختلف پروپيگنڊائن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ماڻهن کي گمراهه ڪيو وڃي ٿو. ايترا مسئلا پيدا ڪيا وڃن ٿا، جو ماڻهو مونجهاري جو شڪار ٿي اصل موضوع ۽ مسئلن تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏين ٿا ۽ Hyper reality واري دنيا کي ئي سچ سمجهڻ لڳن ٿا.

هن ڪهاڻيءَ ۾ علامتي طور عوام جا هٿ سٿڻن ۾ وجهرائڻ جو مطلب به اهوئي آهي ته موجوده سياسي ڍانچو پنهنجن مفادن جي پورائي لاءِ ميڊيا کان اهڙو ڪردار ادا

ڪرائي ٿو. جنهن ۾ جديد ميڊيا هٿ ٺوڪين مسئلن ذريعي ماڻهوءَ کي ايترو قابو ڪري ڇڏي ٿي، جو انسان جو عقل منجهي پوي ٿو ۽ منجهس سوچڻ، سمجهڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي وڃي ٿي.

3. **ڊاڪٽر غفور ميمڻ:** ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي ڪهاڻي ”جتي نينهن اڇل“ سائنس فڪشن تحت لکيل ڪهاڻي آهي. هي پڻ جديديت پڄاڻان ادب جي هڪ اهم خاصيت آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ مادي ترقيءَ جي انتها ڏيکاريل آهي. مستقبل ۾ انساني زندگيءَ جي ترقيءَ جي تصور جي نهايت خوبصورت تصوير چٽيل آهي، جتي انساني زندگي ايتري تہ ترقي ڪري چڪي آهي، جو ماڻهو غائب بہ ٿي سگهي ٿو سندس دماغي ڪيفيتون مشين ذريعي جاچي بہ سگهجن ٿيون، تہ ٻار بہ ليبارٽرين ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ انسان جي پهچ ڪيترن ئي سَيّارن تائين ممڪن ٿي سگهي آهي. هڪ سَيّاري تي ماڻهو تفريح ڪرڻ پيا وڃن، تہ ٻئي تي رهڻ، ٽئين تي آفيسون آهن، تہ چوٿين تي اسپتالون ۽ انهن جو سفر پڻ منٽن تي مشتمل ٿي پيو آهي.

جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ جا ڪجهہ تصور جادوئي حقيقت نگاريءَ (Magic Realism) جو اڀياس ڪرائين ٿا. هي پڻ جديديت پڄاڻان لکڻين جي هڪ اهم ٽيڪنڪ آهي پر ان جي باوجود مجموعي طور هن ڪهاڻي تي سائنس فڪشن جو رنگ وڌيڪ نمايان آهي.

”شيام، سنڌوءَ تي هڪ نظر وڌي ۽ خودڪار ڪمپيوٽر روم ۾ ويهي ڪجهہ بٽڻ دٻائڻ لڳو. ٿوري دير ۾ ڪجهہ لهرون ڏسڻ ۾ آيون ۽ شيام جو جسم غائب ٿي ويو.“(10)

يا هڪ ٻيو مثال ڏسو:

”اڄ توهان 2299ع ۾ جِي رهيا آهيو. سائنس ايتري ترقي ڪئي آهي، جو اهڙن واقعن تي سوچڻ بہ خواب ٿو لڳي. هن وقت ڌرتي هڪ ملڪ آهي ۽ دنيا وسيع ٿي چڪي آهي.“(11)

ان کان علاوه طارق قريشيءَ جي ڪهاڻي ”صديءَ جو سفر“ پڻ سائينٽيفڪ پسمنظر تحت لکيل ڪتا آهي، جنهن ۾ سائنسي ترقيءَ جو سربستو احوال ڏنل آهي.

4. **ڊاڪٽر منظور قادر:** تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر منظور قادر جي ڪهاڻي ’فيس بڪ‘ پڻ جديديت پڄاڻان جي مختلف عنصرن مان حقيقت کان مٿانهين حقيقت (Hyper

(Reality تي مبني آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ سوشل ميڊيا ذريعي ٿيندڙ ڪوڙ جي ڪاروباري دنيا، سماجي انارڪي، رشتن ناتن ۾ وڌندڙ ڪوڪلائپ ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. هيءَ ڪهاڻي جديد سوشل نيٽ ورڪنگ سائيٽس جي ڀرپور تان پردو کڻي ٿي جنهن جو بنياد ڪوڙ تي رکيل آهي، جتي قدرن، ڪلچر ۽ رشتن ناتن جو تقدس پائمال ٿيندو رهي ٿو. جتي ماڻهن جو پيج اپ ڊيٽ ڪرڻ جو مقصد هڪ ٻئي سان حقيقتون شيئر ڪرڻ يا سماجي ، سياسي ۽ معاشي تبديليون آڻڻ نه بلڪ ڪوڙ دوکي ۽ فريب ذريعي ڇوڪريون ڦاسائڻ آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ پڻ اهڙو ڪردار ڏيکاريل آهي، جيڪو فيس بڪ چيٽنگ ذريعي هڪ اڻ ڏٺل ڇوڪري شهلا کي ڦاسائي ساڻس دوستي ۽ پوءِ محبت جو ڊرامو ڪري ٿو.

”هي پنهنجي منهن سوچيندي جيئن ئي لابيءَ طرف مڙيو ته سندس نظر سامهون صوفي تي ويٺل سندس زال تي پئجي وئي .... هي گهڙي پل لاءِ ته سراپجي ويو پر پوءِ پاڻ سنڀاليندي زال جي ويجهو اچي چوڻ لڳو ”تون...؟“

”يس آءِ ايم شهلا، ويٽنگ فار يو...!“ جوڻس مسڪرائيندي اُٿي ۽ هن ڏانهن هٿ وڌايو. هٿ ملائيندي هن کي ڇڪر اچي ويو ۽ ڦان ڪري پاسي واري صوفي تي ڪِري پيو!(12)

5. **محمد صديق منگيو:** محمد صديق منگيي جي ڪهاڻي ”ڏُکي تي ڏڏُور...“ جديديت پڄاڻان جي حوالي کان سياسي، سماجي ۽ معاشي لامرڪزيت (Decentralization) جي ڀرپور تصوير چٽي ٿي. جنهن ۾ موجوده سماج جي بدانتظامين ۽ انتشار کي وائکو ڪندي اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته بنيادي طرح سان سڄو سماج ٽٽي چڪو آهي، ڪٿي به ڪو قانون، انصاف، اصول، سماجي برابري ۽ قدر ناهن رهيا، جنهن سبب سڄي رياست انتشار جو شڪار بڻيل آهي.

رياست ۾ عام ماڻهو تذليل جو نشانو بڻجي ٿو. عدل، انصاف، سک آرام ۽ سهنجائي عام لاءِ نه، پر خاص طبقي لاءِ مخصوص آهي. هن ڪهاڻي ۾ اهڙي پوڙهي عورت ڏيکاريل آهي جيڪا هاسيڪاري آنڌل ٻوڏ جي تباهي سبب سرڪاري امداد حاصل ڪرڻ لا ڌڪا ٿاٻا کائيندي رهي ٿي پر ڪيس وري ڪجهه ڪو نه ٿو.

”رات جي بيگاهه واري ٻچاءَ بند کي ٽُڪو ڇا هنيائون، جڻ ڳوٺ ۾ گامُ سپ ٻُڏي ويا ... نہ سمر ساٿ هئس، نہ ئي ساٿُ سلامتُ مٿي ڇانءَ لاءِ سرڪاري ڪئمپ جي ڇت ڇانءَ، پيٽ پرڻ لاءِ اٽپوري خيراتي ماني ۾ ڳنڍ ٻڌل هئس، وزيرن، مشيرن ۽ ڪامورن جا سٽيا بيان ۽ اعلان ... سڪڻ اعلانن مان بہ ڪنهن جي واهر ٿي آهي؟ اُهي وَس وارن جي وات جا ٻوڙ پلاءُ ئي تہ هوندا آهن ... جن جا سياسي پيرَ زور هئا، تن جا تہ قطار ۾ بيٺي ئي ٻيڙا پار پئي ٿيا، پر هن جا سڏ پيران پير تائين نہ رسيا هئا.“ (13)

6. **جمن احمداڻي:** جمن احمداڻيءَ جي ڪهاڻي “انڌن جي جهوپڙيءَ ۾ ٽمڪندڙ روشني” جديديت پڄاڻان جي هڪ اهم نڪتي گلوبل وليج جي اندر جديد سڏ سماءَ جي ذريعن مان ميڊيا جي ڪردار ۾ حقيقت کان مٿانهين حقيقت ( Hyper Reality) تي مشتمل آهي.

اڳ ۾ ميڊيا، ماڻهن کي باخبر رکڻ لاءِ خبرون نشر ڪندي هئي، پر جديديت پڄاڻان تحريڪ سبب هاڻ ميڊيا جو ڪردار پڻ جڙتو بڻجي ويو آهي، جنهن ڪري اڄ خبرن جو تصور بريڪنگ نيوز وارو بڻجي ويو آهي. هاڻ ميڊيا خبرون نشر ڪرڻ بجاءِ خبرن جا اشوز ٺاهيندي آهي. واقعن کي ڄاڻي واڻي ٽوڙي مروڙي اهڙيءَ ريت پيش ڪيو ويندو آهي، جيئن ماڻهن ۾ حيراني، تعجب، تجسس ۽ سنسني ڦهلجي ۽ ڪروڙين روپين جي ڪمائي پڻ ٿئي. اهڙ ي ريت جديد ميڊياهن وقت حقيقت کان مٿانهين حقيقت (Hyper reality) جو تصور پيش ڪري ٿي جيڪو سچ کان ڪٽيل ۽ جڙتو هجي ٿو.

جمن احمداڻيءَ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ هڪ اهڙو ئي ڪردار ڏيکاريل آهي جيڪو غربت جو ڊونگ ڪري پنهنجن ٻارن کي وڪڻ لا شهر ۾اچي ٿو ۽ ميڊيا جي ڪوريج سبب ان ڏينهن جو زبردست اشو بڻجي وڃي ٿو.

”ٻارڙن جو پيءُ، روئڻهارڪي شڪل سان ميڊيا آڏو پنهنجي اولاد کي وڪڻ جو سبب وڏي طمطراق سان ٻڌائي رهيو هو... “ منهنجو گهر ڪرائي تي آهي. ٽن مهينن کان مزدوري ناهي ملي ... زال بيمار اٿم. ڪالهہ کان منهنجي ٻارڙن ڪجهہ ناهي کاڌو، بک کان مجبور ٿي ٻارن کي وڪڻ آ يو آهيان.“ (14)

اهڙي خبر جي نشر ٿيڻ سان ٿرٿلو مچي وڃي ٿو. عام ماڻهن جا تبصرا، لائيو بحث مباحثا، اين جي اوز جا بيان، انساني حقن لا جاکوڙيندڙ تنظيمن پاران ڄاڻايل

واقعي جي مذمت، منسٽرن، صلاحڪارن ۽ ڪامورن جا موقف نشر ڪيا ويندا هئا. ۽ آخرڪار وري هڪ ٻي بريڪنگ نيوز نشر ٿيڻي ٿي.

"ٻار وڪڻندڙ پيءُ وٽ منسٽر جو صلاحڪار پهچي ويو. ڪيس ٻن لکن جو چيڪ ڏيئي ٻارڙن کي وڪڻڻ تان هٿ کڻايو ويو آهي." (15)

آخرڪار ڪهاڻي پنهنجي ڇرڪائيندڙ اختتام ڏانهن وڌي ٿي ۽ ليکڪ اصل ڳالهه پڌري ڪري ٿو.

"ٻارن جو پيءُ ٻن لکن جو چيڪ وٺي گهر پهتو. پنهنجي زال کي ٻن لکن جي خوشخبري ٻڌائي ٻارڙن کي خوشيءَ سان چيائين: "اڄوڪي اتڪل ڪامياب ويئي. پاڻ ڇهن ڪلاڪن ۾ ٻه لک روپيا ڪمايا آهن!" (16)

اها آهي حقيقت کان مٿانهين حقيقت يعني ڪوڙ کي اهڙي ريت ناهي پيش ڪرڻ جو اهو ڪوڙ ئي سچ کان وڌو سچ لڳي.

7. **ماهتاب محبوب :** ماهتاب محبوب جي ناولن "پيار پناهون چانورا" ۽ "خواب خوشبو ڇوڪريءَ" ۾ پڻ جديديت پڄاڻان جا اولڙا پسجن ٿا. هنن ناولن ۾ سرمائيداراڻي نظام سبب اپريل انتهائي درجي جي مادي ڪلچر جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدرن ، رشتن ناتن ،پيار محبت ۽ احساس جي جاء مفاد پرستي لالچ ۽ خودغرضي والاري ڇڏي آهي. هنن ناولن ۾ وجود جي اڇل کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ نوان جنسي قدر ۽ اڻ کٽندڙ حَوس پڻ هنن ناولن جا موضوع آهن. تنهن کان سواءِ جديد شهري قدرن ۽ مارڪيٽ جي گليمر جو اثر جيڪو جديديت پڄاڻان جو اهم روح آهي، سو پڻ هنن لکڻين تي حاوي نظر اچي ٿو.

مثال طور:

"لنچ بريڪ دوران لائونج ۾ اڪيلي ويٺي، هوءَ جيڪو سوچن ۾ غرق هئي، جو سامهون سيڙهين تان هڪ ناںءُ چڙهي سياستدان کي ڪنهن بيورو ڪريٽ جي ڌيءَ سان گڏ بي تڪليفي مان هيٺ لهندو ڏسي، هن جي سوچ جي وهڪري پنهنجو رخ موڙيو... ڪيڏي نه شان سان پرائي ڌيءَ کي ساڻ ڪيو پيو هلي... اهو ساڳيو جيڪر ديسي ڇڪلي جي ماڙيءَ تان ڪنهن ماڙيچپياڻيءَ جو رت ست چوسي نپوڙي، هٿن ۾ گجرا ويڙهي ڳاڙهو وات ڪري، ڪنيڙاتين مان ڪنيرائي، ٽڙندو ٽاٻڙندو هيٺ لهي ها ته

هوند سڄي ساک مٽيءَ ۾ ملي ويئيس ها..." (17)

**منير چانڊيو:** منير چانڊيءَ جو ناول "ڪيف ڏاران ڪوهه" جيتوڻيڪ رومانوي ناول آهي، پر هن ناول جو ڪلائيمڪس جديديت پڄاڻان جي نتيجي پرستيءَ (Pragmatism) وارو آهي. جنهن ڪري پيار جي آفاتي هئڻ واري صداقت هن ناول ۾ پرزا پرزا ٿيندي نظر اچي ٿي.

جديديت پڄاڻان دؤر جي اهم نعري "Think Globally but act locally" جو پڙاڏو هن ناول ۾ ڀرپور طريقي سان محسوس ٿئي ٿو.

"ڏس نه منصورا هيءَ دؤر پنهنجي مطلب جو آهي. هر ماڻهوءَ کي پنهنجو فائدو ڏسڻ گهرجي. توسان شادي ڪرڻ کان بهتر آهي، ته مان نور محمد سان شادي ڪريان."

"هو توکان ته هزار ڀيرا وڌيڪ بهتر آهي. هو بدي ۾ منهنجي پاءُ لاءِ پنهنجيءَ ڀيڻ جو سڱ به ڏئي ٿو منهنجي ڏاج لاءِ پئسا به ڏئي ٿو..."

"اها هڪ ئي ڀيڻ اٿس. ڀيو اهو پيءُ، جيڪو به ڳوٺ ۾ پنهنجون زمينون سنڀاليندو... نه گهر ۾ ماءُ هوندس، نه پيءُ، نه ڀيڻ، نه ڀاءُ.... گهر ۾ اڪيلي ويٺي راڄ ڪنديس..." (18)

8. **اخلاق انصاري:** اخلاق انصاريءَ جي ناول "اڏوهي" ۾ جديديت پڄاڻان لکڻين جي فني ٽيڪنڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ادب Fragmentation جو ڪجهه اثر نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ هي ناول "Surrealism" جي لاڙي تحت لکيل آهي، پر ان جي باوجود ڪجهه عنصرن سبب هي ناول Fragmentation جي ويجهو به لڳي ٿو.

(Fragmentation) يا ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ادب ,جديديت پڄاڻان لکڻين جي اهڙي فني ٽيڪنڪ آهي، جنهن مان مراد اها آهي ته متن کي بغير تسلسل ۽ بي ترتيبيءَ سان پيش ڪرڻ. مثال طور موضوع، پلاٽ ۽ ڪردارن کي عام رواجي، حقيقي، سلسليوار ۽ تاريخ وار بيان ڪرڻ جي بجاءِ مختلف واقعن، حالتن ۽ يادگيرين ذريعي بيان ڪيو وڃي.

هيءَ ڪهاڻي پلاٽ ليس (Plot less) آهي، جنهن ۾ واقعن جي بيان جو تسلسل ٽڙيل پکڙيل ۽ بي ترتيب آهي. هڪ پروفيسر کي يونيورسٽيءَ طرفان چيڪ ملي ٿو هو مختلف وهمن ۽ وسوسن ۾ وڪوڙ جي بيمار ٿي پوي ٿو ڪيس انهيءَ عمل پٺيان ڪيترئي سازشون نظر اچن ٿيون.

هن ناول جو اسلوب ننڍين ننڍين اڻ پورن ۽ بي ترتيب ٽڪرن تي مشتمل آهي

جن جو پاڻ ۾ ڪوبہ باهمي ربط نظر نٿو اچي.

”ائين تہ نہ آهي...تہ...ڪڏهن ڪنهن Development ڪاميٽي ۾ رکي... ڪنهن بلڊنگ ۾ ڪم جاٽائي صحي وٺن...هان... يا... اسپورٽس ڪاميٽيءَ جي چارج آهي... سامان ڪاغذن ۾ خريد ٿيل ڏيکارجي... ۽ خريد نہ ڪجي... پر شيئر ڪجن؟...

”پر اهو بہ تہ ممڪن آهي، تہ ڪنهن پارٽيءَ جي شاگرد ڪي... مارائي... ڪوڙي شاهدي ڏيارين... ۽ پوءِ... ايئن بہ تہ ٿي سگهي ٿو... ايئن بہ تہ ٿي سگهي ٿو... ان ڪان پوءِ مون ڪي بہ...“ (19)

**نتيجو**:

مجموعي طور تي سنڌي ادب ۾ ’جديديت پڄاڻان‘ جي مطالعي مان اهو نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ سنڌي ادب ۾ جديديت پڄاڻان جي عڪاسي يورپي جديديت پڄاڻان تحريڪ ۽ ادب کان بلڪل مختلف آهي.

سنڌ جو اديب اڃان جديديت پڄاڻان تحريڪ کان واقف ئي ناهي ٿي سگهيو تنهن ڪري ان جي مخصوص موضوعن ۽ لاڙن تحت لکڻ جو سوال تہ اڃان ڪافي پري آهي مجموعي طور سان سنڌي سماج جيئن تہ ترقي پذير سماجن ۾ ليکجي ٿو تنهن ڪري انهيءَ جي انتشار، انارڪي، ڇڙواڳي ۽ لامرڪزيت وارن پهلوئن جي عڪاسيءَ ۾ جديديت پڄاڻان لکڻين جا ڪي عنصر وائڪا ٿين ٿا، جن کي ادبي جائزي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

## حوالا:


1. Hutcheon Linda, (1988), A Poetics of Post modernism, Rutledge, New York, London, p.1
2. Huyssen Andreas, (1986), After the Great Divide: Modernism, Mass Culture, Postmodernism, Bloomington: Indiana University Press, p.53
3. Russell Charles, (1981) The Avant Grade Today: An International Anthology, Urbana University Illinois Press, p.58
4. Ibid.p.10
5. The Norton Anthology English Literature, (2012), W.W. Norton &

Company, Vol.1, 9th Edition, p.1730
6. Kellner Douglas and Sean Homer, (2004), Fredric Jameson: A Critical Reader, Palgrave Mac Milan, p.17
7. سراج، منور، خوابن جي سرحد، سوجهرو،730 صدر ، ڪراچي، (2008) ، ص 30 ۽ 31.
8. ساڳيو صفحو 12 ۽ 13
9. ڪوهيار، منظور (2012)، پؤنرن جي انتظار ۾، ڪنول پبليڪيشن قنبر، ص ؛ 37 .
10. ميمڻ، غفور ، ڊاڪٽر، جتي نينهن اچل ، مشعل اڪيڊمي ڪراچي ،(1995)، ص ؛ 100
11. ساڳيو صفحو 102
12. منظور قادر، ڊاڪٽر، فيس بوڪ، نئون نياپو اڪيڊمي ، ڪراچي ، (2013) ، ص ؛
13. ماهوار سوجهرو، ذڪي سنز پرنٽرز، آءَ آءَ چندر ريگر روڊ ، ڪراچي ، جولاء ، 2011
14. احمداڻي، جمن، "اڪيلو ماڻهو"، نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي، (2012) ، ص 17.
15. ساڳيو صفحو 18
16. ساڳيو صفحو 19
17. ماهتاب محبوب ، خواب خوشبو ڇوڪري ، نيو فيلڊس پبليڪيشن ، حيدرآباد، (1998)، ص ؛ 188۽ 189
18. چانڊيو، منير، ڪيف ڏاران ڪوءَ، همت پبليڪيشن ، حيدرآباد، (2010)، ص ؛ 190
19. اخلاق انصاري، اڏوهي ، جيجل پبليڪيشن قنبر، (2006) ، ص ؛ 19

**ڊاڪٽر مخمور بخاري**

[اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي]

# بيدل فقير جا همعصر ڪافي گو شاعر

## Contemporary Kafi Poets of Bedal Faqeer

**Abstract:**

This paper looks at the technicalities of Kafi poetry of Faqeer Qadir Bux Bedal (1231 AH/1815–16th Zulqad 1289 AH/15 January

1873) and his four major contemporary Kafi poets: Faqeer Nanik Yousif (1208 AH/1792–9 Jamadiul Awal 1269 AH /1853), Daryah Khan Kandree Waro (1179 AH / 1765 – 1270 AH / 1853 AD), Khush Khair Muhammad Hesbani (1224 AH /1809 AD – 1294 AH / 1877 AD) and Peer Ali Gohar Shah Asghar (14 Rajabul Murjab 1231 AH / 1816 – 11 Jamadiul Awal 1263 AH/ 1845 AD). Sachal Sarmat is the torch bearer and Imam (Leader) of Sindhi and Seraiki Kafi, and he introduced new traditions. His followers in art and thought were: Faqeer Nanik and Faqeer Bedal and their contemporaries Daryah Khan Kandree Waroo, Khush Khair Muhammad Hesbani, and later on, Pir Ali Gohar Asghar adopted these traditions. Sachal Sarmat has devised and used 68 formats in his Sindhi and Seraiki Kafi, whereas Faqeer Bedal not only adopted 13 formats of Sachal but also devised 41 new formats. On the other hand, in the Kafis of his contemporaries Faqeer Nanik, Daryah Khan, Khush Khair Mohammad and Pir Asgar, we found not only these 109 formats but also some other ones, which are discussed in this paper. Meyoun Shah Inat was the first poet, who compiled his Risalo (compendium) on the basis of Surs (melodies). He has used 19 melody types. After him, Shah Abdul Latif added 7 more melodies; Sachal added 12, Nanik Yousif 14, Duryah Khan 05, Khush Khair Muhammad 01, Faqeer Bedal 04 new melodies. Pir Asghar did not introduce any new melody. This addition of melodies brought Sindhi Sufi poetry on the pinnacle of musical excellence.

Social, Economic, political and religious conditions of that period, along with usage of different musical compositions, concurrently gave momentum to popularity of Kafi. Poets under the study possess various merits including artistic usage of language. They all propound Sufi philosophy of Wahdatul Wijood (Oneness of being); and while speaking about place of human in universe, they remind him or her about his or her true position and stature. Like Sachal, they've also expressed their views fearlessly and they don't appreciate concept of duality between Creator and creation.

سنڌي ماڻهوءَ جي مزاج ۾ حد کان وڌيڪ درگذر، برداشت، سهپ جهڙا عنصر موجود آهن ته ٻئي طرف وري مسئلن کان فراريت، پاڻ ۾ نااتفاقي، ساڙ ۽ حسد جهڙا رويا پڻ موجود آهن، تنهن ڪري سنڌي سماج ۾ به مختلف ڪيفيتون گڏوگڏ هلن ٿيون. پهرين ڪيفيت هيٺ اسان جي هن خطي ۾ تصوف جو اثر وڌيو ڇاڪاڻ ته ٻين علائقن جيان اسان وٽ به حڪمران ۽ عوام جو ڪڏهن به ڪو گهرو تعلق نه جڙي سگهيو. سنڌ ۾ تصوف جي عام ٿيڻ جو هڪ سبب اهو به ڏسجي ٿو ته هتان جي ماڻهن گهڻو ڪري مسئلن جي حل جي بجاءِ ان کان فراريت اختيار ڪئي هن ڏکي بحث کي اسان هتي

نہ ٿا چيڙيون فقط ايترو چونداسين تہ اڄ جون حالتون اسان جي ڪالهہ سان جڙيل آهن جيڪي يقينن سياڻ تي بہ اثر انداز ٿينديون.

تصوف جي اثر هيٺ رهندڙ ماڻهن صوفي مت سمجهائيندڙن کي پنهنجو اڳواڻ ڪري پانئيو ۽ انهن هتان جي ماڻهن جي ذهني، معاشي، علمي ۽ اخلاقي حالتن کي محسوس ڪندي انهن جي ذهني سطح تي لهي نہ رڳو هنن جي ذهنن جي تربيت ڪئي پر منجهن اهو شعور بہ جاڳايو تہ هڪ فرد ڪائنات جي اندر هڪ مڪمل حيثيت جو مالڪ آهي تنهن ڪري ان کي قدرت جي طرفان مليل پنهنجن بنيادي حقن جي ڳُهر ڪرڻ جو مڪمل اختيار آهي. سچل سائين چيو هو:

جـي تـو چـاتـو پـاڻ، آئـون ٻـيـو ڪـي آهـيـان

ڪـنـدءِ غـرق گـمـان، ڳـهـلا انـهـيءَ ڳـالـهـہ ۾

۽ اڃا ٿورو اڳتي ائين بہ چئي ٿو:

چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا

اسان جڏهن سنڌ جي اِن شعوري تاريخ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اُن ۾ مخدوم نوحؒ کان وٺي شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو، قاضي قادن، دادو ديال، شاهہ لطف الله قادري، ميون شاهہ عنات، شاهہ حبيب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خواجہ صاحبڏنو روحل فقير، مراد فقير، سچل سرمست، دريا خان، سامي، نانڪ يوسف، فقير قادربخش ’بيدل‘، محسن ’بيڪس‘، نوابشاهہ ’سڪايل‘، پير علي گوهر شاهہ ’اصغر‘، خوش خيرمحمد هيسباڻي، صوفي دلپت ۽ ٻيا بہ اڻ ڳڻيا نالا نظر اچن ٿا. هِنن سمورن صوفي مفڪرن عوام تائين پنهنجي ڳالهہ پهچائڻ جا نرالا انداز بہ اختيار ڪيا. جنهن ۾ شاعري ۽ موسيقي خاص اهميت رکن ٿا. هنن پنهنجي فڪر کي مختلف شعري گهاڙيٽن ۾ آڻي مختلف راڳ، راڳڻين جي ذريعي ظاهر ڪيو جيڪو بنهہ ڪامياب تجربو رهيو. شعري هيئت جي حوالي سان بيت ۽ ڪافيءَ کي اختيار ڪيو ويو تہ ساڳئي وقت راڳ جون مقامي صورتون بہ اختيار ڪيو ويون تہ گڏوگڏ هندستاني موسيقيءَ مان پڻ موقعي ۽ مناسبت سان فائدو ورتو ويو. اسان کي شعري هيئت جا نمونا قاضي قادن ۽ مخدوم نوح جي دؤر کان ملن ٿا جنهن ۾ بيت جون مختلف صورتون شامل آهن جن ۾ دوهو، سورٺو ۽ دوهو سورٺو ميل جهڙا نمونا بہ موجود آهن تہ موسيقيءَ جي مڪمل ورڇ ميين شاهہ عنات وٽ ملي ٿي. شاهہ عنات جي ولادت جو سنہ سنڌ جي وڏي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب 1030 هہ کان 1035 هہ / 1620ع کان 1625ع وچ ڏاري ۽ وفات 1120 هہ کان 1125 هہ / 1708ع کان 1713ع ڏاري ٿي

آهي،[1] يعني ميين شاهہ عنات ان دؤران پنهنجو رسالو ويهي جوڙيو جنهن ڪي هُن 22 سُرن ۾ ورڇيو آهي ۽ هي ئي بنياد آهي جنهن کي اڳيان رکي اسان جي شاهہ عبداللطيف پنهنجي رسالي کي جوڙيو آهي. اڳتي هلي سچل سرمست راڳ واري پهلوءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ۽ هُن پنهنجي ڪلام ۾ 23 سُر شامل ڪيا ساڳئي وقت سندس خاص طالب نانڪ يوسف وٽ سُرن جو هڪ نئون جهان آهي، هن مختلف سُرن جي آميزش سان پنهنجي شاعريءَ کي 30 سُرن ۾ اظهاريو آهي. ڪنڊڙيءَ جي دريا خان پڻ 24 سُرن ۾ پنهنجو خيال اظهاريو آهي. اهڙي ريت فقير قادربخش بيدل وٽ 19 سُر موجود آهن.

مٿي بيان ڪيل شاعرن وٽ موسيقيءَ جي سُرن کي سمجهڻ جي لاءِ هتي تفصيل پيش ڪجي ٿو جنهن جي مدد سان اسان اڳتي اِهو سمجهي سگهنداسين تہ ميين شاهہ عنات کان بيدل فقير تائين شاعرن ڪهڙا راڳ، راڳڻيون پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيا آهن ۽ اڳتي اسان کي اهو بہ سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي تہ بيدل سائينءَ تائين سنڌ ۾ ڳايو ويندڙ راڳ ڪهڙي صورت ۾ موجود هو.

الف:

| شاعر جو نالو | موجود سُر | اضافي / نوان سُر |
|---|---|---|
| ميون شاهہ عنات | سُر ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سُر راڳ، رامڪلي، پريات، ڏناسري، چيتسري، پورب، ليلا، آسا، راڻو بلاول، ديسي، سورٺ، سارنگ، توڏي، ڪاموڏ ۽ ڪارائيڙو.[2] | ابتدائي |
| شاهہ عبداللطيف ڀٽائي | سُر ڪلياڻ، جمن، ڪنيات، سُر راڳ، سامونڊي، سهڻي، سارنگ، ڪيڏارو، رامڪلي، رِپ، معذور، ديسي، حُسيني، سورٺ، بروو سنڌي، راڻو بلاول، جوڳ، ليلا، جاجڪاڻي، پورب، | سُر سامونڊي، سهڻي، کوهياري، حسيني، ڪيڏارو، بروو سنڌي، ڪارايل، جاجڪاڻي، جوڳ. |

| | | |
|---|---|---|
| | آسا، ڪاموڏ، ڪارايل، ڪوهياري، ڌناسري [3]. | |
| سچل سرمست | سُر آسا، گُجري، بلاولي، پيروي، ڌناسري، توڏي، پهاڙي، جهنگلو سارنگ، پيلو تلنگ، ڪسوري، پوربي، ڪوهياري، ديسي، راڻو ڪلياڻ، ڪنڀات، ڪماچ، ويهاڳ، ڪوئنسيہ، مالڪوس، جوڳ [4]. | سُر گجري، پيروي، جهنگلو تلنگ، ڪسوري، پهاڙي، جوڳ، پِيلو ڪماچ، ويهاڳ، ڪوئنسيہ، مالڪوس. |
| نانڪ يوسف | سُر تلنگ، ڪلياڻ يا درٻاري، نٽ، ڪوهياري، آسا، سورٺ، برهہ يا بلاولي، بروو سنڌي، ڍوليہ، مالڪوس، پيرو بلاولي، گجري، ڪاريهر، سارنگ، پهاڙي، بلاولي ڪنڀات آميز، جين آميز جهنگلو ڌناسري، جين، پِيلو جوڳ، وهاڳڙو ديسي، پهاڙي بطرز هوري، جهنگلو بروو مقامي، جين شڌ، آسا آميز گُجري [5]. | سُر ڪلياڻ يا درٻاري، نٽ، برهہ يا بلاولي، ڍوليہ، ڪاريهر، بلاولي ڪنڀات آميز جين آميز جهنگلو جين، پيرو وهاڳڙو پهاڙي بطرز هوري، مقامي، جين شڌ، آسا آميز گجري. |
| فقير دريا خان ڪنڌڙي وارو | سُر سهڻي، ليلا، بلاول، بروو، پهاڙي، جوڳ، لوڙائو، ڪلياڻ، لوڙائو پهاڙي، شان، سارنگ، ڪوهياري، آسا، ڪنڀات، تلنگ، وهاڳ، | سُر لوڙائو، لوڙائو پهاڙي، شان، پيرم، قصور. |

| | | |
|---|---|---|
| | ڏناسري، گُجري، پيرم، قصور، ڪسوري(6). | |
| فقير قادر بخش ’بيدل‘ | سُر جهنگلو بروو، بلاولي، سسئي، ديسي، سارنگ، پورب، جوڳ، نٽ ڪلياڻ، ڪامول، بهاڳ، سهڻي، بسنت، هوري، گنوري، آسا، سورٺ، ڏناسري، مالڪوس (7). | سُر نٽ ڪلياڻ، بسنت، هوري، گنوري. |

چارٽ الف موجب سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي هنن اهم شاعرن وٽ 63 راڳ / راڳڻيون استعمال هيٺ رهيون.

چارٽ ب ۾ انهن راڳن / راڳڻين کي عليحده ڪري ڏيکارجي ٿو جيڪي فقط هڪ ئي شاعر وٽ موجود آهن.

ب:

| شاعر جو نالو | انفراديت |
|---|---|
| ميين شاهه عنات | سُر چيتسري، ڪارائڙو. |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي | سُر حسيني، ڪيڏارو ڪارايل، جاجڪاڻي. |
| سچل سرمست | سُر پيروي، ڪماچ، ڪوئنسيه. |
| نانڪ يوسف | سُر نٽ، ڍوليه، بلاولي ڪنيات آميز جين آميز جهنگلو جين، پيرو وهاڳڙو پهاڙي بطرز هوري، جين شڌ، مقامي، آسا آميز گجري. |
| دريا خان | لوڙائو لوڙائو پهاڙي، شان، پيرم، قصور. |
| بيدل فقير | نٽ ڪلياڻ، بسنت، هوري، گنوري. |

بنيادي طرح اسان جي هنن شاعرن جتي پنهنجي ڪلام ۾ راڳ، راڳڻين جا روپ ڏنا آهن اُتي هنن شعري گهاڙيٽن ۾ پڻ تبديليون آنديون آهن جيڪي انفراديت رکندي نت نراليون ٿي بيٺيون آهن. ميين شاهه عنات ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي وٽ بيت ۽ وائيءَ جي صورت موجود آهي جڏهن ته ان کان پوءِ جي شاعرن وٽ بيت ته ساڳيو رهيو پر وائي تبديل ٿي ڪافيءَ جي صورت اختيار ڪئي ڇاڪاڻ ته وائيءَ جي پيٽ ۾

ڪافيءَ ۾ خيال، هيئت ۽ موسيقيت جي حوالي سان گهڻي وسعت آهي. اهڙي ريت پوءِ جي شاعرن سرائڪي شاعريءَ جو اثر قبوليندي سہ حرفي/ٽيھہ اکري کي بہ شعري ڊانچي طور استعمال ڪيو. سچل سائين اُن حوالي سان هڪ منفرد شاعر هو جنهن ڪجهہ وڌيڪ شعري صنفون مثال طور گهڙولي، جهولڻو وغيره پيش ڪيو تہ شاهہ لطيف کان پوءِ ڪيڏاري جي روايت کي قائم رکندي ڪيڏاري جي بيتن چوڻ سان گڏ عروض موجب باقاعدي مرثيو بہ چيو. سرمست سائينءَ جو اهو فڪري ۽ شعري اثر سندس طالبن ۽ ٻالڪن کان ويندي سندن عقيدتمندن تائين بہ پهتو. بيدل فقير جي ڪلام ۾ پڻ اسان کي اهي ئي صنفون نظر اچن ٿيون.

ڪافي، خيال، هيئت ۽ موسيقيت جي حوالي سان هڪ وسيع صنف آهي ۽ ان کي اهوئي نيائي سگهي ٿو جيڪو اُنهن ٽنهي بنيادن سان گڏ ٻوليءَ جو بہ ادراڪ رکي ٿو. سچل سائينءَ جي ڪافيءَ ۾ گهاڙيٽن جا 68 نمونا موجود آهن [8]. جڏهن تہ بيدل فقير وٽ ڪافيءَ جا 54 گهاڙيٽا موجود آهن جن مان 13 ساڳيا سچل سائينءَ جا آهن ۽ 41 نمونا فقير بيدل فقير جي پنهنجي تخليقي ايجاد آهن [9].

بيدل فقير (1231 ھ / 1815ع - 16 ذوالقعد 1289 ھ / 15 جنوري 1873ع) جا ڪافيءَ جي حوالي سان اتر سنڌ سان تعلق رکندڙ بہ وڏا همعصر فقير نانڪ يوسف (1208 ھ / 1792ع - 9 جمادالاول 1269 ھ / 1853ع) ۽ دريا خان ڪنڊڙي وارو (1179 ھ / 1765ع - 1270 ھ / 1853ع) موجود هئا. جڏهن تہ سندس هم عمر خوش خير محمد هيسباڻي (1224 ھ / 1809ع - 1294 ھ / 1877ع) ۽ پاڳارن جو گادي نشين پير علي گوهر شاهہ 'اصغر' (14 رجب المرجب 1231 ھ / 1816ع - 11 جمادالاول 1263 ھ / 1845ع) ڪافيءَ جو نرالو شاعر آهي. سندس رحلت جي تاريخ پڻ بيدل فقير چئي آهي. هت مختصر طور ڪافيءَ جي هنن چئن شاعرن جو بيدل فقير جي ڪافيءَ سان گڏيل مطالعو ڪنداسين.

تاريخي حوالن مان اها سُڌ پئي ٿي تہ باقاعدي سنڌي ڪافيءَ جي شروعات سچل سائينءَ جي ڏاڏي خواجہ صاحبڏني کان ٿي آهي، جيتوڻيڪ سندس ڪافيون تمام گهٽ مليون آهن پر اُن ۾ بہ يڪي ۽ ٻيڻي جا نمونا موجود آهن. (خواجہ صاحبڏني جي ڪافيءَ بابت اڃا تائين ڪوبہ تحقيقي ڪم نہ ٿيو آهي.) خواجہ صاحب کان پوءِ سندس پوٽي ۽ سنڌ جي فڪري وحدت جي علمبردار شاعر سچل سرمست ڪافيءَ کي فڪري

۽ فني ڀرپور اوج بخشيو. اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ سرمست سائين يڪي، ڏيڍي، ٻيڻي، ٽيڻي، چئوڻي ۽ پنجوڻي ڪافيءَ ۾ قافين جي مٽ سٽ سان 68 نمونا جوڙيا. اها روايت سندس پوئلڳن بہ قائم رکي. سچل سائينءَ جي خاص طالب ۽ بيدل فقير جي وڏي همعصر فقير نانڪ يوسف ڪافيءَ ۾ وري فني حوالي سان سچل سائينءَ کان بہ ڪجھہ اڳڀرو نظر اچي ٿو هن جتي پنهنجي ڪافيءَ ۾ يڪي، ڏيڍي، ٻيڻي ۽ ٽيڻي جا نمونا اختيار ڪيا آهن اُتي هُن پنهنجي ڪافيءَ ڪي موسيقيءَ جو هڪ نئون جهان بہ ڏنو آهي. مختلف راڳ، راڳڻين ڪي پاڻ ۾ جوڙي هن هندستاني موسيقي اندر نوان راڳ جوڙڻ جي ڪوشش پڻ ورتي آهي تہ گڏوگڏ هن موسيقيءَ جي هڪ نرالي انداز ’نرت ـ تال‘ ڪي بہ اختيار ڪيو آهي، يعني هِن جي شاعريءَ ۾ بي انتها رواني ۽ رقص جي لفظي صورت موجود آهي. مثال طور:

ڏِنڪت ڏِنڪت سناوي، پريم موري بابو
ڏِنڪت سناوي، گيت گاوي، هينئڙو پاوي

برست برست لرجت لرجت گهن گهاري
جهنڪت جهنڪت ڏنڪت ڏنڪت ڦنڪت ڦن فنڪاري(10)

نانڪ فقير جو ڪلام موسيقي، رقص، والهانہ رواني، ترنم ۽ لئہ سان ڀرپور آهي جنهن ڪي بي ساختگيءَ سان ڳائي سگهجي ٿو سندس اها خصوصيت سندس دؤر جي شاعرن تي حاوي آهي جيتوڻيڪ سندس دؤر جي ٻين شاعرن وٽ بہ ڪيترين ئي فني ۽ فڪري خوبصورتيون موجود آهن پر نانڪ فقير واري رواني، ترنم ۽ بي ساختگيءَ جي برابري نہ ٿيون ڪن.

ڪندڙي سنڌ جي صوفياڻي تاريخ ۾ هڪ الڳ مقام رکي ٿو هي اُهو علائقو آهي جتان جي ڪلتارن: روحل فقير، مراد فقير ۽ دريا خان تصوف ۽ ويدانت ڪي ملائي پيش ڪيو. روحل فقير، خواجہ صاحبڏني جو همعصر هو سندس گهڻي شاعري تہ هنديءَ ۾ ملي ٿي پر سنڌي ۾ ملندڙ مختصر ڪلام ۾ بيت سان گڏ ڪافي بہ موجود آهي ساڳي طرح مراد فقير بہ بيت ۽ سہ حرفيءَ سان گڏ ڪافي بہ چئي آهي جنهن ۾ عشق، بيقراري، تڙپ، هيڪڙائي، وحدت، توحيد ۽ سڀ ۾ پنهون پاڻ جهڙا موضوع ۽ مضمون سمايل آهن. اُن ئي روحل فقير جي گهر ۾ دريا خان جهڙو سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ جو هڪ نرالو انداز رکندڙ شاعر بہ پيدا ٿيو جنهن وٽ پڻ پنهنجي دؤر جي مروج شعري

هيئتن ۾ تجربن جا انوکا مثال موجود آهن. سندس ڪافي پڻ راڳ تي ورچيل آهي (جنهن جو ذڪر اڳ ڪري آيا آهيون) تہ اهڙي ريت ڪافيءَ جا مختلف گهاڙيٽا ۾ منجهس بيون فني ۾ فڪري خوبصورتيون پڻ موجود آهن:

تنهنجي چشمن جا چهچڪار، اوتر سڪ جا ٿا يار اٿارن
عشق لذت مؤن سوئي ڄاڻي، جيڪو هجي سدائي ساڻن
اهڙا جن جا اعتبار، ڳاٽ ڀريو ٿا ڳوڙها ڳاڙهن

ڀنيا ڀرون، ڪنديون ڀنبٽيون، چين وجن ٽيون چوهيون چني
چٽن ڏندن جا چمڪار، چوڪان ڏيئي جڏهن نهارن[11]

بيدل فقير جو همعصر ضلعي نوابشاهہ سان تعلق رکندڙ خوش خير محمد هيسباڻي بہ سچل سائينءَ جي ڇڏيل شعري روايتن واري واٽ ورتي. هن تي فني توڙي فڪري طور درازي درويش جو گهرو اثر موجود آهي، وٽس ڪيترائي خيال اُن ئي اثر هيٺ نظر اچن ٿا تہ گڏوگڏ هن وٽ پنهنجي انفراديت پڻ آهي. سندس هڪ خوبصورت ڪافيءَ جون سٽون آهن:

نينهن پڙهائي نماز
عشق تي آيو امام اسان جو

حضرت عشق اسان جو دائم
ڏينهن قيامت تائين قائم
نوڙي ڪيوسين نياز
سجدو تي آيو سلام اسان جو

خير محمد بيان چوان مان
اعليٰ عشق جو شان چوان مان
عرش ۾ آهي آواز
جلدي پهچايو پيغام اسان جو[12]

بيدل فقير جو همعمر پاڳارن جو گادي ڌڻي پير علي گوهر شاهہ 'اصغر' سائين ڪافيءَ جو بي انتها نرالو ۽ خوبصورت شاعر آهي سندس جنم بيدل فقير کان هڪ سال

پوءِ ٿيو ساڳئي علائقي ۾ رهيا. يقينن سندن ملاقاتون به ٿيون ۽ علمي ۽ شاعراڻي سطح تي هڪبئي کان ڪجهه سکيو به هوندن. بيدل فقير سندس جوانيءَ ۾ وفات تي قطع تاريخ به لکي. 'اصغر' سائين بحيثيت درگاهه جي گادي نشين جي پنهنجي وقت ۾ درگاهه جي تعمير کان وٺندي جماعت جي پرگهور لهڻ، پنهنجي خاندان جي بزرگن جي ملفوظات شريف کي گڏ ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي، ادبي، روحاني معاملن ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو ته اُن سان گڏ پاڻ راڳ جو به وڏو ڄاڻو نظر اچي ٿو. سندس ڪافيون 22 راڳن ۾ ورڇيل آهن جنهن ۾ ڪيترين ئي فني، فڪري ۽ ادبي خوبيون موجود آهن ته سندس ڪافين ۾ ٻوليءَ تي گرفت جو به نادر نمونو موجود آهي. تجنيس حرفي ته سندس ڪافيءَ جي سجاڻپ آهي:

وسئون آءُ وياس، سرتيون ڏيو نه سُرت مون
پرت کان پنهونءَ جي، پهاڙين پياس
لڪن تي لعلڻ، ڏسان آئون ڏياس
ملڻ تنهن محبوب جي، ڪين اچي قياس
سُرت ڪوُن سنسار جي، 'اصغر' نينهن نياس [13]

فقير قادربخش بيدل بنيادي طرح سچل سرمست جي فڪر ۽ شعري روايتن کان گهڻو متاثر آهي راڳ کان وٺندي شعري گهاڙيٽن تائين فني نواڻ کان وٺندي فڪري اظهار تائين ڪيترين ئي هيئتي ۽ ادبي خوبيون وٽس سچل سائينءَ جي معرفت آيون آهن ته ساڳي طرح هو اُتي بيٺل نه رهيو آهي روايتن کي برقرار رکندي نين روايتن ڏانهن به قدم وڌايا اٿس ته گڏوگڏ مٿي ذڪر ڪيل سندس دور جي چئن اهم شاعرن جي سٽ ۾ بيدل فقير نرالو ۽ منفرد آهي. هت هنن شاعرن جي ڪلام ۾ موجود ڪجهه فني هڪ جهڙاين ڏانهن توجه ڪنداسين جنهن جو مقصد فقط اهو آهي ته اسان اتر سنڌ ۾ سچل کان پوءِ قائم رهندڙ ڪافيءَ جي روايت کي پرکي سگهون. [14]

بيدل فقير وٽ يڪي، ڏيڍي، ٻيڻي، اڍوڻي، ٽيڻي ۽ چئوڻي ڪافيءَ جا مکيه گهاڙيٽا موجود آهن جنهن ۾ وري هِن صاحب قافين جي مٽ سٽ سان 54 نمونا جوڙيا آهن. سندس ذڪر هيٺ آيل ڪافي گو شاعرن وٽ به ڪافيءَ جا ڪيترائي گهاڙيٽا موجود آهن. بيدل فقير جي يڪي ڪافيءَ جو هڪ نمونو آهي جنهن جو ٽلهه ۽ بند هڪ سٽوءِ ٽلهه جي ٻئي ۽ هر بند جي ٻئي پد ۾ قافيو آيل آهي:

تون ته اهو ساڳي آهين، ذات مقدس **پاڪ**

مار نغارو وحدت وارو، بيدل ٿـي **بيباڪ**

(ب، ص 198)

نانڪ يوسف وٽ پڻ ساڳيو گھاڙيٽو موجود آهي. جيئن ته:

ويک چُڪي سنسار ڪي بازي، اڳلي ويکو چل بازار

جنجل هي اس جڳت ۾ جيوڻ، قسم سهي سرور **سردار**

(ن، ص 220)

اصغر سائينءَ وٽ بہ هن قسم جو گھاڙيٽو موجود آهي. هن وٽ ڏکئي قافيي جي نباهہ جو فن بہ ڪمال جو آهي. جيئن ته:

عاشق انهيءَ عشق ۾، بلڪل نہ تون عاجز **ٿجاڻ**

نازڪ سڄو ٿئي نينهن جو، سو نيٺ نباهي **نجاڻ**

(ا، ص)

ساڳئي گھاڙيٽي ۾ بيدل فقير قافيي کان پوءِ رديف بہ آندو آهي. هن قسم جون ڪجھ ڪافيون سندس شايع ٿيل رسالن ۾ موجود آهن. جيئن ته:

راءِ پنهنجي يار پيارو، آيو هن **اسرار ۾**

معنيٰ ملڪ ڪوُن آيو سهڻو صورت جي **سنسار ۾**

(ب، ص 219)

نانڪ فقير وٽ بہ ساڳيو ئي گھاڙيٽو موجود آهي:

پلڪون گذارڻ آيون، پرينءَ ريءَ **پرڏيهہ ۾**

اهنجون سهنجون ساڻ محبوبن، دردن واري هن **ڏيهہ ۾**

(ن، ص 92)

بيدل فقير وٽ يڪي ڪافيءَ ۾ هڪ اهڙو بہ نمونو آهي جنهن جو ٿلهہ هڪ سٽ هڪ پد وارو آهي ۽ بند هڪ سٽو بہ پد وارو آهي، قافيو پنهنجيءَ جي پڇاڙي ۾ آيل آهي ۽ رديف بہ شامل اٿس:

عشق دي لڳڙي **تار مينون**

باغ بسنت بهار بيرنگي، ڪليا گل **گلزار مينون**

(ب، ص 243)

اصغر سائينءَ وٽ بہ اهڙي ڪافي موجود آهي مثال طور:

دوست دلاسو ڏئي ڏکيءَ کي

پهريان پرت ۾ يار پيارا، جو راڻو تو ڏنو **جکي کي**

(1، ص 155)

يڪي ڪافيءَ ۾ فقير قادربخش وٽ هڪ ٻيو بہ گهاڙيٽو آهي جنهن جو ٿلهہ ۽ بند بہ پد هڪ ستو آهي. ٿلهہ جو پهريون ۽ بند جو ٻيو پد پاڻ هم قافيہ آهن. ان گهاڙيٽي واريون ڪافيون بيدل فقير وٽ جام ملن ٿيون تہ ساڳي وقت سچل سائينءَ وٽ بہ ڪافيءَ جو اهو نمونو موجود آهي. بيدل چئي ٿو:

آيو پهري **ويس**، صورت جو بيـــــرنگ نيـــارو

ذات ڇپاوت لوڪ پلاوت، لالن ڪيڙو **لبيس**

(ب، ص 227)

فقير نانڪ وٽ بہ اهو گهاڙيٽو موجود آهي:

سوئي تان گم **ٿيوسين**، جنهن پانئيو ٿي جوئي آهيان

عشق اناالحق ٻولي ٻولي، هينئڙي هُل **پيوسين**

(ن، ص 91)

ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار چئي ٿو:

وسئون ٿيڙم **ووئي**، سانگين پاسي اڄ سانگ ٿيا

جنهن لئي جيءَ جلي ٿو هئي هئي، ڇڏيان ڪين **اهوئي**

(د، ص 52)

پير ڳوٺ جو پڳدار چئي ٿو:

ريٽي آيس **راڄ**، ساهڙ تنهنجي سڪ کڻ

وو سڪ وارن جي سير ۾، لعلڻ رکج تون **لاڄ**

(ا، ص 288)

يڪي ڪافيءَ ۾ ڏيڍي ٿلهہ ۽ هڪ ستي بند واريون بہ ڪافيون روهڙيءَ جي هن رانجهڻ وٽ ملن ٿيون:

لڳي اساڏڙي **ياري**، جائي **جادوگر نالي** ماهي **مسافر نالي**

ڪهنون ڏسان وٽ دل دي ويڏن، ديدان دي مين هان **هاري**

(ب، ص 284)

نانڪ فقير وٽ ان قافيي سان ٺهڪندڙ ڪافيون موجود آهن. مٿئين ڪافيءَ جي ٽلهه جو پهريون ۽ بند جو ٻيو پد هم قافيه آهي جڏهن ته ٽلهه جو ٻيو پد وراڻيءَ سان هم قافيه آهي جنهن ۾ 'نالي' رديف طور آيل آهي. نانڪ فقير جي ڪافيءَ جي ٽلهه جو پهريون پد بند جي ٻئي پد سان هم قافيه آهي سندس هي ڪافي لفظي جڙت ۽ پيشڪش جي حوالي سان خوبصورت نظر اچي ٿي:

عشق الا بيرنگي، هو ڪيهي ڪيهي ڪم ڪريندا
رنگ رنگيلا واهه رسيلا
ڏڪڻ، طنبوري، سارنگيان، نالي هردي هيءُ نت سنگي
آپن چرچا مزگان مرچان، نين صلح خود جنگي
او اُڏر جانا او اِڏر هي، عشق ڳجهارت انگي
سمجهڻ مشڪل بات برهه ڪي، آپ ۾ پلڪي چنگي
نانڪ يوسف يار هادي دي، اسين موالي ڀنگي

(ن، ص 246)

اُن کان اڳتي نانڪ فقير جي هڪڙي بي ڪمال خوبصورت ڪافي به موجود آهي جنهن جو حُسن ڪافيءَ جي تصغيريت ۾ سمايل آهي لئي ۽ ترنم سان ڀرپور اُن ڪافيءَ جو سٽون آهن:

نينان ديان نوڪڙان، مارن ٻاڻ برهه بيرنگي
چوريءَ ڏيوڻ چوڪٽان
ٻاڻ اکين دي رنگ رس پيون، ڪيهي ڪل ٻاهان لوڪٽان
مل سيالي سپو آچن، ڪيا ڪرين ٻنهان ٽوڪٽان
سپ سهيليان ڪٺيان هوڪر، لاهن ٺهڪان ٺوڪڙان
ايڏي اوڏي مول نه پاوين، رانجهه اکن دل جهوڪڙان
'نانڪ يوسف' يار دي محبت، ڏتا منهن موڪٽان

(ن، ص 247-246)

بيدل فقير وٽ يڪي ڪافيءَ جو هڪ ٻيو به نمونو موجود آهي جنهن موجب ٽلهه چار پد ۽ سٽو ۽ بند به پد هڪ سٽو آهي. ٽلهه جو پهريون، ٽيون ۽ بند جو ٻيو پد هم قافيه آهن جڏهن ته ٽلهه جو ٻيو ۽ چوٿون پد هم قافيه آهن:

جسم دي ڀول نہ **ڀُلين**، تونهين روح **روحاني**
جسم دي ڀول نہ **ڀُلين**، تونهين نور **نوراني**
جسمئون ڏار تون ڀهون گذاريا، چول اڳي وانگين **چلين**
(ب، ص 333)

دريا خان وٽ ان سان مشابهت رکندڙ گهاڙيٽو موجود آهي فرق فقط اهو آهي تہ هن جي ٽلهہ جو ٻيو چوٿون ۽ بند جو ٻيو پد پاڻ ۾ هم قافيہ آهن:

ڀهچن منهنجون ماروئڙن ڏي، دل درد جون دانهون
درد جون دانهون ٻڌي من، اچن اوڏانهون
ٽيس بنديائي بند ۾، ٻيون سڀ ويون واهون
(د، ص 49)

بيدل فقير وٽ ڏيڍي ڪافيءَ جو نمونو بہ موجود آهي جنهن ۾ بہ هن قافين جي مٽ سٽ سان 14 نمونا جوڙيا آهن. هڪ نموني مطابق ٽلهہ ۽ بند هڪ سٽو بہ پد وارا آهن ۽ بند سان وراڻي بہ شامل آهي. ٽلهہ جو پهريون ۽ بند جو ٻيو پد هم قافيہ آهن جڏهن تہ ٽلهہ جو ٻيو پد بند جي وراڻيءَ سان هم قافيہ آهي:

آءُ پلي يار **آئين**، وڳو ڊڪي **انساني**
آئي تنهنجي ٽيون سرهايون، سهسين رنگ **سمائين**
جوءِ وسائي **جاني**
(ب، ص 197)

فقير دريا خان وٽ ان گهاڙيٽي سان گهڻي هڪ جهڙائي رکندڙ ڪافي موجود آهي. جنهن موجب ٽلهہ جو پهريون ۽ بند جو ٻيو پد هم قافيہ آهن جڏهن تہ ٽلهہ جو ٻيو پد هڪ لفظ جي تبديليءَ سان بند جي وراڻيءَ طور بار بار اچي ٿو:

آءُ مارن ريءَ هت ماندي، اُهي ايندم شال ايندا
آءُ پنهنجي سنگهارن سان، هيڪر ٽيان هيڪاندي
**اُهي نيپندم شال نيئدا**
(د، ص 50)

نانڪ فقير وٽ ٿوري تبديليءَ سان ساڳي قسم جو گهاڙيٽو موجود آهي جنهن جي ٽلهہ جو پهريون ۽ بند جو ٻيو پد هم قافيہ آهي جڏهن تہ هر بند جي وراڻي پاڻ ۾ هم

قافيہ آهي:

اندر منجهہ **اليل**، جيڏيون عشق مچايا
راهہ سانول جي روز نهاريان، ايندم شال **سويل**
ويندا ڏک **ڏولاوا**
(ن، ص 96)

ڏيڍي ڪافيءَ جي مٿئين گهاڙيٽي جهڙو هڪ ٻيو نمونو بہ موجود آهي جنهن ۾ فقط قافيي ڪان پوءِ رديف آيل آهي:

اچي پيا سي **اسي يار**، محبت جي **مهرياڻ ۾**
ڪيلي عشق اروپ جي بازي، لڪيون ڇپيون دل **ڪسي يار**
صورت جي **سامان ۾**
(ب، ص 213)

اصغر سائينءَ وٽ بہ هن قسم جو گهاڙيٽو ملي ٿو:

آريءَ اڙيون اکڙيون **اٽيون**، تون سان جاني منهنجون **توڙ ڪوئن**
ايندس ايڏانهين پني اوهان جي، جوڳن جاهہ پائي **جٽيون**
ويهندس ڪين **ووڙ ڪوئن**
(ا، ص 311)

بيدل فقير جو هڪ ٻيو همعصر ۽ ڪافيءَ جي نرالي شاعر خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ وٽ بہ هن قسم جي ڏيڍي ڪافيءَ جو نمونو ڪجهہ ڦير گهير سان موجود آهي. سندس هڪ مشهور ڪافيءَ جو سٿون آهن:

پسي صورت جو سلطان، همہ حيران **لڳي**
جن ملائڪ حوران پريون، هر هڪ ٿي حيران
پڙهڻ سبحان **لڳي**
ڪليا حُسن چمن چؤ طرفين بلبل ٿي مستان
برهہ **بوستان لڳي**
(خ، ص 65)

اُن سٽاءَ جهڙيون هِن وٽ ٻيون بہ ڪافيون موجود آهن.

ٻيٽي ڪافيءَ جا نمونا بہ بيدل فقير وٽ موجود آهن سندس ڪافيءَ جو هڪ نمونو آهي:

حُسن بسنت بهار بيرنگي، چمن ڪليا **چوڌاري**
نقش نگار عجائب ٻٽيا، هار سينگار **هزاري**
گلبدن گلزار مين آيا، هر جا تي **هُيڪاري**

(ب، ص 238)

هن ڪافيءَ جي ٽلهه جو ٻيو ۽ هر بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. پير علي گوهر شاهه وٽ اِن قسم جون ڪافيون موجود آهن:

دل درد ڪؤن ديوان تي، اکڙيون آريءَ سان **اڙيون**
محبت ۾ من مخمور ٿيو جيءَ جان جانب سان **جڙيون**
لڪ تي پسان تنهن يار لئي، ليڙا ويس لڪ تان **لڙيون**

(ا، ص 58_157)

بيدل فقير مٿئين گهاڙيٽي سان هڪ جهڙائي رکندڙ ڪن ٻين ڪافين ۾ قافيي ڪان پوءِ رديف به آندو آهي:

رانجهو نال مين تخت هزار ويسان، هڻ چٽيان جهنگ **سيال ڪنون**
جنهن دي شوق چڙايا روح ساڏا، اهين ڪثرت والي **ڪشال ڪنون**
تنهن دي نينهن دا نت نباهه منگان، دل چاتم ملڪ **مال ڪنون**

(ب، ص 311)

اصغر سائين جي رسالي ۾ به ڪافيءَ جو اهو نمونو ملي ٿو:

هينئڙو هاجي ۾ عشق نيئو چشمان چريو **ديدار ڪيون**
پڙڪا برهه جي باهه ڪيا، عاشق وڃن **گلزار ڪيون**
ترسيو نه ترسن تاب ڪؤن، ڪوپا وڃن **ڪڏڪار ڪيون**

(ا، ص 165)

روهڙيءَ جي رانجهڻ وٽ ٻيٽي ڪافيءَ ۾ هڪ ٻيو نمونو به موجود آهي جنهن جي ٽلهه جو پهريون ۽ بند جو ٽيون پد، ٽلهه جو ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن جڏهن ته بند جو ٻيو ۽ ٽيو پد هم قافيه آهن:

عشق دا عالي **شانُ** مشڪل سگهندي سمجهه **سياڻي**
قاضي ملان پڙهندي **ڪتابان**، ٻيني تولن ڏوهه **ثوابان**،
نيهن ڪنون **نادان**، مام محبت دي ڪون **پڇاڻي**.

(ب، ص 335)

ڪنڊڙي جي دريا خان وٽ به اِن قسم جو گهاڙيٽو موجود آهي. جيئن ته:

ڪر عشق الهه **اختيار** يار، تون ڪيئن غافل ڏينهن **گذاريا**
’و نحن اقرب‘ پاڻ چيائين، اهو هو ڪو حق **ڏنائين**
ٻڌ گوش ڏئي **گفتار**، موتو ٿيا سي ڪنهن نه **ماريا**

(د، ص 64)

خوش خيرمحمد وٽ به هن قسم جو گهاڙيٽو ٿوري تبديليءَ سان موجود آهي فرق صرف اهو آهي ته اُن جي بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن جڏهن ته چوٿون پد ٿلهه جي ٻئي پد سان هم قافيه آهي:

محبت ميدان ۾، عاشق ڪوڙين ٿا نينهن نيشانا
جوڙي جٽيا جنهن پاتا، نيائج نينهن جا ناتا
حُسن شعلات حق ڇاتا، ٻڌن مر عشق ڳل ڳانا

(خ: ص 53)

هڪ ٻي ڪافيءَ جو ٿلهه ڏيڍو اٿس ۽ بند ٻيڻو ٿلهه جو ٻيو ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. فقير قادربخش بيدل جي اِن قسم جي ڪافين مان هڪ مشهور ڪافيءَ جو سٿون آهن:

سُر حقيقت وارو، سالڪ ڪو **سمجهي**
راز رباني وارو
آهه ظهورو حسن جو هر جا، هر سو در هر شي
معنيٰ انهيءَ مام جي، پاڻ نه ڪو **پرجهي**

(ب، ص 192)

نانڪ فقير جي هيءَ ڪافي مٿئين نموني سان ڪجهه هڪ جهڙائي رکي ٿي:

واهه واهه سجن تيريان اکيان، ڪيسا اِنهان **رنگ لايا هي**
**رنگ لايا هي جهڙ لايا هي**
طرحو طرحين ڏيون ڏيکالي، ڪيفي قاتل ڪجلي **ڪالي**
دام زلف **چٽڪايا هي**، لٽڪايا هي **لٽڪايا هي**

(ن، ص 202)

هن ڪافيءَ جو حُسن قافين جي تڪرار ۾ سمايل آهي. فقير قادربخش بيدل جي دؤر ۾ جيتوڻيڪ سنڌي غزل جا چٽا پٽا آثار ظاهر ٿي چڪا هئا پر باوجود اُن جي هن غزل نما ڪافيون چيون آهن. هيٺ ڪافيءَ جي اهڙي نموني ۾ ٿلهه ۽ بند چار چار پد ۽ به سٽو آهي، قافيو هر سٽ جي پڇاڙي ۾ آيل آهي سندس ڪلام ۾ اهڙيون 13 غزل نما ڪافيون موجود آهن:

جوشئون جلائي جسم کي، جيءَ ۾ ڪي پائج **جهاتڙيون**
ريءَ درد سپ ڳالهيون ڦڪيون، وهه واهه برهه جون **باتڙيون**
جي تو طلب تڪرار آ، گوندر گذارج **راتڙيون**
تو سر سگهو ٿيندين ادا، بيشڪ برهه **برساتڙيون**

(ب، ص 190)

نانڪ فقير وٽ به اهڙو نمونو موجود آهي. سندس هڪ مشهور غزل نما ڪافيءَ جون سٽون آهن:

ڏو پڙ ۾ ڏکو سڄڻ ڏو پڙ ۾ ڏکو
عشق جي آڙاهه ۾، ڏي تاهه تنگر تپو
بنا دوستيءَ دوست جي، هيو خان ڪپٽ ڪپو
هادي هر دم حاضر ناظر، امڙ نه ڪو ابو

(ن، ص 69)

خوش خير محمد وٽ ڪجهه اهڙيون ڪافيون به ملن ٿيون جيڪي هوبهو غزل ڀانئجن ٿيون اُن قسم جي ڪافين تي غزل هجڻ يا نه هجڻ بابت تحقيق ۽ تنقيد جي ضرورت آهي. سندس هڪ پد واريون هيٺين ڪافين جا هت به مثال پيش ڪجن ٿا:

احمد کي اوهان احد سڃاڻو
ميم واري اٿو مام
ميم منجهان جي مست ٿيا
جُنگ پيري پيي جام

احد منجهان ٿي احمد آيو
پهري ميم سندي پوشاڪ

جنهن جو نور ظهور ڪيو
عرض و سما افلاڪ

(خ: ص56_55)

سندس ڇپيل ڪلام ۾ مٿئين سٽاءَ جهڙيون ڇئن پدن واريون ڪافيون پڻ ملن ٿيون.

بيدل فقير جي ڪلام ۾ هڪ اهڙي ڪافي بہ موجود آهي جيڪا مٿين ڪافيءَ جي هوبهو هوندي بہ ڪجھ منفرد آهي يعني فقير سائين اُن ۾ اها تبديلي آندي آ تہ بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيو پد هم قافيہ ڪيا اٿس. ڇئي ٿو:

محبت دي مار اوکي، سمجهن ڪڏان **سياڻي**
عشق دي چال الٽي، قاضي ملان ڪيا **ڄاڻي**

ملان پڙهن **ڪتابان**، مسئلا ڏسن **شتابان**
سڀ عمر وچ **حجابان**، غافل دي ڏينهن **وهاڻي**

(ب، ص 209)

سچل جو پيارو طالب نانڪ يوسف ڇئي ٿو:

هادي تنهنجي حُسن جا، ڪيها ڪهڙا **نظارا**
سينگار سؤ رنگن ۾، بي انت پُر **پسارا**
سڀ روپ ۾ **نيارو**، آهي سنڌءِ **اوتارو**
محبوب تون **سچارو**، سڻ شوق جا **شوڪارا**

(ن، ص 71)

فقير خوش خير محمد بہ انُ پران ڪافي ڇئي آهي:

رند روز شب آهن سدا، وحدت جي واديءَ ۾ **غرق**
ڪوڙين ڪتابن جو پڙهين، تب آھ هنَ هنَ ۾ **فرق**

تن کي نصيحت ڇا **ڪندي**، ڄاڻن ٿا هڪ نيڪي **بدي**
هيءَ ڪا رسم آهي **رندي**، اصلئون ملامت جن **مرڪ**

(خ: ص 50)

اصغر سائينءَ وٽ بہ اهو گهاڙيٽو موجود آهي:

آيو ڪانگ اديون ٽيو **ايمان منهنجو**
مٺي ٻولي ٻولي ويو **ارمان منهنجو**

سائي ٽاري ٽلي آيو ڪانگ **ڪهي**، خبرون ڪيانتي ڏنيون ساري سڀ **سهي**
پسي مام محبن پکي پاڻ **ويهي**، ڏسي هينئڙو ٿيو حيران **منهنجو**
(ا، ص 203)

روهڙيءَ جي رانجهڻ وٽ ٽيڙي ڪافيءَ جا ٻه ٻه نمونا موجود آهن. اختر درگاهيءَ جي ترتيب ڏنل 'بيدل سائين جو رسالو' ۾ ڪافي نمبر 80، 100، 241 ۽ 242 ٻه مٿين ڪافين جهڙيون آهن. فرق فقط اهو آهي ته هنن جو ٿلهه هڪ هڪ پد وارو ۽ ستو آهي جيڪو بند جي ڇهين پد سان هم قافيه آهي ۽ بند جو ٻيو ۽ چوٿون پد پاڻ ۾ هم قافيه آهن. مثال:

دم الله عشق ڪيتي مين **چائي**
دم الله نينهن دي مين ها **نپائي**

عشق آدم دي نال ڪيا ڪيتا، نيڻئون نير **وهايا**
ابراهيم نون زوران زوري، آتش وچ **ستايا**
اسماعيل نون ذبح ڪريندا، بڻايا برهه **ڪاسائي**
(ب، ص 313)

ڪنڊڙيءَ جي ڪلتار وٽ ان قسم جي ڪافي سُر لوڙائو پهاڙيءَ ۾ موجود آهي:

بنيان وس وري، ايندم لوءِ **لڏي**
پکا ساڻ پکن جي، اوڏا ڪن **اڏي**

خواب خيال سدا، ماروئڙن **من ۾**
پل پل پور پون، طرحين طرحين **تن ۾**
آيم خبر ڪري، نيئندم سانگ **سڏي**
(د، ص 55)

خوش خيرمحمد وٽ ٻه ٽيڙي ڪافيءَ جو نمونو هوبهو اڳين ڪافين جهڙو آهي:

ڪيي قدم ڪايا ڪؤن ٻاهر ڪر

تڏهن هرجا ايندءِ حق نظر

شيش محل ۾ شاهه ٿو ٻولي
ڏس اندر جون اکيون کولي
خاڪ بنگلي جو اٿئي نام بشر
(خ: ص 56)

فقير نانڪ يوسف وٽ به ٽيڙي ڪافيءَ جا ڪجھ گھاڙيٽا موجود آهن جيڪي بيدل فقير جي ٽيڙي ڪافيءَ جي گھاڙيٽن کان عليحده آهن. ساڳي طرح بيدل فقير وٽ چئوٽي ڪافيءَ جا ٻه ٽي نمونا موجود آهن، دريا خان به چئوٽي ڪافي چئي آهي جنهن جو گھاڙيٽو بيدل فقير کان عليحده آهي گھاڙيٽن جي حوالي سان هنن شاعرن وٽ به سچل سائين ۽ بيدل فقير جيان پنهنجو پنهنجو منفرد جهان آهي هتي فقط همعصر شاعرن جا ڪجھه مثال ڏنا ويا آهن جڏهن ته انهن شاعرن جي فن ۽ فڪر بابت عليحده عليحده تفصيلي مطالعي ۽ اڀياس جي ضرورت موجود آهي.

بيدل فقير جي ڪافيءَ جو ٻيو ڳڻ قافيو آهي، جيئن ته ڪافيءَ جو تعلق راڳ سان آهي ۽ راڳ ۾ لفظي رواني جو هجڻ به اهميت رکي ٿو ۽ قافيو ان روانيءَ کي قائم رکندڙ بنيادي جز آهي. بيدل فقير پنهنجي ڪافيءَ ۾ جيڪي نمونا جوڙيا آهن يا هيئتي تجربا ڪيا آهن اُن ۾ قافين جو اهم ڪردار آهي. شعر کي ڪٿي ڪٿي وڌيڪ وزندار بنائڻ لاءِ لفظي تڪرار به پيدا ڪيو ويندو آهي يعني ساڳئي قافيي يا رديف کي هڪ کان وڌيڪ بار اُچاريو وڃي ٿو جنهن سان شعر ۾ هڪ خاص قسم جي لئه پيدا ٿئي ٿي بيدل فقير وٽ اهڙن ٻٽن قافين جا مثال موجود آهن مثال طور:

صورت والي ويس ۾ رانجهن، پيچ ساڏي نال **پايا پايا پايا**
(ب، ص 253)

نانڪ فقير وٽ به اهڙو مثال موجود آهي:

جو جسم ڏسڻ ۾ **آيو ٿي، آيو ٿي**
هيئن تان آهي ڪونه ڪو

وجھه نگاهه نگھه ۾ ساري، ڏس اتاهون پاڻ بيزاري
اٿين پير مغان فرمايو ٿي، فرمايو ٿي
(ن، ص 80)

فقير وٽ لفظي تڪرار جا ڪجھ اهڙا بہ نمونا موجود آهن جيڪي همعصر دؤر وٽ نہ ٿا ملن مثال طور هن ڪافيءَ ۾ هُن بند اندر اهڙو تجربو ڪيو آهي:

آهي سوز تنهين، ساٿيئڙا ساٿيئڙا ساٿيئڙا هيءَ هور ۾
ڪنهن سانگي درد ۾، سانگيئڙا سانگيئڙا سانگيئڙا دل ڏور ۾

(ن، ص )

ڪنڊڙيءَ جو دريا خان چئي ٿو:

تنهنجي فلڪ فراق ۾، ويندس يار **مري مري**
دلبر 'دريا خان' سان، ڪج وصال **وري وري**

(د، ص )

پير ڳوٺ جو اصغر سائين چئي ٿو:

باھ برھ دي **ٻالي ٻالي**، عشق تيڏي رانجها سائين
روح رنجول دلڙي ديواني، چول ڪيتي **چالي چالي**

(ا، ص 220)

بيدل فقير ڪافيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي قافيي کان پوءِ رديف بہ استعمال ڪيو آهي:

آئون بہ هيڙس عقل واري، نينهن نيوڙي **نيوڙي جيڏيون**
اکيون اڙايم هوش وڃايم، من مستانو **ٽيوڙي جيڏيون**

(ب، ص 193)

نانڪ فقير، خوش خيرمحمد توڙي دريا خان ۽ اصغر سائين بہ پنهنجي ڪافين ۾ قافيي کان پوءِ رديف آندو آهي.

اهنجون سهنجون ساڻ محبوبن، دردن واري هن ڏيھ ۾

(ن، ص 92)

ڪيئن لهي ڪل ڪور شبير شمس واري **شعاع جي**
آهي مٽس دن رين جو اکين اڳيان **اونداھ جي**

(خ: ص 110)

ڪاٿي شاھ تہ ڪاٿي ٿئين گداگر، جوڙ ڪيئي هڪجھڙا **يار**

(د، ص 82)

عاشق آهيان اصل جو نينهن نہ آ اڄڪلھ **جو**

(ا، ص 214)

بيدل فقير وٽ تصغيريت جو مثال بہ موجود آهي:

ديدان **والڙي** ڏاڙي، راهہ مسافر ماري
لٽ نيتي **دلڙي**، ڇيريان دي ڇمڪار

(ب، ص 250_246)

نانڪ فقير وٽ بہ اهڙو مثال موجود آهي:

پيڙ پتيون، **آلڙيون آلڙيون آلڙيون**
تنهنجي درد عجب، **چالڙيون چالڙيون چالڙيون**

(ن، ص 85)

خوش خير محمد جي هڪ ٽيڙي ڪافيءَ ۾ اهڙو مثال موجود آهي:

تون تہ اچون پيو آءُ
متي ٻول سپاجهڙي **لاتڙي**

ڪانگل ڪري وج پنهنجي پر ۾
آزيون لڳ الله
مون کي ورهہ وهامي **راتڙي**

(خ: ص 85)

**نتيجا:**

هنن صفحن ۾ فقير قادربخش بيدل ۽ سندس همعصر ڪافيءَ جي ڇئن وڏن شاعرن فقير نانڪ يوسف، دريا خان ڪنڌڙيءَ واري، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ پير علي گوهر شاهہ ’اصغر‘ جي ڪافيءَ جو فني حوالي سان گڏيل مطالعو ڪيو آهي جنهن بعد هيٺيان نتيجا سامهون اچن ٿا:

1. سچل سرمست سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ جو امام آهي. هن شاعريءَ جو نئون جهان کوجيندي نئين روايتن جو بہ بنياد رکيو آهي. فني ۽ فڪري حوالي سان سندس پوئلڳ فقير نانڪ يوسف ۽ بيدل فقير توڙي سندس همعصر دريا خان ڪنڌڙيءَ واري، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ بعد جي اصغر سائين انهن روايتن

کي اختيار ڪيو.

2. سچل سائين سنڌي، سرائڪي زبان ۾ چيل پنهنجي يڪي، ڏيڍي، ٻيٽي، اڍوٽي، ٽيٽي، چئوٽي ۽ پنجوٽي ڪافيءَ جا 68 نمونا جوڙيا آهن. جڏهن ته فقير بيدل سائين ان مان 13 نمونا ساڳيا رکندي 41 نمونا نوان جوڙيا آهن ته ساڳئي وقت نانڪ، دريا خان ۽ اصغر سائينءَ وٽ به اڳ مروج 109 نمونن کان علاوه ڪجهه وڌيڪ نمونا به ملن ٿا جن جو جزوي ذڪر مٿي مثالن اندر ڏئي آيا آهيون.
3. سڀ کان اول راڳداريءَ جي بنياد تي رسالي جي ترتيب ميين شاه عنات ڪئي آهي، جنهن 19 سُر استعمال ڪيا. جنهن بعد شاهه عبداللطيف ڀٽائي وڌيڪ 7 سُر، سچل سائين وڌيڪ 12 سُر، نانڪ يوسف 14 سُر، دريا خان 5 سُر، بيدل فقير 4 سُر نوان استعمال هيٺ آڻي سنڌي صوفياڻي شاعريءَ کي موسيقيءَ جو نرالو اوج بخشيو. جڏهن ته اصغر سائين وٽ ڪوبه نئون سُر موجود نه آهي.
4. ڪافيءَ جي عام مقبول ٿيڻ جو سبب هڪ ته ان دؤر جون سياسي، سماجي، مذهبي توڙي معاشي حالتون هيون ته ٻئي طرف شاعرن طرفان مختلف راڳ، راڳڻين جو استعمال اُن کي مقبوليت ڏانهن وٺي ويو. ذڪر هيٺ آيل شاعرن وٽ اُهي سموريون خوبيون موجود آهن ته گڏوگڏ وٽن ٻوليءَ جو به خوبصورت استعمال ملي ٿو.
5. هي سمورا شاعر وحدت الوجود واري فلسفي سان لاڳاپيل آهن ۽ ڪائنات ۾ فرد جي بنيادي حيثيت جي ڳالهه ڪندي اُن کي پنهنجي رُتبي ۽ مرتبي جي سڃاڻپ جو شعور ڏين ٿا.
6. اسلوب جي حوالي سان هنن وٽ به سچل سائينءَ جيان بي ڊپائي ۽ بيباڪيءَ وارو انداز موجود آهي ۽ هو وڏي واڪي خدا ۽ فرد جي وچ واري وٿيءَ کي تسليم نه ٿا ڪن.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، (مرتب)، ميين شاهه عنات جو رسالو ص 60 ـ 31، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو، 1963ع.
2. ميين شاهه عنات جو رسالو ص فهرست، (حوالو اڳ آيل آهي).
3. شيخ، ٻانهون خان، (مرتب)، شاهه جو رسالو (ٽي جلد)، فهرست، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،

ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2002ع- 2001ع- 2000ع.
4. بيگ، علي قلي، مرزا، "رسالو ميان سچل فقير جو"، ص فهرست، ثقافت ۽ سياحت کاتو ڇاپو ٻيو، 2008ع.
5. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، سنڌي موسيقي جي تاريخ، ص 263، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه / حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 2003ع.
6. همايوني، نياز (مرتب)، "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه"، ص فهرست، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع.
7. درگاهي، اختر، "بيدل سائينءَ جو رسالو"، مختلف صفحا، بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي، 2011ع.
8. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ص 109 کان 131، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع.
9. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، بيدل سائينءَ جي ڪافيءَ جو فني جائزو (مقالو)، بيدل 16، بيدل يادگار ڪاميٽي، 2016ع.
10. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، (مرتب)، نانڪ يوسف جو ڪلام، ص 359، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1983ع.
11. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه، ص 85، (حوالو اڳ آيل آهي).
12. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، (مرتب)، ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي، ص 59، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1982ع.
13. اصغر سائين جو رسالو ص 183، (حوالو اڳ آيل آهي).
14. هن مطالعي هيٺ مختلف شاعرن جا رسالا سامهون رکيا ويندا، جن لاءِ مخفف استعمال ڪيا ويندا.
i. بيدل سائينءَ جو رسالو. (ب)
ii. نانڪ يوسف جو ڪلام. (ن)
iii. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه. (د)
iv. اصغر سائين جو رسالو. (ا)
v. ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي (مرتب)، ڊاڪٽر تنوير عباسي، سنڌي ادبي بورڊ، 1982ع). (خ)

**نور احمد جنجهي**
[اديب ۽ محقق]

# آريا ۽ سنڌو سڀيتا
## The Aryans and the Indus Valley

**Abstract:**

Aryans Invasion Theory (AIT) appears to have lived it's life and is being overruled both by Indian and non-Indian writers. On the contrary, it seems as if it was a clash between the rural and urban population. Rural people produced much more but got lesser

portion in return. It might have resulted into a sort of mass exodus or some kind of huge excursion to the urban centers. Consequently, the urban people, having been a mercantile and peaceful community, vacated the city and settled in the other areas of the globe and returned again to the subcontinent and somewhere else. The review of the AIT raises many a question about the KING PRIEST and the DANCING GIRL too.

This period is an era of unparalleled openness and acceptance. Therefore, it is the most pertinent time to revisit the 'concocted theory forged by the invaders' and to research for better findings of the mystery of the history.

ننڍي کنڊ جو املھ لکتي ورثو ”رگ ويد“ کان شروع ٿئي ٿو. ٻين ويدن: يجرويد، سام ويد ۽ اٿرويد، ”پراڻن“ ۽ ”زمين“ مان ريج کڻندو اڳتي هلي تاريخي صورت اختيار ڪري ٿو. انھيءَ سموري سفر کي تاريخي صورت ملڻ ۽ قلمبند ٿيڻ جو روپ انگريزن جي دور ۾ مليو. انگريزن سنسڪرت، هندي، گجراتي ۽ ٻيون مقامي ٻوليون سکي هتان جي سموري وڃا (وديا) کي پنھنجي زبان ۾ پلٽيو ۽ ان وقت جيترا قديم آثارن جا پڙا ۽ دڙا هئا، تن جي کوٽائي ڪئي. انھيءَ کوٽائيءَ مان مليل ٺڪراٺي، مُهرن، مورتين ۽ ٻين وٿن کي، لکتي شاهدين جي سھائتا سان سلھاڙي من پسند ۽ من گهڙت نظريا گهڙيا، جيڪي اڄ بہ اسان جي تاريخ تي حاوي آهن ۽ اکيون پوري، اسين اهڙن نظرين جي تقليد ڪندي پنھنجي تاريخ جي تاويل ۽ ترجماني ڪندا رهندا آهيون. اهو نہ ڏسندا آهيون تہ اهڙا نظريا اسان جي تاريخي حالتن جي حقيقي حال سان ٺھڪن بہ ٿا يا نہ! اسين ڏاج ۾ مليل اهڙن نظرين کي ائين دهرائيندا رهندا آهيون جيئن اڄڪلھ هر هڪ پڙهيو لکيو سڏائيندڙ مختلف ٽي وي اينڪرس جا حوالا ڏيئي جڳ جهان جي سياسي منظرنامي تي بنا سوچي سمجهي بحث ڪندو رهندو آهي. اهڙي انڌي پوئواريءَ جو شڪار اڪثريت ٿيندي رهي آهي. 'آريا'، 'اڻ آريا' ۽ 'داس' جا اصطلاح گهڙي ماڻھن کي ورهايو ويو ۽ ويڙهايو ويو.

انھيءَ سموري ڪوڙ جو ڀرم ڀڃڻ لاءِ ڪن هندستاني ۽ يورپي محققن اِن ڪوڙ جي ڪوٽ کي ڀڃي ڀور ڪيو ۽ آرين جي ڪاھ ۽ فتح واري نظريئي AIT (Aryan Invasion Theory) کي رد ڪيو. وزندار دليل ڏيئي اها ڳالھ نروار ڪئي تہ آريا نالي اهڙي ڪا مخلوق نہ هئي جيڪا ٻاهران آئي هجي. انھيءَ سموري مام جي اوک ڊوک ڪرڻ لاءِ اچو ڏسون تہ 'آريا' ڪير آهن ۽ اُنھن کي اسان جي

تاريخ ۾ ڪير وٽي آيو ۽ ڇو وٽي آيو؟

آريا ڪير هئا ڪٿان آيا هئا، تنهن لاءِ هيستائين جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي تنهنجو تَتُ هِن ريت آهي:

لفظ ’آريا‘ انگريزي زبان، سنسڪرت مان اڌارو ڪنيو. جنهن جو مطلب ’اُتم‘ يا ’نواب لوڪ‘ آهي ۽ انهن لوڪن سان منسوب ڪيو ويو جيڪي ويدڪ ديوتائن خصوصاً اندر ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. جهوني فارسيءَ ۾ آريا (پرستش جوڳو-سڳورو) ’آريانا‘ علائقي جي نالي تان ورتو ويو اُهو علائقو قديم فارس جو اُپرندو ڀاڱو هوندو هو.

آرمينيائي زبان ۾ لفظ ’اري‘ جي معنيٰ ’بهادر‘ ’اُتم‘ آهي.

وڪيپيڊيا پٽاندر 1950ع کان اڳ لفظ آريا جي، هن ريت ڀاڃ ڪئي ويندي هئي.[1]

Bopp (1830): ar- "to go, to move", read as "one who roams" (like a normad)
Muller (1862): ar- "to plough", read as "cultivator of the land"
Guntert (1924): ar- "to fit" read as "allied, friendly"
Thieme (1938): ar- "to give, allot, share", read as "hospitable"

1950ع کان پوءِ اها ڀاڃ وري هن ريت تبديل ڪئي وئي.

Laroche (1957): ara- : to fit", read as "fitting, proper"
Bailey (1959): ar- "to beget", read as "born, nurturing"
Benveniste (1969): ar- "to fit" read as "companionable"

ڪلاسيڪي سنسڪرت ادب ۾ اُتر هندستان لاءِ لفظ ’آريا ورت‘ (آرين جي رهڻ جو ماڳ) ڪتب آيو آهي، جنهن ۾ آريي جي معنيٰ آهي ”اُتم ماڻهو يا اُتم ڪم ڪندڙ“.

هن علائقي ۾ وسندڙ خدا جي خلق کي چئن ورڻن ۾ ورهائي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جو ٻج پوکيندڙ منوسمرتيءَ جي مصنف ’آريا ورت‘ جون حدون ٻه لکيون آهن ته اُهو علائقو هماليا جابلو سلسلي ۽ ونڌيا ڏونگرن جي وچ ۾ هو ۽ اوڀر سمنڊ کان اولهه سمنڊ تائين پکڙيل هو. تنهن کان پوءِ انهن بنيادن تي ٻين ماڻهن اڳتي هلي مختلف بادشاهن کي آريا نسل جو قرار ڏنو اهڙيءَ ريت اهو لفظ مختلف دستاويز بندين دوران استعمال ڪيو ويو.

ايراني ادب ۾ آريا لفظ ايراني لاءِ استعمال ڪيو ويو.

لفظ آريا، رگ ويد جي 34 اشلوڪن ۾ 36 دفعا ڪتب آيو آهي.

لفظ آريو رامائڻ ۽ مهاڀارت ۾ پڻ استعمال ڪيو ويو آهي. ڪٿي اهو لفظ راڪشسن لاءِ ڪم آيو آهي ته ڪٿي راوڻ لاءِ.

اهڙيءَ ريت ٻوڌي ۽ جيني ادب ۾ پڻ ان جو استعمال ڪيو ويو. ان سڄي ڳالهه زور تڏهن ورتو جڏهن هندو يورپي ٻولين جي تعلق کي نروار ڪيو ويو ۽ هند آريائي تعلق کي يورپي نسلن سان جوڙيو ويو. اهو تعلق ڳنڍڻ وارا به انگريز مستشرقين هئا. موهن جي دڙي جي کوٽائي 20 صديءَ جي شروعاتي چوٿ (22_1921) ۾ مارٽيمر وهيلر به موهن جي دڙي جي تڪرائي کي آرين جي نظريئي سان ڳنڍيندي نروار ڪيو ته هيءَ سموري تهذيب 'آرين' ٻاران فتح ڪئي ويئي هئي ۽ مقامي لوڪن (جن کي هو 'داس' سڏي ٿو) کان ڌرتي کسي قبضو ڪري ويهي رهيا هئا ۽ شهري تهذيب 'آرين' ناهي ۽ داس ڇٽ هئا ۽ پوءِ شهر تباهه ٿي ويو ۽ آريا ائين گم ٿي ويا جيئن اردو چوڻيءَ مطابق "گڌه جي مٿي تان سڱ" گم ٿيل آهن.

يورپي تاريخدان جيڪي اونداهي دور کان پوءِ وري علم جي ميدان جا مهندار ٿي پيا هئا، تن 1920ع تائين ته اهو ليکيو ئي نه ٿي ته اُتي به ڪا تهذيب هئي، تان جو 1921ع ۾ ڏيارام ساهنيءَ هڙاپا جا کنڊرات ۽ 1922ع ۾ آر ڊي بئنرجيءَ مهين جي دڙي جو ماڳ کوٽي لڌو. انهيءَ لاءِ مستشرقين جون اکيون کولي ڇڏيون ۽ ثابت ڪيو ته عراق ۽ مصر جي تهذيب کان به اهي تهذيبون جڳاندر جهونيون ۽ ڪُشاديون هيون ۽ سڌريل پڻ هيون ڇاڪاڻ ته انهن دڙن اُتان جي تهذيبن جي وسعت جهلڪي رهي هئي. انهن شهرن جي شهري رٿابندي، شهر پناهن، زير زمين نيڪال سرشتي جي موجودگي ان ڳالهه کي پڌرو ڪري رهي هئي ته اُهي گُڏ ٻين همعصر تهذيبن ۾ نه هئا. جان مارشل ۽ مئڪي ٻئي انهيءَ خيال جا هئا ته انهن تهذيبن جا خالق دراوڙ (ڏنار لوڪ) هئا. اهڙي طرح آرين جي نظريئي کي مارٽيمر وهيلر هٿي ڏيندي 1947ع ۾ فيصلو صادر ڪيو ته "واقعاتي شاهدين مطابق 'اندر' ملزم آهي" سندس فيصلي مطابق 'اندر' آرين جو ديوتا هو تنهن هڙاپا جو قلعو ڊاهي ڍير ڪيو هو. هُن اها ڳالهه ويدن ۾ ڪتب آيل لفظ 'پورمدر' لفظ مان ورتي جنهن جي معنيٰ آهي "گڍ تباهه ڪندڙ" ائين هن اهو به ڄاڻايو ته موهن جي دڙي ۾ تباهي آرين مچائي هئي، پر موهن جي دڙي تي حملي جي ڳالهه ائين ڪوڙي ثابت ٿي ويجي ٿي جو اُتي ڪو به حملي گرديءَ جو نالو نشان به ناهي. انهيءَ بابت محقق بي بي لال هن ريت راءِ ڏئي ٿو:

> The Theory was given a boost by Mortimer Wheeler in the middle of 40s. While reporting on his excavations at Harrapa (Wheeler 1947:82)

he pronounced the verdict: `On circumstantial evidence Indra stands accused.` In his judgment, Indra standing for the Aryans whose cherished god he was, was held responsible for the destruction of the fort unearthed by Wheeler at Harrapa, Though there was no evidence of any wanton destruction of the fort at Harrapa, yet the temptation to hold Indra responsible for the supposed destruction came from a word, 'puramadra~', occurring in the Vedic texts, which means destroyer of forts.(2)

اهڙيءَ طرح هِن معاملي جا ڪيترائي پهلو آهن جن جي ڇنڊڇاڻ سان ڪا چٽائي نروار ٿي سگهي ٿي. پر هن معاملي کي قديم آثارن، علم البشريات، لسانيات، ادب ۽ ثقافتي تناظر ۾ پرکي ۽ پروڙي سگهجي ٿو. پهرين ٽئن بنيادن تي اهو AIT نظريو ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ پنجين بنياد تي ان لاءِ چئلينج وڌي رهيا آهن. انهي نڪتي تي محقق مائيڪل ڊينينو انهي ڏس ۾ هن ريت لکي ٿو:

Unfortunately, much of the debate remains poorly informed, ploughing ever and ever again the divisive furrows cut by nineteenth century racial interpretations of the Veda, or by Sir Mortimer Wheeler's flamboyant misinterpretations, and ignoring in the process advances of recent decades in many fields.

The issue has many angels, but principally it can be viewed and tested from archaeological, the anthropological, the linguistic, the literary and the cultural perspectives. The so called Aryan Invasion Theory (AIT, now often demoted to an "Aryan Migration Theory>) has emphatically failed on the first three fronts, remains ambiguous on the fourth, and has been meeting with a growing challenge on the fifth.(3)

انهيءَ بحث مباحثي مان اهو نُڪتو نروار ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي جي آثارن ۽ ان جي سموري تاريخ تي اثرانداز ٿي رهيا آهن. مجموعي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي ته:

- موهن جي دڙي تي ڪنهن به حملو نه ڪيو هو ڇاڪاڻ ته اُتي ڪو به اهڙو نشان ناهي، جنهن کي ڏسي چئي سگهجي ته هتي ڪنهن حملو ڪيو هوندو. ان سلسلي ۾ هڪ اندازو آهي ته ڪو به ٻاهريون حملو نه ٿيو آهي پر مقامي ماڻهن جو پاڻ ۾ ايڏو وڏو تضاد ۽ ٽڪراءُ پيدا ٿيو هوندو جنهن ڪري ماڻهن کي ٽوڪ ۾ لڏڻو پيو هوندو.
- 'آرين' ۽ 'داسن' جي تضاد کي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جو تضاد چئي سگهجي ٿو جيڪو اڄ به اسان جي سماج ۾ موجود آهي. 'آريا' سڏجندڙ يا 'اُتم' ڪوٺجندڙ اُهي ماڻهو هئا جيڪي شهرن ۾ رهندڙ هئا ۽ سندن رهڻي ڪهڻي وڏيڪ سنوريل ۽ سُڌريل هئي جڏهن ته 'داس' ويچارا گهٽ ڄاڻ رکندڙ ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رکندڙ فطرت واري رهڻي ڪهڻي وارا لوڪ هئا.

- شهري طبقن جي هوندن به اقتصادي وسيلن تي وڌيڪ دسترس هوندي آهي، تنهن ڪري ڪڏهن طاقت جو توازن بگڙي پوندو آهي، جيڪو احساس محرومي کي جنم ڏيندو آهي. ائين داس لوڪن ۽ آرين جي وچ ۾ ڪو تضاد اڀريو هوندو ته ڇڪتاڻ پيدا ٿي هوندي ۽ اُها ڇڪتاڻ حد کان وڌي ويئي هوندي ته هُنن شهري آبادين تي حملا ڪيا هوندا ۽ شهري لوڪ جان بچائي ڀڄي ويا هوندا. انهن مان ڪي ايران آباد ٿيا ته ڪن وڃي بابل ۽ نينوا کي آباد ڪيو اهڙي طرح هتان جي تهذيب ڏورانهن علائقن تائين پکڙجي پهچي ويئي.
- اهو به گمان آهي ته ڪا اهڙي وڏي وبا اچي شهر ۾ ڪاهي پيئي هجي جنهن ۾ ڪي ماڻهو مري ويا هجن ۽ بيا ڀڄي ويا هجن جيئن پاڻ کي ان وبا کان محفوظ رکي سگهن.
- ان سان گڏ به لفظ سنڌ جي تهذيب جي هر ذڪر ۾ ڪم آندا وڃن ٿا. ڪنگ پريسٽ ۽ سمبارا. اسان جي سنڌي سماج ۾ مذهبي جنون ڪڏهن رهيو ئي ناهي. بادشاهي ۽ مذهب الڳ الڳ رکيا ويا آهن. تنهن ڪري اسان جو ڪنگ يا ته ڪنگ هوندو يا پريسٽ هوندو. مطلب ته سنڌ نيتيءَ ۾ راڄنيتي هڪ روپي رهي آهي نه ئي ريڊ ائنڊ وائيٽ يا مڪس پليٽ. عورت جو جيڪو مجسمو مليو آهي ۽ اهو موئنائڻ لاءِ هندستان کي سنڌ حڪومت تازو خط لکي موٽائي ڏيڻ جي همت ڪئي آهي. دير آيد درست آيد. تمام سٺي ڳالهه آهي. اها عورت جنهن کي اسين مارٽيمر وهيلر جي چوڻ تي 'ناچڻي' سڏيون ٿا سا حقيقت ۾ نه پر هڪ اهڙي همت واري ۽ بهادر عورت ٿي ڏسجي جيڪا پنهنجي حوصلا هاريل مرد لوڪن کي همٿائيندي هجي ته توهان کي هيئن پنهنجي پونءِ پڙيانگ نه ڪرڻ گهرجي، لوءِ مان لڏڻ نه گهرجي ڏکيا ڏينهن لنگهي ويندا. اسان جي سماج ۾ اهڙا ڪردار رهيا آهن، جن ڏکين، وقتن، جنگين، قحط سالين دوران جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، سموري سماج جي همٿ کي همٿائي مٿيرو ڪيو آهي. ٻاگهل سومري ان جو ڪلاسيڪي مثال آهي.

هي ڪجهه گذارشون آهن، ڪو حتمي حرف ناهي. سنڌو سڀيتا جي مڪمل مام توڙي آرين ۽ داسن جي اها پرولي موهن جي دڙي جي لکت پڙهڻ کان پوءِ ئي درست نموني نروار ٿيندي، اهڙي طرح اسان جي ٻوليءَ بابت جيڪي مفروضا ۽ من گهڙت

ٻانڌاپا قائم ٿيل آهن، تن بابت به اڀياس جي ضرورت آهي. اسان کي تحقيق ڪرڻ وقت ڪليل اکين سان نه رڳو اڳتي وڌڻ گهرجي پر انهن نتيجن کي به ڪليل دل سان قبول ڪرڻ گهرجي جيڪي ڪنهن منظم سائنسي اڀياس جي اپت طور اسان کي مليا هجن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسين تواريخ جي انهي ڪارتوسي چار مان نڪري اچون ۽ پنهنجي تاريخ جي بابن جي ترتيب درست ڪريون. گهٽائي ڏينهن ڏارين جي ٻولڙين ۽ حوارين جي ڪيرت کي ٻڌندا ۽ اکيون پوري آسماني لکتن جيئڻ مڃيندا رهياسون. تنهنڪري ڪا پنهنجي جوت جلائجي، پنهنجو ڏيئو روشن ڪجي جو ايندڙ نسل ان روشنيءَ جي لاٽ جي رهنمائيءَ وسيلي پنهنجي روشن مستقبل ڏانهن وڌنديون وکون پري سگهي.

جي تو اڃا نه ڄاتو آ ڪير ديس واسي،
تنهنجو جنم اڃايو تنهنجي متي اڻاسي،
آيو ويو سڪندر، سيوهڻ اڃا اتي آ،
ڏس ڪير ڙر ڪڙو آ، ويندا رهيا وناسي.
(شيخ اياز)

**حوالا:**


1. www.en.wikipedia.org
2. Lal, B.B: “The Myth of Aryans” P.249, published in “The Lost Saraswati Civilization complied by: Deo Parkash et: el. 2008
3. Danino, Muchael: “The Harrapan and the Aryan” P.99 published in “The Lost Saraswati Civilization, Complied by: Parkash et. el 2008



**ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو**

[اسسٽنٽ پروفيسر، غلام رباني آگرو ڊگري ڪاليج، ڪنڊيارو]


# ابتدائي درجي وارن بصري لفظن (Sight Words) جي دائري جو اڀياس

## A Study of Sindhi Sight Words


**Abstract:**

The categorization of words in Sindhi language is not done as comprehensive as is done in English Language, for instance: Sight Words, General Service Words, Fossil Words, Eponym

Words, Ghost Words, Nonce Words, Nonwords etc. Sight Words are back-bone of Reading Skill in the Early Childhood Education. Sight Words, often also called High Frequency Sight Words or Service Words, are commonly used words that young children are encouraged to memorize by their sight, so that they can automatically recognize these words in print without having to use any strategies to decode.

This issue is related to Semiotics and Linguistics, especially to the aspect of Orthography. In English Language, Educator Dr. Edward William Dolch developed the list in the 1930s-40s by studying the most frequently occurring words in children's books. The list contains 220 'Service Words' including 95 high-frequency nouns. These Service Words comprise 80% of the words you would find in a typical children's books and 50% of the words found in adult-age level books. Once a child knows list of those words, it makes the reading much easier. Because the child can then focus his/ her attention easily on the remaining words.

In this paper, it is tried to categorize and locate apposite Sight Words in Sindhi ECE. Having initiated a primary scope for the further studies and researches, this paper gives imperative to conduct a comprehensive research on the Sight words.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي گروهه بندي ۾ اُن جي دائرن تي ڪو خاطر خواه ڪم ٿي نه سگهيو آهي؛ جيئن انگريزيءَ ۾ لفظن تي ٿيو آهي: Sight words، General Service words، Fossil words، Eponym words، Ghost words، Nonce words، Nonwords وغيره. هتي سنڌي ٻوليءَ ۾ بصري لفظن جي دائري ۾ اُن جي مثالن تي ڪم ڪرڻ جي ابتدائي ڪوشش ورتجي ٿي.

Sight Word کي اردو ۾ سنڌيءَ ۾ 'بصري لفظ' چئجي ٿو. هي اصطلاح ابتدائي تعليم واري شعبي ۾ استعمال ٿيندو آيو آهي. 'بصري لفظ' جو 'پڙهڻ واري مهارت' ۾ درسي ڪتابن جي مواد لکڻ ۾ اهم ڪردار آهي. هي اصطلاح ابتدائي درجن (Early Childhood Education/ ECE) سان تعلق رکي ٿو. 'بصري لفظ' مان مراد اهڙا لفظ جيڪي ٻاراڻي عمر/ پرائمري درجن کان وڏي عمر تائين والدين يا ماحول مان هر هر ڪم ايندڙ لفظ (Most Frequent Words)تصويري صورت ۾ ذهن نشين ٿي سگهن. اهي لفظ خاص طور ابتدائي درجي جي ٻارن لاءِ پڙهڻ يا لکڻ ۾ ڪم ايندا آهن، تنهنڪري انهن لفظن کي صورتخطيءَ (Orthography) جي دائري ۾ آڻبو.

عام فهم ۾ بصري لفظ مان مراد اهڙا هر هر ڪم ايندڙ لفظ جيڪي ٻار جي

ذهن ۾ هڪ قسم جي تصوير ٺاهي بيهن، جنهن کي ڏسڻ سان آوازن جي ٽوڙ جوڙ(Segmenting and Blending)سان هِجي ڪرڻ جي گهرج پيش نہ اچي، بلڪ، پورو لفظ اکري تصوير سان ڊيڪوڊ (decode) ٿي وڃي ۽ رواني‌ءَ سان پڙهي- سمجهي سگهجي.

انگريزي‌ءَ ۾ ڊولچ بصري لفظ (Dolch Sight Words) پوري دنيا ۾ اڄ سوڏو درجيوار درسي ڪتابن لکڻ ۽ ابتدائي درجن جي ٻارن ۾، پڙهڻ جي حوالي سان ڪتب آندا وڃن ٿا. سنڌي ٻولي‌ءَ ۾ اهڙن لفظن جي درجيوار چونڊ يا اُنهن لفظن جو دائرو مقرر نہ ٿي سگهيو آهي. ابتدائي درجن جي ڪتابن لکڻ ۽ سبقي منصوبي (Lesson plane) وغيره ترتيب ڏيڻ ۾ بہ بصري لفظن جي باضابطا ڪڙي بہ ڪڙي (Progression) رکي ويندي آهي. ڪهڙن درجن ۾ ڪيترا لفظ، ڪيترن پدن (Syllable) وارا لفظ، ڪهڙي معيار تي، ڪيئن رکجن،تنهن بابت ڪو خاص ڪم سامهون ڪونہ ٿو اچي.

**مسئلي جو بيان:**

سنڌي ٻولي‌ءَ ۾ هي معاملو تڏهن سامهون آيو جڏهن سنڌي ٻولي‌ءَ جي استادن/ ماهرن ڪن سبقي منصوبن ۾ ’ڏس‘ ۽ ’اچ‘ جهڙا لفظ ’بصري لفظ‘ طور پئي شامل ڪيا. ان تي راقم جو اهو اعتراض رهيو تہ مذڪوره لفظ، فعل/ امر جي اها صورت آهي، جيڪي جنس، عدد، يا زمان جي حالت ۾ صورتون تبديل ڪن ٿا، مثال:

- ڏس- ڏسان- ڏسون- ڏسين- ڏسي- ڏسن- ڏنو- ڏسندم- ڏسندس- ڏسنداسين- ڏسندين- ڏسندو- ڏسندا وغيره.
- اچ- اچان- اچون- اچين- اچي- اچن- آيم- آيس- آيا- آئي- آيو- ايندم- ايندس- اينداسين- ايندو- ايندي- ايندا وغيره.

مٿيان لفظ جنس، عدد يا زمان سبب فعلي متجندڙ صورتن کي ڏسي ڪري سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ:

جيڪڏهن لفظ ڏسڻ سان ڊيڪوڊ/ اچارجي وڃي ۽ اهو لفظ صورتون مٽائي تہ ڇا اهڙا لفظ بصري لفظن واري دائري ۾ آڻي سگهجن ٿا؟

ان کان علاوه اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ آئي تہ حرف اضافت جا لفظ ’جو/ جي/ جا/ جون‘ وغيره اهڙا لفظ آهن، جيڪي ٻولي جي مزاج پٽاندر صورت تہ مٽائين ٿا، پر انهن جو شمار بصري لفظن ۾ ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ جملن ۾ اڪثر پيا ڪم

ايندا آهن، جنهن سبب آوازن کي Decode ڪرڻ جي گهرج پيش نہ ايندي آهي.

لفظن جي اهڙي حالت کي ڏسي اهو سوال اهو ٿو جڙي تہ پوءِ 'بصري لفظ' ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟

ان معاملي کي ڏسڻ لاءِ هيٺي ڪي سوال رکجن ٿا، جن جي روشنيءَ ۾ اڀياس ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو.

**مسئلي جا سوال**:

? جيڪڏهن لفظ ڏسڻ سان ڊيڪوڊ ٿي/ اچارجي وڃي ۽ اهو لفظ وڏيڪ صورتون مٽائي تہ ڇا اهڙا لفظ 'بصري لفظن' واري دائري ۾ آڻي سگهجن ٿا؟

? حرف اضافت جا بصري لفظ 'جو/ جي/ جا/ جون' وغيره صورتون مٽائين ٿا، تہ ڇا انهن کي بصري لفظن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو؟

? ڇا گرامر جي ان لفظن مان هر هر ڪم ايندڙ لفظ (Most Frequent Words) گڏ ڪري، بصري لفظن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا؟

**بصري لفظ جي دائري جو اڀياس**:

هن عنوان جو لاڳاپو گهڻي قدر وياڪرڻ (Grammar)، صورتخطي (Orthography) ۽ نشانين/ علامتن جي علم (Semiotics) سان آهي.

انگريزي ٻوليءَ ۾ بصري لفظن جي جيڪا عام وصف ڄاڻائي وڃي ٿي سا وڪيپيڊيا موجب هن ريت آهي:

**Sight words** often also called high frequency sight words, are commonly used words that young children are encouraged to memorize as a whole by sight, so that they can automatically recognize these words in print without having to use any strategies to decode.

Sight words account for a large percentage (up to 75%) of the words used in beginning children's print materials. The advantage for children being able to recognize sight words automatically is that a beginning reader will be able to identify the majority of words in a beginning text before they even attempt to read it; therefore, allowing the child to concentrate on meaning and comprehension as they read without having to stop and decode every single word. Advocates of whole-word instruction believe that being able to recognize a large number of sight words gives students a better start to learning to read .

1936ع ۾ ايڊورڊ وليم ڊولچ (Edward William Dolch) ٻارن ۾ پڙهڻ واري رواني پيدا ڪرڻ لاءِ 220 اهڙا انگريزي لفظ سهيڙيا جيڪي پرائمريءَ جي ڪتابن ۾

هر هر ڪم آندا ٿي ويا. جيڪي 1948ع ۾ سندس ڪتاب "Problems in Reading" ۾ شايع ٿيا. اهي 220 لفظ غير اسم تي مبني آهن ۽ان ڪان علاوه ٻيا 95 لفظ بہ چونڊيل آهن، جن ۾ اسم شامل آهن.غير اسمن ۾ صفت، فعل، ضمير، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا شامل آهن؛ جڏهن تہ انهن اسمن ۾ سواءِ ٻن نالن/ اسم خاص جي، باقي اسم عام آهن.

مسٽر ڊولچ جي سهيڙيل لفظن جو احاطو گرامر/ وياڪرڻ جي اٺن ئي لفظن تي رهي ٿو. ان مان مراد اها آهي تہ ڊولچ، بصري لفظن لاءِ پرائمري سطح جي ڪتابن مان هر هر ڪم ايندڙ لفظن ڪان سواءِ، وياڪرڻي ڪو خاص دائرو يا معيار نہ رکيو، بلڪ، هن شايد اهي لفظ درسي، ٻاراڻن رسالن ۽ اخبارن مان هر هر ڪم ايندڙ (High Frequency Words)جي تعداد موجب حاصل ڪيا هوندا. ڪوتاهيءَ سبب، مسٽر ڊولچ جي طريقہ ڪار جو فائيل ملي نہ سگهيو آهي، جو ان جو اڀياس ڪري سگهجي.

ڊولچ جي چاٽايل لفظن مان بصري لفظ جو جيڪو دائرو جڙي ٿو ان موجب ڪوبہ لفظ، جيڪو درسي ڪتابن ۾ ڪم آيل هجي، بجاءِ هِجي ڪرڻ جي، تصوير جي صورت ۾ ياد ڪيو وڃي. اها ڳالهہ ان سبب اخذ ٿئي ٿي تہ مسٽر ڊولچ، گرامر جي اٺن ئي لفظن وارا لفظ سهيڙيا آهن. انگريزي ۽ سنڌي صورتخطيءَ جي ڀيڪوڊ ٿيڻ ۾ ڪافي فرق آهي.

**سنڌي ۽ انگريزي صورتخطيءَ جي ڀيٽ**:

سنڌي صورتخطيءَ جي ڀيٽ ۾، انگريزي صورتخطيءَ ۾ آواز جي بنياد تي ٺوڙ جوڙ سان هِجي ڪرڻ (Spelling) واري عمل ۾مطابقت يا ٺهڪاءُ (accuracy) ناهي؛ ان ڪارڻ انگريزي لفظ جي اچار توڙي هِجي (Spelling) ڪي رٽي جي بنياد تي ياد ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي رسم الخط جي چونڊ سبب هِجي (Spelling) واري معاملي ۾ ڪا خاص ڪوٽ ڪونهي. برطانيہ جي مشهور ماهر لسانيات فرٿ (Firth) اهڙي ڳالهہ هن انداز ۾ ڪئي آهي تہ:

"Our English alphabet and Orthography are disgracefully and almost ridiculously imperfect. Let us notice the main features of Arabic alphabet. I suppose it can claim the title 'alphabet' on etymological grounds, but it is really a syllabary. Firstly, each Arabic letter has a name of its own. Secondly, each one is capable of being realized as an art figure in itself. Thirdly, and most important of all, each one has syllabic value, the value of 'potestas' in the most general terms being consonant plus vowel, including vowel zero, or zero vowel. The special mark, 'Sukoon; for a letter

without vowel possibilities, i.e. with zero vowel or for letter to end a syllable, not begin it, is the key to understanding of the syllabic value of the simple letter not so marked, and this is congruent with the essentials of Arabic Grammar." *(Firth, 1957, 125-126)*

لفظ کي رَٽي جي بنياد تي ياد رکڻ واري نسبت انگريزيءَ جا ڪافي لفظ بصري لفظن ۾ شامل ٿيڻ وارو مزاج رکن ٿا.ان سبب مستر ٻولچ اهڙن مڙني لفظن جي چونڊ ڪئي جيڪي ٻاراڻن ڪتابن ۾ ڪم آندا ٿي ويا. هن وقت به آمريڪا جي ايليمينٽري اسڪولن ۾ ٻولچ سائيٽ ورڊس کي اهميت حاصل آهي.

بصري لفظي ذخيري جي حوالي سان انگريزي ۽ سنڌي ٻولين جي ڀيٽ ڪجي ٿي ته پهريون معاملو رسم الخط (Script) جو ٿو اچي. رومن رسم الخط (Script) ۾ آئيوبيٽا (Alphabet) جي ٿورن اکرن سبب انگريزي لفظن لاءِ مناسب آواز سان مطابقت جو ڪافي مسئلو رهي ٿو. جڏهن ته عربي توڙي ديوناگري رسم الخط ۾ مناسب آواز لاءِ اکرن جو ڪنهن حد تي مناسب تعيّن ٿيل آهي. اهڙي خيال کان سنڌي لفظن لاءِ آوازن کي اکرن سان سلهاڙڻ (Phonics) ۽ ان کي اچارڻ ۾ ڪا دقت پيش نه ٿي اچي. ياد رهي ته هتي بصري لفظ مان خاص مراد لفظ جي تصوير آهي، جنهن کي ڏسڻ سان اچاري ۽ سمجهي وڃجي.

اهوئي سبب آهي جو رسم الخط جي حوالي سان انگريزي ته پنهنجي جڳهه تي، پر سنڌيءَ جي بصري لفظن لاءِ ڪي دائرا جوڙڻ ڏکيو عمل ضرور آهي؛ پر انتهائي ضروري پڻ. جيڪڏهن انگريزي ۽ سنڌي لفظن کي پد (Syllable) جي ماڻ ۾ تقابل ڪجي ٿو ته وڏو فرق نظر اچي ٿو. سنڌيءَ ۾گهڻي قدر هر لفظ جي آخري وينجن (Consonant) تي ڪو نه ڪو سُر (Vowel) ضرور هجڻ سبب هڪ پد (Syllable) وارا اسم ملن ئي ڪونه ٿا؛ مثال طور:

- ڪَٽَ = /ڪ/ + /اَ/، /ٽ/ + /اَ/ (هن لفظ ۾ چار آواز ۽ ٻه پد آهن)
- تِڏِ = /ت/ + /اِ/، /ڏ/ + /اِ/ (هن لفظ ۾ چار آواز ۽ ٻه پد آهن)
- سِرَ = /س/ + /اِ/، /ر/ + /اَ/ (هن لفظ ۾ چار آواز ۽ ٻه پد آهن)
- پاڻِي = /پ/ + /آ/، /ڻ/ + /اِي/ (هن لفظ ۾ چار آواز ۽ ٻه پد آهن)
- مُوڙو = /م/ + /اُو/، /ڙ/ + /او/ (هن لفظ ۾ چار آواز ۽ ٻه پد آهن)

مٿي ڄاڻايل لفظن مان ڪي ٻه اکرا ته ڪي چار اکرا لفظ آهن، پر انهن مان هر هڪ لفظ ۾ ٻه پد (Two syllables) ۽ چار آواز ٿين ٿا. جڏهن ته انگريزيءَ ۾ پنج اکرا،

چار اکرا ۽ ٽي يا ٻہ اکرا لفظ بہ هڪ پد (One syllable) وارا ٿين ٿا، مثال طور:

- World (هي لفظ پنج اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- Heart(هي لفظ پنج اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- Life(هي لفظ چار اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- Love(هي لفظ چار اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- One(هي لفظ ٽي اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- Day(هي لفظ ٽي اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- In (هي لفظ ٻہ- اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)
- On (هي لفظ ٻہ- اکرو آهي، ليڪن هڪ پدو لفظ آهي)

ڊولچ بصري لفظن (Dolch sight words) پٽاندر مٿين انگريزي لفظن مان بہ صرف ٽي هڪ پدا لفظ on, in, one غير اسم ۽ هڪ لفظ Day اسم مان شامل ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ تہ ٻہ- اکرا لفظ پڻ ٻہ پدا ٿين ٿا. ان لحاظ کان بصري لفظ ۾ پدن (syllables) کي بہ ميزان نہ بڻايو ويو آهي. جيستائين ڪو پختو دستاويز يا پيپر سامهون اچي، تيستائين اهو ئي خيال جڙي ٿو تہ مسٽر ڊولچ ٻاراڻن ڪتابن ۽ اسڪولن جي مواد مان گهڻي کان گهٽ ڪم ايندڙ لفظن (Most frequent words)جي درجيوار ميڙ سيڙ ڪري، چندچاڻ ذريعي چونڊ ۽ ورڇ ڪئي هوندي. ان موقعي تي اها ڳالهہ سامهون ضرور اچي ٿي تہ ان دؤر جي انگريزي پرائمري ڪتابن جي تياريءَ ۾ ڪي معيار رکيا ويا هوندا.اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڪو سائنسي طريقڪار ڪم آندل ناهي.

جيڪڏهن گرامر کي ڏسجي تہ گرامر جا اٺ لفظ (اسم، صفت، ضمير، فعل، ظرف، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا) اسم، فعل ۽ حرف ۾ ئي سمائجي وڃن ٿا. ان لحاظ کان جيڪڏهن انهن مان ئي بصري لفظن جو احاطو ڪجي تہ مڙني وياڪرڻي جزن مان چونڊڻا پوندا، البت، انهن مان اهڙن لفظن جي چونڊ ضرور ڪرڻي پوندي، جن جو استعمال عام جام ٿئي ٿو يا جن کان سواءِ جملن جي بيهڪ ناممڪن ٿي وڃي.

ڪافي انگريزي توڙي سنڌي اهڙا بہ لفظ آهن، جن کي صرف نشانين/ علامتن سان جاڻايو ويندو آهي ۽ ان کي هِجي ڪرڻ جي گهرج پيش نہ ايندي آهي، ان خيال کان بصري لفظن جو تعلق سيميوٽڪس (Semiotics) سان بہ آهي. هي اهڙو علم آهي

جنهن ۾ رابطي لاءِ علامتن ۽ نشانين مان معنيٰ مراد حاصل ڪئي ويندي آهي. مثال طور: ’&‘، ’۽‘، ’۾‘، ’تہ‘ وغيره. خير، ان عنوان بابت هيٺ ٿوري ڇاڻ رکي ان کي پاسي ٿو رکجي.

**Semiotics** (also called **semiotic studies**; not to be confused with the Saussure an tradition called **semiology** which is a part of semiotics) is the study of meaning-making, the study of sign processes and meaningful communication.[1] This includes the study of signs and sign processes (semiosis), indication, designation, likeness, analogy, metaphor, symbolism, signification, and communication.

Semiotics is closely related to the field of linguistics, which, for its part, studies the structure and meaning of language more specifically. The semiotic tradition explores the study of signs and symbols as a significant part of communications. As different from linguistics, however, semiotics also studies non-linguistic sign systems. Semiotics may be divided into three branches:

- **Semantics**: relation between signs and the things to which they refer; their signified *denotata*, or meaning
- **Syntactics**: relations among or between signs in formal structures
- **Pragmatics**: relation between signs and sign-using agents or interpreters

**بصري لفظن جي چونڊ:**

مٿي ورتل جائزي وٺڻ کان پوءِ ظاهر ٿيو تہ انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ ڪافي فرق آهي. البت، بصري لفظن جو دائرو گرامر جي اٺن ئي لفظن تي مبني ٿي سگهي ٿو. بصري لفظن جي دائري جوڙڻ لاءِ ڪي معيار رکڻ جي گهرج اوس آهي، تہ جيئن، اڳتي تحقيق ڪندڙن کي هن عنوان جي اهميت جو اندازو ٿئي ۽ ان تي تحقيق جي سلسلي کي اڳتي وڌائي سگهن.

هن عنوان تي ڪم ڪرڻ جا ٻہ رستا ٿي سگهن ٿا:

1. اهڙا لفظ ڳولهجن جيڪي درسي ڪتابن ۾ گهٽي کان گهٽا ڪم آندا ويا هجن; ليڪن ان لاءِ اهو ڏسڻ ضروري آهي تہ درسي ڪتابن ۾ ڪم آندل لفظ يا جملا ڪهڙي معيار پٽاندر رکيل آهن، يا ٻارن جي سطح کي ڏسي اندازي تي رکيا ويا آهن.
2. ٻيو طريقو اهو آهي تہ گرامر جي اٺن ئي لفظن آهر درسي ڪتابن مان اهڙا لفظ ڳولهجن جن جو امڪاني استعمال گهڻو هجي ۽ لفظ ڪنهن حد تي مختصر

هجي، جو ڏسڻ سان آوازن بجاءِ پورو لفظ ڊيڪوڊ (Decode) ٿي وڃي.

مختصر اپياس تحت في الحال گرامر جي اٺن ئي لفظن کي سامهون رکي لفظن جي ڳولها ڪجي ٿي، ان بعد درجيوار ورڇ ڪري سگهجي ٿي:

**اسم:** هن ۾ اسم عام، خاص ۽ ذات شامل ٿين ٿا. انگريزي بصري لفظن ۾ اسم عام جي چونڊ ڪافي ٿيل آهي. اسان وٽ آئيويتا ۾ گهٽ اکرن جي استعمال سبب ڪافي لفظ پرائمر ۾ اچي ٿا وڃن. جيڪڏهن اسم عام جي چونڊ ڪئي ويندي ته ڪافي اهڙا لفظ ٿي ويندا جيڪي اضافي ٿي ويندا. پرائيمر ۾ ترتيب ڏنل اکرن سان وڏ ۾ وڏ تي لفظ ڏنل آهن، جن جو اٽندي ئي تعداد 150 کان وڌي ٿو وڃي. ان لحاظ کان اسم مان لفظن جي چونڊ اضافي ٿي ويندي، ان کان علاوه عربي رسم الخط سبب هر لفظ ۾ آواز آسانيءَ سان ڊيڪوڊ ٿي سگهن ٿا. ان سبب اسم جي ڪنهن به قسم مان لفظ ’بصري لفظن‘ ۾ شمار ڪرڻ مناسب ناهي.

**ضمير:** هن ۾ اهڙا لفظ شامل ٿيندا آهن، جيڪي اسم جي بدران ڪم آندا ويندا آهن. آوازن جي لحاظ کان اهي تمام مختصر هوندا آهن ۽ ڏسڻ سان ئي اهي سڃاڻي سگهبا آهن، يعني ان کي هِجي ڪرڻ جي به گهرج ڪونه ٿي پوي، ان کان علاوه ’آءٌ‘ اهڙو لفظ به آهي، جنهن کي هجي ڪرڻ لازمي ناهي. هن ۾ لفظن جو تعداد به ايترو ڪونهي جن کي سنڀالڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش اچي، ان ڪارڻ ضمير جي مڙني لفظن کي بصري لفظن ۾ شامل هئڻ گهرجي.

**ضمير خالص:**

- **متڪلم:** مان/ آءٌ/ مون – اسان/ اسين– منهنجو (ياد رهي ته ’مُنهِن‘ ضمير متڪلم آهي، ان سان حرف اضافت ملائبو ته ’منهنجو‘ لفظ بيهندو.)
- **حاضر:** تون – توهان– تنهنجو (ياد رهي ته ’تُنهِن‘ ضمير حاضر آهي، ان سان حرف اضافت ملائبو ته ’تنهنجو‘ لفظ بيهندو.)
- **غائب:** هو/ هوءَ – اهي

**ضمير اشارو (قريب توڙي بعيد):**

هي/ هيءَ/ هيءُ– هِن/ هُن/ هُنن –اِن/ اُن/ انهن –هو/ هوءَ –اِهو/ اُهو/ اِها/ اُها/ اِهي/ اُهي

(نوٽ: سنڌي ٻوليءَ جي صرفي توڙي نحوي مزاج/ جملي جي بيهڪ مطابق 'هي/ هيءَ/ هيءُ' يعني '/' نشانيءَ سان ساڳئي لفظ جون صورتون سمجهڻ گهرجن.)

**ضمير مشترڪ:**

پاڻ -پنهنجو (ياد رهي تہ 'پَنهِنِ' ضمير مشترڪ آهي، جنهن سان حرف اضافت ملائي 'پنهنجو' ڪم آندو ويندو آهي.)

**ضمير استفهام:**

ڪنهن - ڇو - ڇا - ڪهڙو/ ڪهڙا/ ڪهڙي/ ڪهڙن (حرف اضافت سان لفظ 'ڪنهنجو' گڏيل صورت ۾ لکيو ويندو آهي.)

**ضمير مبهم:**

ڪو/ ڪا/ ڪي– ڪجھ - ڪنهن/ ڪن (لفظ 'ڪنهن' ضمير استفهام ۽ مبهم ٻنهي ۾ ڪم آندو ويندو آهي؛ سوالي جملي جي صورت ۾ استفهام ۽ بياني جملي جي صورت ۾ مبهم ۾ ليکيو ويندو.)

**ضمير موصول ۽ جواب موصول:**

جيڪو/ جيڪا/ جيڪي - جنهن/ جو جهڙا- اهو/ اهي - سو، تهڙا، تَنهن
(نوٽ: هن ۾ بہ چند لفظ اهڙا ٿين ٿا جيڪي حرف اضافت يا ضمير اشاري وغيره ۾ بہ ڪم آندا ويندا آهن؛ ان ڪارڻ، بصري لفظن لاءِ هنن مان بہ ساڳيائپ وارا لفظ چڱي ڏيٺا پوندا.)

**صفت:** پيرومل آڏواڻيءَ موجب، ٻوليءَ ۾ جيڪي بہ لفظ صفت تي ڪم اچن ٿا، تن سڀني کي ٽن مکيہ دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: وصفي، عددي ۽ ضميري.

**وصفي صفت:**

هن ۾ اهڙا لفظ اچي ٿا وڃن جيڪي آوازن جي بنياد تي آسانيءَ سان ڊيڪوڊ ٿي سگهن ٿا؛ مثلاً: ننڍو، وڏو، سهڻو، پلو، ڍلو، تيز وغيره. آسانيءَ سان ڊيڪوڊ ٿيڻ ۽ لفظن کي آسانيءَ سان هِجي ڪرڻ ۽ گهٽائيءَ سبب هن کي 'بصري لفظن' جي دائري مان ڪيڏو پوندو. تنهن هوندي بہ چند گهٽا استعمال ٿيندڙ لفظ رکي سگهجن ٿا؛ جهڙوڪ: ننڍو يا وڏو.

**عددي صفت:**

هن ۾ چند اهڙا لفظ بہ اچن ٿا جن کي هِجي نہ بہ ڪرڻو پوندو آهي، جيئن: ٻہ.

ڳڻپ (قطاري ۽ تعدادي) وارن لفظن جو ٻارن سان ڪافي تعلق رهندو آهي، جنهن سبب هن مان 'بصري لفظن' جي چونڊ مناسب رهندي ٿا.

هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نوَ ڏهه، يارهن، ٻارهن، تيرهن، چوڏهن، پندرهن، سورهن، سترهن، ارڙهن، اڻويهه، ويهه، ٻاويهه، ٽيويهه، چوويهه، ٽيهه، چاليهه، پنجاهه، سٺ، ستر، اسي، نوي، سؤ هزار، لک، ڪروڙ.

**ضميري صفت:**

هن ۾ اهڙا لفظ اچن ٿا جيڪي ضمير ۾ شامل هجن ٿا. ان سبب هن مان، الڳ سان، لفظن جي چونڊ نه ٿي ڪري سگهجي. (پيرومل، 1985: 74_ 75)

**فعل:** فعل جي حوالي سان ان جا ٽي حصا ٿين ٿا:

1. مکيه فعل جا جز: ڪرڻ ۽ سهڻ
   - باقاعدي فعل: مارڻ_ ماريو پڙهڻ_ پڙهيو.
   - بي قاعدي فعل: ڏسڻ_ ڏٺو ڪائڻ_ ڪاڌو پيئڻ_ پيتو.
2. مددي/ معاون فعل جا جز: هئڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ
   - آزاد مددي فعل: هي .... آهي، ... منهنجو ٿيو.
   - پروس مددي فعل: لکندو آهي، پڙهندو آهي.
3. مرڪب فعل: ڏسي اچڻ، لکي وڃڻ وغيره. *(جوکيو 2012: 78_ 102)*

فعل جي گهڻائي ۽ لفظن جي ڦيري کي ڏسي ڪري،مددي/ معاون فعل ۽ ڪنهن حد تي مرڪب فعل مان 'بصري لفظن' جي چونڊ مناسب رهندي.

**معاون فعل:**

معاون فعل جا ٻه حصا ٿين ٿا: آزاد مددي فعل ۽ پروَس مددي فعل. ٻنهي مان لفظ عام طور استعمال ٿيندا آهن ۽ انهن جو شمار عام طور 'بصري لفظن' ۾ ئي ڪيو ويندو آهي؛ مثلاً:

آهي/ آهن – هيو/ هيا –ٿو/ ٿا/ ٿي/ ٿيون/ ٿيندو/ ٿئي– پيو/ پيا/ پئي_ سگهان/سگهي/ سگهين/ سگهن/ سگهيون_ پوندو/ پوندا/ پوندن –هوندو/ هوندي/ هوندا – رهيو/ رهي/ رهندو.

**مرڪب فعل:**

مرڪب فعل ۾ اهڙا فعل به هوندا آهن، جيڪي آزاد فعل جي صورت ۾ پڻ ڪم ايندا آهن؛ جيئن:

| اضافي فعل/ مصدر | مرڪب فعل جا مصدرَ |
| --- | --- |
| پچائڻ | ٻوڙ پچائڻ- امانت پچائڻ- لڪٽي پچائڻ وغيره |
| رکڻ | ملازم رکڻ- راز رکڻ- مشابهت رکڻ- هٿ رکڻ- اک رکڻ- مان رکڻ- مانُ رکڻ- ڪک رکڻ- دل رکڻ - سنڌو رکڻ وغيره. |
| کائڻ | حق کائڻ- ڪاوڙ کائڻ- سِر کائڻ- ٿاٻو کائڻ- هوا کائڻ- موٺ کائڻ وغيره. |
| ڪرڻ | تائيد ڪرڻ- پرهيز ڪرڻ- بي عزت ڪرڻ- اوسيئڙو ڪرڻ- غفلت ڪرڻ- آگاهه ڪرڻ- پرواه ڪرڻ- دعويٰ ڪرڻ- پوئواري ڪرڻ- واپس ڪرڻ- واڪاڻ ڪرڻ- خيرات ڪرڻ- ياد ڪرڻ- گلا ڪرڻ- سلام ڪرڻ- سڏ ڪرڻ وغيره. |
| لڳائڻ | اندازو لڳائڻ-باهه لڳائڻ-دل لڳائڻ-اک لڳائڻ-وڻ لڳائڻ. |
| هٽڻ | ڏڪو هٽڻ- ڏڪ هٽڻ- سُئي هٽڻ- مٿو هٽڻ- اک هٽڻ. |
| وٺڻ | امتحان وٺڻ- گس وٺڻ- خبر وٺڻ- خرچ وٺڻ. |
| وجھڻ | ٻجي وجھڻ- پڇي وجھڻ- ڪپي وجھڻ، هارائجي وجھڻ- ٽي وجھڻ- پڙهي وجھڻ- اچڻ وجھڻ وغيره. |
| ڏيڻ | موڪل ڏيڻ- دڙڪا ڏيڻ- مار ڏيڻ- قرب ڏيڻ- ڏوڪڙ ڏيڻ- دل ڏيڻ- ساهه ڏيڻ- خبر ڏيڻ- ٽيڪ ڏيڻ- ڏيان ڏيڻ- ٽپو ڏيڻ- حساب ڪتاب ڏيڻ- نچ ڏيڻ- وغيره. |
| جوٽڻ | جهيڙو جوٽڻ- ڏاند/ جوٽ جوٽڻ. |
| اچڻ | ڏسي اچڻ- پڇي اچڻ- ڪائي اچڻ- ڪم اچڻ- اڳيان اچڻ- ننڊ اچڻ. |
| چوڻ | سچ چوڻ- ڳالهه چوڻ |
| ٻڌائڻ | ڳالهه ٻڌائڻ- منهن تي ٻڌائڻ- ٺاهي ٻڌائڻ- |
| پڙهڻ | قرآن پڙهڻ- نعت پڙهڻ. |
| لڳڻ | اڄ لڳڻ- بک لڳڻ- باهه لڳڻ- سيءُ لڳڻ- |

مٿين جملن کي ڏسي اندازو ٿئي ٿو تہ اهي اضافي فعل اهڙا آهن جيڪي اسم/صفت يا ٻئي فعل سان مرڪب صورت ۾ ڪم اچن ٿا. ان لاءِ ضروري آهي تہ اهڙن اضافي فعلن کي 'بصري لفظن' ۾ شامل ڪيو وڃي.

**ٽيڻ جوڳا بصري لفظ:** پڇائڻ، رکڻ، ڪائڻ، ڪرڻ، لڳائڻ، هٽڻ، وٺڻ، وڃڻ، ڏيڻ، جوٽڻ، اچڻ وغيره.

**ظرف:** ڪڏهن، جڏهن، هينئر، اندر، ٻاهر، هيٺ، مٿي، هِتي/ هُتي/ هتان، نہ، ڪونہ، بلڪل، ويجهو پري، هميشہ،هيڏانهن،چڱيءَطرح / ريت.

(نوٽ: ظرف ۾ ڪي لفظ اهڙا بہ اچن ٿا جيڪي صفت ۾ بہ شمار ڪري سگهجي ٿو. فرق صرف لفظ جي حالت جو هوندو آهي تہ ڪهڙي حالت ۾ بيٺو آهي. مثال: هن ڪتاب جو اگهہ ڪهڙو آهي؟ هن جملي ۾ 'ڪهڙو' لفظ 'ظرف مقدار' آهي.)

**حرف جر:** 'تي'، '۾'، 'کي'، 'کان'، 'مان'،'سان'،'لاءِ'،'وٽ/ وٽان'،'تائين'، 'پاران'، 'ڏانهن'، جو/ جا/ ۽ 'کان سواءِ' اهي لفظ حرف جر آهن. جيڪي جملن ۾ اسمن ۽ ضميرن جي پٺيان، پر انهن سان گڏ پنهنجي جاءِ وٺي بيٺا آهن. اهي لفظ ٻن اسمن يا اسم ۽ ضمير يا اسم ۽ ظرف جي وچ ۾ لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

**حرف جملو:** 'ءِ، تہ، يا، پر، ڇاڪاڻ، جيڪڏهن، جيڪر، جيتوڻيڪ، جڏهن، تڏهن، جيئن، تيئن' حرف جملي جا مثال آهن.

**حرف ندا:** 'ڪاش، شال، وھ واھ، افسوس، شاباس' حرف ندا جا مثال آهن.

مٿيان لفظ گرامر جي ائن لفظن کي سامهون رکي گڏ ڪيا ويا آهن. اهي لفظ اهڙا آهن جيڪي درسي ڪتابن ۾ عام جام استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهڙي چونڊ هيٺ ڏجي ٿي:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مان/ آءٌ/ مون | اسان | منهنجو/ منهنجون | تون/ تو/ توهان | تنهنجو/ تنهنجي/ تنهنجون |
| هو/ هوءَ/ اُهي | هي/ هيءَ/ هيءُ | هِن/ هُن/ هُنن | اِن/ اُن/ انهن | اِهو/ اُهو/اِها/ اُها/ اِهي/ اُهي |
| پاڻ | پنهنجو | ڪنهن | ڇا | ڇو |
| ڇالاءِ | ڪهڙو/ | ڪو/ ڪا/ | ڪجهہ | جيڪو/ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ڪهڙا/ ڪهڙي/ڪهڙن | ڪي | | جيڪا/ جيڪي |
| جنهن | جهڙو/جهڙا | تهڙو/ تهڙا | سو | هڪ |
| ٻہ/ ٻيون | ٽي/ ٽيون | چار/ چوٿون | پنج/پنجون | ڇهہ/ ڇهون |
| ست/ستون | اٺ/ اٺون | نوَ/ نائون | ڏهہَ/ ڏهون | يارهن |
| ٻارهن | تيرهن | چوڏهن | پندرهن | سورهن |
| سترهن | ارڙهن | اڻويهہ | ويهہ | ٽيهہ |
| چاليهہ | پنجاه | سٺ | ستر | اسي |
| نوي | سؤ/ سوين | هزار | لک | ڪروڙ |
| آهي/ آهن/ آهيون | هيو/ هيا | ٿو/ ٿا/ ٿي/ ٿيون/ ٿيندو/ ٿئي | پيو/ پيا/ پئي پوندو/ پوندا/پوندن | سگهان/ سگهي/ سگهين/ سگهن/ سگهيون |
| هوندو/ هوندي/ هوندا | رهيو/ رهي/ رهندو | سوير | خاص | ڪڏهن |
| هينئر | اندر | ٻاهر | هيٺ/ هيٺان | مٿي/ مٿان |
| هِتي/ هُتي/ هتان | نہ | ڪونہ | بلڪل | ويجهو |
| پري | هميشہ | هيڏانهن | چڱيءَ طرح/ ريت | تي/ اُتي |
| ۾ | کي/کيس/کين | کان | مان/منجهان | سان |
| لاءِ | وٽ/ وٽان | تان/جتان/تائين | پاران | ڏانهن |
| جو/ جي/ جا/ جون | ڪانسواءِ | ۽ | تہ | يا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پر | ڇاڪاڻ | جيڪڏهن | جيڪر | جيتوڻيڪ |
| جڏهن | تڏهن | جيئن | تيئن | ڪاش |
| شال | وه واه | افسوس | شاباس | هر |
| ئي | سندس/سندن | سڀ/ سڀني | پوءِ | گهرجي/گهرجن |
| ٻيو/ ٻيا/ ٻئي/ ٻنهي | تمام | سارو | ڀيرو/ ڀيري | کپڻ/ کپي |
| پلا/ پلي | سامهون | لڳو/ لڳن | ڏاڍو/ ڏاڍا | ائين |
| توڪي | مونکي | ڪيترا | پٺيان | يعني |
| چڱو | برابر | مثال | اٿس/ اٿم | رڳو |
| بابت/باري | نيٺ | بس | گڏ | وري |
| وارو | پورو | وڏو/ وڏا | ننڍو/ ننڍا | ڪٿي |
| ڪير | وڌيڪ | سمورو | وارا | اڳ/ اڳتي |
| ٿورو/ ٿورا/ ٿورڙا | پهريون | ادا | جيءُ | جهجهو |
| هائو | لڳڻ | سڄو | تنهن | اڄ |
| ذرو | جيڏو/جيترو | سٺو | گڏجي | سوڙهو |
| مٿو | پوڙهو | ... | ... | ... |

ڄاڻايل لفظ گرامر ۾ ابتدائي درجن (پرائيمر کان ٽئين تائين) مان ٿلهي ليکي چونڊيا ويا آهن. خانن جو تعداد 168 بيهي ٿو. خاني ۾ ڪٿي هڪ لفظ رکيو ويو آهي ته ڪٿي وري ٻه يا وڌيڪ به ٿي ٿا وڃن. هڪ خاني ۾ وڌيڪ لفظن رکڻ جو مقصد اهو آهي ته اهي لفظ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان ساڳئي گروپ جا لفظ آهن، صرف سنڌي ٻوليءَ جي نحوي مزاج مطابق شڪل مٽائن پيا، جيئن: هي، هيءَ يا هيءُ وغيره. ڪٿي وري اسم تصغير به ڳنڍيل آهي، جيئن: ٿورو، ٿورا، ٿورڙا وغيره. اهو ان لاءِ ته اهو اسم تصغير به ساڳئي لفظ مان جڙي ٿو، جنهنڪري ان کي ساڳئي لفظ جي خاني ۾ رکيو ويو آهي.

ٻيو مرحلو انهن لفظن کي درسي ڪتابن ۾ جاچي درجيوار ورڇ ڪرڻ ۽ ڪجهه لفظن جو اضافو ڪرڻ آهي.

- پرائيمر: هن ۾ ٻہ حصا رکيا ويا آهن. هڪ ۾: صفت، ضمير، مددي فعل، ۽ حرف (جر، جملوءِ ندا) رکيا ويا آهن؛ ٻئي ۾: فعل رکيا ويا آهن.

**پرائيمر**:

1. **فعل کان سواءِ مددي فعل ۽ مختلف لفظن جي چونڊ**:

۽، ۾، ادا، اڙ، آهي/ آهن/ آهيون، پوڙهو تنهنجو/ تنهنجي/ تنهنجون، تون/ تو/ توهان، تي، ٿو/ ٿا/ ٿي/ ٿيون/ ٿيندو/ ٿئي، جو/ جي/ جا/ جون، جهجهو جهڙو/ جهڙا، جيءَ، جيڏو/ جيترو، ذرو سٺو سچو سوڙهو سوير، ڪٿو ڪي، مان/ آءٌ/ مون، مٿو منهنجو/ منهنجي/ منهنجون، نہ، هائو هي/ هيءَ/ هيءُ.

2. **فعل جي چونڊ**:

آءُ، پيءُ (پيئڻ)، ٿيءُ، ڏس، اُٿُ، سُمُھ، وِڙُھ، چڙھ، پڙهون، ٻُڌُ، آيو هَلُ، وڃي، گجي، ڪتري، ڪڙُ، وٺُ، اڏامي، ويٺي، ڦري، ڏي، ڪائي، ڀَٽِ، ڪر، لڳي، ٻوڙي، پيارِ سهي، توري، وڍِ، ڪاهِ، ڪاءُ، اچ، رکُ، وٺ، ڪر، لکُ، ڀَر، بيهُ، هڻُ، هلُ، ڍَڪِ، پوڪِ، سِڪ، اُگھہ، ٻوڙي، اچي.

**پهريون درجو**:

1. **فعل کان سواءِ مددي فعل فعل ۽ مختلف لفظن جي چونڊ**

گڏجي، ٿَنهن، جو/ جيڪو سچو الله سائين، هُو اسان/ اسين، گهرجي/ گهرجن، پاڻ سڀُورا، الله تعاليٰ، نالو حضرت، هوندي، ڏاڍا، مٿن، قرآن، هڪ، وڏو پرسان، ڪان، اڳ/ اڳيان/ اڳتي، گڏ، پنهنجي، گهٽا/ گهٽو/ گهٽي، ڪير، ڇا، ڪڏهين، سدائين، تان، هِتي/ هُتي، نت، سيئي، سان، ڪينَ، ان، لاءِ، پڻ، پوءِ، ڏاڍو ڇالاءِ، هڪٻئي، واه واه/ واه ڙي، چوڌاري، پهرين، ڪيترائي/ ڪيتريون ئي، اُتي، وَري، اها/ اهو ڪي، توڪي، اهڙي، تڏهن، مان (منجهان)، تمام هر، ڇو شاباس، ڪهڙيون، جيئن، اجايو شل.

2. **فعل جي چونڊ**:

ڳايون، وسائي، پچائي، پهرائي، پچائي، اپائي، ٿمڪائي، ساراهيون، پيدا ڪيو/ ڪيا، سڃاڻو ٻڌايو ورجايو پڙهو/ پڙهبي/ پڙهائيندو جوڙيا، ڏنو گهرون، ملائي/ ملايو چونڊي، ڀريو جوڙيا، ڄاوا، لاٿو فرمايو چيو مڃيو ڪريو هلو ڳالهايو لکو پاليو ڪبو آهي، هونديون آهن، چئبو آهي، ڏني ويندي آهي، هئڻ گهرجن/ گهرجي، ٻڌي، ٿيندا آهيون، رکندا، وچايل آهي،

چونڊي, ٽيندس, ڏيندس, وڃايان, لڄايان, چوندم, ڏيندم, ويهڻ, چوڻ, ملندم, ڏي, ورجايو, پوکيل آهن, رکون/ رکندا, پيئندا, ڻاهيندا, پاليون, ويندا/ ويندو, ويا, ڪندي/ ڪندا, مڃيندا, وڃندو ڻاهي, ٻيهندا, ڳائبو پڙهائيندا, رکيل, ڦٽو ڪبو آهي, ڏيندا, ڪپڻ, ڏيٺا, ڪريون, پِئي/پِي, وٺن/ وٺي, لڳن, وڏي, ڏي, چڙهي, ايندا, اچن ٿا, ڪٽبو گهمڻ, وياسين, گهڙياسين, ڏٺوسين, هلياسين, لُڏي, ٽپا ڏيئي رهيا هئا, وڏياسين, هلي رهيا هئا, ڪري رهيو هو تري رهيون هيون گهمي رهيو هو ڏسڻ ۾ آيون, گهمي ڦري, آياسين, نڪريو ٿا, پڪڙو ٿا, ڏسون/ ڏسين, کائيندا, پيئندا, ڻهندو وڏن ٿا, چئبو آهي, مڻائين, ڪن ٿا/ ڪن ٽيون, رهندا آهن, پسين, ايندو آهي, ڏسبا, وٽندي آهي, ڻاهيو رکي, وسري وئي, ٻارجي, پري ٻڌايون, سٽائي, ٽيندي لهي وڃي ٿو, اچي ٿو.

**نتيجو:**

بصري لفظن جي چونڊ ۾ فقط پرائيمر ۽ پهرئين ڪلاس ۾ صفت, ضمير, مددي فعل ۽ حرف جر, جملي ۾ ندا سان ئي ڪافي لفظ ٿي ٿا وڃن; ان صورت ۾ جيڪڏهن فعلن کي به شامل ٿو ڪجي ته ان جو تعداد ڪافي ٿي وڃي ٿو. جيئن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'فعلي امر' سان ڪافي صورتون جڙن ٽيون, لفظن جي گهٽائيءَ سبب ان کي 'بصري لفظن' ۾ شامل ڪرڻ نامناسب ٽيندو. اهڙي صورت ۾ مٿيان گرامر مان چونڊيل لفظ (جن ۾ شروعاتي شماري ۽ قطاري عدد به اچي ٿا وڃن) ۽ ابتدائي درجن: پرائيمر, پهرئين, ٻئين ۽ ٽئين ڪلاس (ECE)جي ڪتابن مان عارضي طور هيٺيان لفظ درجيوار رکجن ٿا:

| پرائيمر | پهريون ڪلاس |
|---|---|
| اٿ/ اٿون | اُتي/ هِتي/ هُتي |
| ادا | اجايو/ اجائي |
| اڏ | اسان/ اسين |
| ارڙهن/ ارڙهون | اسي |
| اٺويهه/ اٺويهون | اڳ/ اڳي/ اڳيان/ اڳتي |
| آهي/ آهن/ آهيان/ آهيون | ان/ انهن/ انهي |

| | |
|---|---|
| ٻارهن / ٻارهون | اِها / اُها / اِهو / اُهو / اِهي / اُهي |
| ٻهہ / ٻيون | اهڙي |
| پنج / پنجون | ايڪيهہ / ايڪيهون |
| پندرهن / پندرهون | ٻاويهہ / ٻاويهون |
| پوڙهو | ڀرسان |
| تنهنجو / تنهنجي / تنهنجون | پاڻ |
| تون / تو / توهان | پنجاه / پنجاهون |
| تي | پنجويهہ / پنجويهون |
| تيرهن / تيرهون | پنهنجو / پنهنجي |
| ٿو / ٿا / ٿي / ٿيون / ٿيا / ٿيندو / | پڻ |
| ٽئي | پوءِ |
| ٽي / ٽيون | پهرين |
| جو / جي / جا / جون | تان / جتان / تائين |
| جهجهو | تڏهن |
| جهڙو / جهڙا | تمام |
| جيءُ | تَنهن |
| جيڏو / جيترو | توڪي |
| چار / چوٿون | تيئن |
| چوڏهن / چوڏهون | ٽيويهہ / ٽيويهون |
| ڇهہ / ڇهون | ٽيهہ / ٽيهون |
| ڏهہ / ڏهون | جڏهن |
| ڏرو | جيڪو / جيڪا / جيڪي |
| ست / ستون | جيئن |
| سترهن / سترهون | چاليهہ / چاليهون |
| ستو | چوڌاري |

سڄو/ سڄي
سورهن/ سورهون
سوڙهو
سوير
ڪٽو
ڪي
۾
مان/ آءٌ/ مون
مٽو
منهنجو/ منهنجي/ منهنجون
نو/ نائون
نہ
ويهہ/ ويهون
هائو
هڪ/ پهريون
هي/ هيءَ/ هيءُ
يارهن/ يارهون
۽

چوويهہ/ چوويهون
ڇا/ ڇو/ ڇالاءِ
حضرت
ڏاڍو/ ڏاڍا
رهيو/ رهي/ رهندو
سان
سپ/ سيئي/ سيني
ستر
سٺ
سدائين
سڳورا
سو
سؤ/سوين
شاباس
شل/ شال
قرآن
ڪان
ڪڏهن
ڪروڙ/ ڪروڙين
ڪهڙو/ڪهڙا/ ڪهڙي/ ڪهڙن/
ڪهڙيون
ڪي/ ڪو/ ڪا
ڪيترا/ ڪيترائي/ ڪيتريون ئي
ڪير
ڪينَ
ڳڻ/ ڳڻجي

| | |
|---|---|
| | گهرجي/ گهرجن |
| | گهٽا/ گهٽو/ گهٽي |
| | لاءِ |
| | لک/ لکين |
| | الله سائين/ الله تعاليٰ |
| | مان (منجهان) |
| | مٿن |
| | نالو |
| | نت |
| | نوي |
| | واهه واهه/ واهه ڙي |
| | وڏو/ وڏا |
| | وَري |
| | هر/ هرڪو |
| | هزار/ هزارين |
| | هڪ |
| | هڪبئي |
| | هن |
| | هُو/ هوءَ، اهي |
| | هوندي |
| | هئا/ هئو/ هيو/ هيا |
| | يا |
| | ئي |
| **ڪل لفظ:** 48، **متجنديز صورتن سبب:** 93 | **ڪل لفظ:** 79، **متجنديز صورتن سبب:** 144 |

| ٻيون ڪلاس | ٽيون ڪلاس |
|---|---|
| آسپاس | آڏو |
| آڳاتي/ آڳاتو | انداز |
| اتس/ اتم | افسوس |
| اڃا | اهڙا/ اهڙن |
| اعليٰ | اهڙيءَ ريت |
| اندر | برابر |
| ائين | بلڪل |
| بابت/ باري | ٻاهر/ ٻاهران |
| بس | ڀرپور |
| بي (سواءِ) | تہ |
| ٻہ/ ٻيون/ ٻنهي | تهڙو/ تهڙا |
| ٻيو/ ٻيا/ ٻئي (ڏاريو/ ڪان | پاران |
| سواءِ) | پاڻان |
| ڀلي/ ڀلا | پيو/ پيا/ پئي- |
| ڀيري/ ڀيرو | پوندو/ پوندا/ پوندن |
| پاتم | ترت |
| پنيان | تنهنڪري |
| پر | ٿورو/ ٿورا/ ٿورڙا |
| پري | جهڙوڪ |
| پورو | جيترو/ اوترو |
| پوي/ پون | جيتوٽيڪ |
| تائين/ جيستائين/ تيستائين | جيڪڏهن |
| توڙي/ توڻي | ڄڻو/ ڄڻا/ ڄڻيون |
| جن/ تن | چڱو |
| جنهن/ تنهن | چاڪاڻ |
| ڄڻا/ ڄڻو | ڏانهن |
| چڱيءَ ريت/ طرح | ڏينهون ڏينهن |
| چئبو | ذريعي |

| | |
|---|---|
| دفعي | ڏارو ڏار |
| رڳو | روزانو |
| رهن | ساڻ/ ساڻس/ ساڻن |
| سارو | سبب |
| سامهون | سيڪو |
| سچ پچ | سربستو |
| سدا | سلسلي |
| سگهي/ سگهن/ سگهان/ | سمورو/ سموري |
| سگهين | طور |
| سڳو | غير آباد |
| سندس/ سندن | قسمين |
| سواءِ | ڪانسواءِ |
| ضروري | ڪانئس/ ڪانئن |
| ڪپي/ ڪپن | ڪوڙ |
| ڪيس/ ڪين | ڪونہ ڪو |
| ڪٿي | ڳِئين |
| ڪجهہ | ڪيئي |
| ڪنهن/ ڪن | لاپرواهي |
| ڪونہ | مختلف |
| ڪيڏا/ ڪيڏي | مطلب |
| ڪيئن | مکيہ |
| لڳي/ لڳو/ لڳا/ لڳل/ لڳندو | منجهہ/ منجهس/ منجهن |
| مونکي | وانگر/ وانگي |
| ننڊپڻ | وٽ/ وٽس/ وٽن/ وٽان |
| نيٺ | وڏيءِ وڏو |
| وارو/ واري/ واريون | هتان |
| وٽان/ وٽي | هڪجهڙو |
| هاڻي | هميشہ |
| هر پاسي | جيڪر |

| | |
|---|---|
| هرجاءِ/ جاءِ بجاءِ | خاص |
| هرهنڌ | ڪاش |
| هڪيئي | متي/ متان |
| هئڻ | مثال |
| يعني | معنيٰ |
| | ننڍو/ ننڍا |
| | وڏيڪ |
| | ويجهو |
| | هوندو/ هوندي/ هوندا |
| | هيٺ/ هيٺان |
| | هيڏانهن |
| | هينئر |
| **ڪل لفظ:** 60، **صورتن جي مٽجڻ سبب:** 101 | **ڪل لفظ:** 69، **صورتن جي مٽجڻ سبب:** 103 |

**ٿلهي ليکي چونڊيل لفظن جو ڪل تعداد:** 256

**ساڳئي لفظ مان مٽجندڙ صورتن جو ڪل تعداد:** 441

**جيڪڏهن مٿيان چونڊيل لفظ ابتدائي درجن ۾ بصري لفظ طور پڙهايا ٿا وڃن ته ابتدائي درجي (ECE) جي ٻار ۾ پڙهڻ (Reading) واري مهارت ۾ ڪافي اضافو ٿيندو.**

**مشورا/ رايا:**

1. **ECE جي ٻارن ۾ پڙهڻ واري مهارت (Reading Skill) کي وڌائڻ لاءِ بصري لفظن واري بنيادي موضوع تي مواد جي ڇنڊڇاڻ (Content analysis) کان اڳتي هيٺين سطح تي فيلڊ/ اسڪولن ۾ تجرباتي/ مشاهداتي اڀياس (Empirical Study) ٿيڻ گهرجي.**
2. **بصري لفظن جي تجرباتي/ مشاهداتي اڀياس هيٺ اهڙي چونڊ ٿيڻ گهرجي، جنهن جو تعلق (Connectivity) مٿين ڪلاسن سان به جڙندي هجي.**
3. **اهڙي اڀياس بعد ان کي ٻوليءَ جي بنيادي اصولن موجب پڙهائڻ ۽ درسي**

ڪتابن جي لکڻ کي يقيني بڻائڻ گهرجي.

4. نصاب (Curriculum)۾ بصري لفظن جي ڪڙي بڪڙي وڌائڻ (progression) يا استعمال ڪرڻبابت واضح اشارا هجڻ گهرجن ته جيئن پڙهڻ واري مهارت ۾ اضافو ٿي سگهي.
5. ٻوليءَ جي سکيا ۾ بصري لفظن جي پڙهائڻ لاءِ استادن/ ماهرن کي مختلف جديد سکيا جي طريقن/ سرگرمين تي توجه ڏيڻ گهرجي.

## حوالا


- آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند وڏو سنڌي وياڪرڻ. ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. [1925] 1985.
- جوکيو الطاف حسين وياڪرڻ جي اهم جز 'فعل' جو مختصر اڀياس. جويو تاج، ايڊيٽر: سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، 5 (4)، 78_ 103. حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. (2012)
- سنڌي پرائيمر ۽ پهريون ڪتاب ايڊيٽر: سيد شير شاه بخاري. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ. (2014)
- سنڌي ٻيو ڪتاب ايڊيٽر: سيد شير شاه بخاري. ڄام شورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ. (2014)
- سنڌي ٽيون ڪتاب ايڊيٽر: سيد شير شاه بخاري. ڄام شورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ. (2014)
- Firth, L.R (1957) Papers in Linguistics, London: Oxford University Press. PP. 125 to 126
- https://en.wikipedia.org/wiki/Sight-word



**ميرزا دبير**

[ايم.فل. اسڪالر]


# سنڌي ادبي تاريخ بابت مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقالن ۽ مضمونن جو جائزو

## Review of Articles & Essays of Dr. N.A Baloch on Sindhi Literary History, Published in Quarterly Magazine 'Mehran'.


**Abstract:**

Dr. N. A. Baloch [1917 - 2011] was a renowned scholar of Sindhi literature. He wrote many research articles on origin and structure of Sindhi language and literature. These research papers were published in various journals. From these journals, the quarterly "Mehran" stands out as the most prominent literary and

cultural journal of Sindhi language. In this paper I have made an effort toward tracing out facts on his research work, based on articles published in the quarterly ‘Mehran’.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 20هين صديءَ جو اُهو نامور اسڪالر آهي، جيڪو ادب، تاريخ، لسانيات، علم الغات ۽ علم التعليم جو ڄاڻو ۽ سنڌي لوڪ ادب، لطيف شناسي ۽ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ تي وڏي دسترس رکندڙ محقق، مؤرخ ۽ شارح هو. جنهن پنهنجي 94 ورهين جي زندگيءَ ۾ ڪيئي تاريخي، تحقيقي ۽ معلوماتي ڪتاب سنڌ جي علم و ادب کي ارپيندي ٻوليءَ جي جهولي انمول جواهرن سان ڀري مالا مال ڪري ڇڏي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ جيڪي خدمتون ۽ ڪارناما سرانجام ڏنا، تن کي وساري نہ ٿو سگهجي. سندس ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ هڪ تحقيقي دستاويز آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، بڻ بنياد ۽ ادبي تاريخ متعلق تحقيقي معلومات ۽ نوان نظريا ملن ٿا. هِن ڪتاب متعلق ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو لکي ٿو:

> ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ جي نالي سان شايع ٿيل ڪتاب بہ سنڌ جي ٻوليءَ جي قدامت ۽ ادبي تاريخ تي منفرد ۽ اهم ڪتاب آهي.[(1)]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مختلف اسڪيمن تحت سنڌي ٻولي ۽ ادب جو ٽِڙيل پکڙيل خزانو ميڙي سڏاريو ۽ سنواريو آهي. جن مان جامع سنڌي لغات (05 جلدن ۾) ۽ سنڌي لوڪ ادب (42 جلدن ۾) مرتب ڪري انهن تي مهاڳَ ۽ تحقيقي مقدما لکي منظرعام تي آندو ۽ پڻ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام کي سهيڙي، انهن تحقيقي مقدما لکيا ۽ انهن کي شايع ڪرائي نہ فقط هڪ دؤر جي ادبي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي، پر عالمي ادب آڏو سنڌي ادب کي متعارف ڪرايو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تصنيف ۽ تاليف سان گڏ سنڌي ادبي تاريخ جي سلسلي ۾ وقت بَوقت تحقيقي مقالا ۽ مضمون بہ لکندو رهيو. جيڪي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. جن مان ٽماهي ”مهراڻ“ ۽ ماهوار ”نئين زندگي“ رسالن جا نالا سرفهرست آهن. هِتي فقط ڊاڪٽر صاحب جي ٽماهي ”مهراڻ“ رسالي ۾ شايع ٿيل ادبي

مقالن ۽ مضمونن جو موضوع وار تحقيقي جائزو پيش ڪجي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ”مهراڻ“ رسالو سنڌي ادب جو هڪ بهترين علمي، ادبي ۽ ثقافتي رسالو آهي. اوائل ۾ شايع ٿيل ماهوار ”سنڌو“ رسالي کان پوءِ سنڌي ٻولي، ادب، لوڪ ادب، لطيفيات ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي سلسلي ۾ ’مهراڻ‘ مخزن هڪ علمي دستاويز جي حيثيت ماڻي آهي. هيءُ رسالو سنڌ جي برک ۽ مايہ ناز عالم، مفڪر، محقق، مؤرخ ۽ تاريخدان ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي ڀرپور ڪوشش سان ”سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ (موجوده سنڌي ادبي بورڊ) طرفان جنوري 1946ع ۾ شايع ٿيڻ لڳو[2] جنهن ۾ سنڌ جي ناميارن ليکڪن جا مقالا، مضمون، ڪهاڻيون، ڊراما ۽ شعر شايع ٿيندا هئا. جن مان ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، عثمان علي انصاري، مولوي دين محمد وفائي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، جهامنداس ڀاٽيا، ڄيٺمل پرسرام، آسانند مامتوراءِ، شيوارام ڀاڳچند، روچيرام گنگارام، چيتن ماڙيوالا، عطا حسين موسوي، آغا تاج محمد، لطف الله بدوي، مرزا گل حسن احسن، نبي بخش بلوچ، عبدالڪريم سنديلو ۽ شيخ اياز جا نالا سر فهرست آهن.

’مهراڻ‘ جي هِن ابتدائي دور (1946ع-1948ع) ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا مختلف موضوعن تي مضمون ۽ ادبي خط وغيره شايع ٿيندا رهندا هئا. سندس هڪ تحقيقي مضمون **”سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر“** سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي حوالي سان اهميت رکي ٿو جيڪو اپريل 1946ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر بلوچ هِن مضمون ۾ سنڌ جي گمنام شاعرن ۽ سگهڙن جي ڇڏيل قلمي اثاثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سهيڙي منظرعام تي آڻڻ جي هڪ رٿا ڏني. جنهن ڏس ۾ پاڻ مضمون جي ابتدا ۾ لکي ٿو:

> ”پائنجي ٿو تہ ڪنهن وقت اهل سنڌ جون دليون جيئريون هيون. ڳوٺ ڳوٺ ۾ شاعر ۽ سگهڙ موجود هئا. ۽ ڇپي ڇپي، شاعريءَ جي پلٽ، ملڪ ۾ موڪون لائي ڇڏيون هيون“.[3]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هِن مضمون ۾ سنڌ جي انهن سگهڙ شاعرن جو تذڪرو ڏنو آهي، جيڪي پنهنجي ذات ۾ تہ اعليٰ مقام جا حامل هئا، پر انهن کي اُها پذيرائي نہ ملي سگهي، جن جا هو حقدار هئا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

> ”هي شاعر سنڌ جا موتي ۽ ماڻڪ آهن. مگر سندن مشهوريءَ تي، ڪن سببن ڪري، لٽ پئجي ويئي آهي. اسانجو فرض آهي تہ اسين سنڌ جي زرخيز مٽيءَ ۾ لٽيل ۽ گهري عناد ۾ ڍڪيل، اهي

ماڻڪ ۽ موتي، جواهر ۽ هيرا ڪيڍي نروار ڪريون“.(4)

سنڌ جي آڳاٽن سگهڙن ۽ شاعرن جي ڇڏيل اثاثي جي سنڀار لهڻ ۽ اُن کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل رٿا کي مانُ ڏيندي اُن وقت جي ڪنهن ادب دوست صاحب پڻ هِن موضوع تي هڪ تحقيقي مضمون ”سنڌ جا دهقاني شاعر“ لکي مهراڻ رسالي کي موڪليو جيڪو مهراڻ آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 1946ع ۾ ڇپيو.

”مهراڻ“ رسالي جي هِن شروعاتي دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ٻيو ليک ”**بلوچستان جا نظارا ـ لس ٻيلي جو سفر**“ مهراڻ مئي، جون ۽ جولاءِ ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي الهندي طرف وارا لڪ پسڻ ۽ سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جي لکل سرمايہ جي ڳولا ۾ 23 جون 1946ع/23 رجب 1365هہ تي لس ٻيلي جي ڪيل سفر جو احوال قلمبند ڪيو آهي. هيءَ ليک سنڌي ٻولي، لوڪ ادب ۽ سنڌ جي ثقافتي تاريخ جي سلسلي ۾ اهم معلوماتي دستاويز آهي.

”مهراڻ“ رسالي جو ٻيو دور 1955ع کان شروع ٿئي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هِن ٻئي دور ۾ بہ سنڌي ادبي تاريخ جي حوالي سان ڀرپور نموني ۾ حصو وٺڻ لڳو ۽ مهراڻ لاءِ ٻولي، ادب، لوڪ ادب، ڪلاسيڪي شاعري ۽ لطيفيات تي تحقيقي مقالا لکيا، جن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

سنڌي لوڪ ادب سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جو اهڃاڻ آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر حميده کهڙو لکي ٿي:

> ”سنڌي لوڪ ادب ۾ سنڌ جي سموري تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ تهذيب سمايل آهي. اسان کي سنڌ جي قديم تاريخ پِڙن، چارڻن، سگهڙن، سالڪن ۽ شاعرن جي انهن گفتن ڳاهن، ڏورن، بيتن، ڳجهارتن، ڏٺن، لولين، مورن، ڏهسن، ڪافين، واين ۽ ڏوهيڙن ۾ ملي ٿي، جيڪي هتان جي عوامي محفلن، مجلسن ۽ ڪچهرين ۾ موضوع رهيون تہ هن ڌرتي جي هر نئين ۽ وڏي تائين پهتيون“.(5)

اِهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي تاريخ جي ڪڙي کي ڪڙي سان ملائڻ لاءِ لوڪ ادب تي قلم کنيو ۽ سنڌ جا جهر جهنگ جهاڳي لوڪ ادب جي تاريخي حيثيت ۽ اهميت کي نروار ڪيو ۽ اسان کي لوڪ ادب جو وسيع

ذخيرو فراهم ڪري ڏنو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لوڪ ڪهاڻيءَ جي فني ۽ لغوي، تهذيبي ۽ معاشرتي، سماجي ۽اصلاحي، اخلاقي ۽ ادبي حيثيت تي هڪ تحقيقي مقالو **”لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت“** لکيو جيڪو مهراڻ 1963/1ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هِن مقالي ۾ لوڪ ڪهاڻي جي ابتدا، اوسر، تاريخي پس منظر، فني سٽاءُ ۽ ڪردارن تي سير حاصل بحث ڪري لوڪ ڪهاڻي جي علمي اهميت تي روشني وڌي آهي.

سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن جو ڇڏيل منظوم ذخيرو سنڌ جو قلمي اثاثو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ مقالو **”آڳاٽن سنڌي بيتن جو ناياب ذخيرو“** جي عنوان سان مهراڻ 2010/1ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ هُن جامي شاعر جي فارسي مثنوي ”يوسف زليخا“ جي حاشيي تي لکيل معياري سنڌي بيتن جو ناياب ذخيرو فراهم ڪيو آهي. هِن ذخيري ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ، مخدوم غلام محمد بگائي، مگريو حفيظ، رکيل، هادي، تنيو ۽ ڪجهه بنا نالي جي شاعرن جا بيت ڏنل آهن، جن ۾ سينگار شاعريءَ جو اعليٰ نمونو نمايان نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جتي سنڌي لوڪ ادب جي اهميت ۽ افاديت کي نروار ڪيو اُتي پاڻ شاعريءَ جي فني اڀياس تي پڻ قلم کنيو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب هڪ تحقيقي مقالو **”سنڌي ۽ هندي شاعري جو لاڳاپو“** لکيو جيڪو ٽن قسطن ۾ ”مهراڻ“ 1955/1ع، 1955/2ع ۽ 1955/3ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هِن طويل مقالي ۾ سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي لاڳاپي جو ارتقائي ۽ فني جائزو بيان ڪري سنڌي ۽ هندي شاعرن جي شاعريءَ لفظن، اصطلاحن ۽ فڪري اثرن تي محققاڻي انداز ۾ جائزو پيش ڪيو آهي.

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام سنڌ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جو اهڃاڻ آهي. اِهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان قلمي اثاثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي اساسي شاعرن جي ڪلام کي سهيڙي سندن ڪلام کي موجوده صورتخطي ۾ آندو ۽ انهن تي تحقيقي مقدما لکي ڪلام جو فڪري اڀياس ڪري ان جي اهميت کي نروار ڪيو آهي.

قاضي قادن سنڌ ۾ سما دور جو وڏي ۾ وڏو صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام جا ابتدا ۾ فقط ست بيت شاهه ڪريم جي ملفوظات ”بيان العارفين“ مان مليا،

جن ۾ فڪر ۽ ڳوڙهن نُڪتن جي جهلڪ سمايل آهي. انهن ستن بيتن کي ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ”سنڌي ساهت جا ست چمڪندڙ تارا“ سڏيو آهي(6). پر سنڌ جي هِن آڳاٽي اساسي شاعر جا سؤ کان بہ وڌيڪ بيتن جو ذخيرو کي راجا رام شاستري هند جي صوبي هرياڻا جي هڪ ڳوٺ ”راتيلا“ مان دادوپنٿي پڳتن جي هڪ ’مَٺ‘ (مَڙهِي) ۾ رکيل هڪ قلمي ڪتاب مان ڳولي هٿ ڪيا، جن کي هيري ڄيٺا لال ٺڪر ”قاضي قادن جو ڪلام“ جي نالي سان مرتب ڪري پوڄا پبليڪيشن، لارينس روڊ دهلي مان 1978ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو(7).

ڊاڪٽر بلوچ هن ڪتاب جو تحقيقي جائزو وٺندي هن ڪتاب تي هڪ طويل تحقيقي مقالو **”قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشني ۾“** لکيو. جيڪو مهراڻ ۾ قسطوار، پهرين قسط 1978/4ع ۽ ٻي قسط 1979/1ع، ڇپيو. جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي هن عظيم ڪلاسيڪي شاعر جي ڪلام تي نئين تحقيق جي روشني ۾ سندس ڪلام ۾ شامل ڏاري ڪلام تي بحث ڪيو آهي ۽ سندس شاعري جي فڪري بلندي ۽ شاعراڻي عظمت کي چٽي نموني نروار ڪيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لطيفيات جو وڏو ماهر هو. پاڻ لطيفيات جي حوالي سان مهراڻ ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا، جن مان هڪ مقالو **”شاهہ جي بيتن ۽ وائين ۾ وزن ۽ قافيي جا معيار“** جي عنوان سان مهراڻ 1986/3ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ سنڌ جي سرموڙ شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي بيتن ۽ واين ۾ وزن ۽ قافيي جي استعمال جو فني جائزو پيش ڪيو آهي ۽ نج سنڌي شعر جي وزن ۽ قافيي کي سمجهائڻ لاءِ سنڌي لفظن جي ”صوتياتي نظام“ کي انتهائي باريڪ بينيءَ سان مثال ڏئي سمجهايو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ **”شاهہ جو رسالو ۽ رسالي جو ڪلام“** تي تحقيق ڪرڻ دوران هڪ مقالو ”رسالي جي جامع مستند متن لاءِ صورتخطي“ لکيو. جيڪو مهراڻ 1986/4ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر صاحب هِن مقالي ۾ مختلف قلمي رسالن ۾ جدا جدا آيل لفظن جي اچارن مطابق صورتخطي تي تفصيلي جائزو مثالن سان پيش ڪيو آهي.

سندس هڪ ٻيو مقالو **”شاهہ جي رسالي ۾ ٻين سالڪن ۽ شاعرن جو ڪلام، نئين تحقيق جي روشني ۾“** مهراڻ 1997/1ع ۾ ڇپيو. هِن مقالي ۾ پاڻ شاهہ جي رسالي ۾ شامل ٻين شاعرن جي ڪلام جي تعداد تي غور ويچار ڪري، ڏهن جلدن واري

تحقيقي رٿا هيٺ، هن مسئلي کي نبيريو آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

موجوده تحقيق دوران، اعليٰ ادبي تنقيدي معيارن جي پيٽ ۾ پرکا سان اها تصديق ٿي چڪي آهي تہ شاهہ جي رسالي جي جملي مکيہ ۾ معتبر قلمي ۽ ڇاپي رسالن ۾، ڪم از ڪم انهٺ (68) سالڪن ۽ شاعرن جا ڇيل اندازً 2180 بيت ۽ 140 وايون شامل آهن[8].

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ علمِ لسانيات تي بہ وڏي دسترس رکندڙ ماهر هو.

9ـ اپريل 1956ع تي پاڻ 16هين سنڌي ادبي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ صدارتي خطبو "**سنڌي ٻولي ـ ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل**"پڙهيو جيڪو مهراڻ 1956/2ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن تاريخي خطبي ۾ ٻولين جي اُسرڻ ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ارتقا ۽ قدامت تي بحث ڪيو آهي ۽ پڻ عربن جي قديم تاريخن ۾ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جي ٿيل ذڪر تي روشني وڌي آهي ۽ ٻولي جو حال ۽ مستقبل تي بحث ڪيو آهي.

ان کان علاوه سندن هڪ ٻيو تحقيقي مقالو "**سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ**" جي عنوان سان مهراڻ 1959/1ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ پاڻ قديم دور جو لساني پس منظر، سنڌ جي اوائلي ٻوليءَ جي تاريخ، بڻ بنياد ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۾ ٻين ٻولين جي اثر تي بحث ڪندي سنڌيءَ کي سامي نسل مان نڪتل ڄاڻايو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جي هِن نظريي تي ٻوليءَ جي ڪجهہ ٻين ماهرن اعتراض ڪندي سندن راءِ کي رد ڪيو. جنهن جي وضاحت ڊاڪٽر صاحب مهراڻ 4ـ1959/3ع ۾ ڪندي لکي ٿو:

"انهن صاحبن کي اها غلط فهمي شايد مضمون جي پهرئين حصي پڙهڻ سان ٿي آهي، جنهن ۾ "قديم دور" جي لساني پس منظر کي بيان ڪيو ويو آهي. مضمون جي انهيءَ پاڱي کي غور سان پڙهبو تہ معلوم ٿيندو تہ اسان قديم دور واري ٻوليءَ کي "سنڌ جي ٻولي" سڏيو آهي ۽ انهيءَ کي موجوده "سنڌي ٻولي" کان جدا طور بحث هيٺ آندو آهي".[9]

ڊاڪٽر صاحب جي هِن مقالي تي سراج الحق ميمڻ "**هڪ تنقيدي جائزو**" جي عنوان سان تنقيدي مقالو لکيو جيڪو مهراڻ 1959/4ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر

بلوچ هِن تنقيد جو جواب **”سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ (’تنقيدي جائزي‘ بابت وضاحت)“** مهراڻ 2-1960/1ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پاڻ سراج الحق جي ڪيل تنقيد جي وضاحت تاريخ جي روشنيءَ ۾ تفصيل سان بيان ڪئي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ ٻيو مقالو **”سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي“** جي عنوان سان مهراڻ 2-1999/1ع ۾ ڇپيو. هيءُ دراصل ڊاڪٽر صاحب جي ساڳئي نالي واري ڪتاب جو مقدمو آهي، جنهن ۾ پاڻ سنڌي ٻولي، سنڌي الف- بي، سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي جي ابتدا ۽ اوسر تي روشني وڌي آهي.

ميون ابوالحسن ٺٽي جو مشهور عالم، فاضل ۽ استاد ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مقالو ”سنڌي صورتخطي جي تڪميل لاءِ وڏي عالم ميين ابوالحسن جو ڪامياب قدم“ مهراڻ 2-2008/1ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي هِن عالم جي سنڌي صورتخطي جي تڪميل لاءِ ڪيل ادبي خدمتن جو جائزو بيان ڪيو آهي.

سنڌ ۾ فارسي زبان ۾ تذڪره نويسيءَ جو آغاز 10هين صدي هجري مطابق16هين صدي عيسوي ۾ ٿيو[10]. جنهن دوران ڪيترن ئي اعليٰ پايي جي عالمن ۽ محقق سنڌ جي اولياءِ ڪرام ۽ صوفياءِ عظام جي تذڪرن تي مشتمل ڪتاب تحرير ڪيا. جن مان عبدالغفور بن حيدر جو لکيل سيوهڻ جي صوفي بزرگن جو تذڪرو **”تذڪره مشائخ سيوستان“** ادبي حوالي سان هڪ اهم تذڪرو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هِن تذڪري جو تحقيقي جائزو وٺندي هڪ جامع تحقيقي مقالو ”تذڪره مشائخ سيوستان“ لکيو جيڪو مهراڻ 1972/1ع ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر صاحب هِن مقالي ۾ هِن تذڪري جي مصنف جو احوال، تصنيف جو سبب، تاليف جو سن، تذڪري جي ماخذن ۽ اُن مواد ۽ فائدن تي محققاڻي انداز ۾ بحث ڪيو آهي ۽ تاريخي حقائق جي روشنيءَ ۾ تذڪري جي تاليف جو سن 1043ع مطابق 1653ع قرار ڏئي اُن جي اهميت ۾ اضافو ڪيو آهي.

ڪتاب ”فتحنامو عرف چچنامو“ سنڌ جي تاريخ جو اوائلي ماخذ آهي. هن تاريخي ڪتاب ۽ اُن جي مصنف جي احوال تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مهراڻ 1978/3ع ۾ هڪ مقالو **”فتحنامو (چچنامو) ۽ ان جو مترجم علي ڪوفي“** ڇپيو. جنهن ۾ ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) دوران دهلي ۽ اُچ جو سياسي ۽ ادبي پس منظر بيان ڪري ڪتاب جي مصنف علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي جو احوال ۽

ستين صدي هجري (تيرهين صدي عيسوي) دوران لکيل تاريخ جي ڪتابن سان ھِن ڪتاب "فتحنامو عرف چچنامو" جو تاريخي حقائق جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪيو آهي، جنهن سان هن بنيادي ماخذ جي اهميت ۽ افاديت جي پروڙ پوي ٿي.

سنڌ ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي عالمن، محققن، مفڪرن، مؤرخن، اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن جنم وٺي پنهنجي پنهنجي مقام تي علم ادب جي خدمت ڪري پاڻ مَلهايو آهي. اهڙن ذات ڏٽين جي علمي، ادبي ڪاوشن کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ آخري دم تائين جاکوڙيندو رهيو ۽ پاڻ ڪيترن ئي عظيم شخصيتن جي سوانحي احوال تي تحقيق ڪري سندن شخصيت ۽ فن کي چٽي نموني اجاگر ڪيو آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ جا مهراڻ رسالي ۾ تحقيقي مقالا ڇپيل آهن. جن ۾ ھِن پوتر ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ عالمن، محققن، اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن جي سوانح حيات ۽ علمي ادبي خدمتن تي روشني وڌي وئي آهي. انهن مان مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مولوي بهاؤالدين "بهائي"، مولوي عبدالله لغاري، ڇتو فقير سانگي، درويش راضي شاهہ لکياري، راضي فقير لاشاري، قاضي عبدالرؤف مرحوم مورائي، مخدوم امير احمد، مولوي حڪيم محمد صادق راڻيپوري، مولوي عطا محمد مهسراڻي، آخوند فيض محمد روهڙوي، قاضي سچيڏنو لعلڻ خان لغاري ۽ محمد اسماعيل نُون جا نالا سرفهرست آهن.

سنڌ جي مانائتي شخصيتن، بزرگن، عالمن، مفڪرن، سياسي ڪارڪنن، اديبن، شاعرن ۽ سگهڙن جي سوانح حيات تي مشتمل مهراڻ جو سوانح نمبر (4-1957/3ع) بہ ڊاڪٽر بلوچ جي خاص توجهہ ۽ محنت جو نتيجو آهي، جنهن "مهراڻ سوانح نمبر" کي نهايت خوش اسلوبي سان معياري بنائي 130 شخصيتن جي سوانح عمري يڪجا ڪري تقريباً 700 صفحن تي مشتمل هڪ ضخيم رسالو ترتيب ڏئي منظرعام تي آندو جنهن مان هر دور جو تاريخدان، محقق ۽ شاگرد لاڀ حاصل ڪري سگهي ٿو.

# حوالا


1) هَڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر: ”هڪ ئي راڻو راڄ ۾ هو جنهن کي ساري سرت هئي“ مهراڻ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر) 2012/2ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص:311

2) آزاد قاضي: ”رسالي ”مهراڻ“ جو پهريون دور (هڪ اڀياس)“ مهراڻ 2005/1ع، ايضاً، ص:31

3) بلوچ، نبي بخش، پروفيسر: ”سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر“ مهراڻ اپريل 1946ع، ڪراچي، ص:21

4) بلوچ، نبي بخش: ”سنڌ جا گمنام دهقاني شاعر“ مهراڻ سيپٽمبر 1947ع، ڪراچي، ص:04

5) کهڙو، حميده، ڊاڪٽر: ”سنڌ ماضي، حال ۽ مستقبل“ سهيڙيندڙ: منصور قادر جوڻيجو، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچي، سنڌ، ڇاپو پهريون 2007ع، ص:171

6) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ”قاضي قادن جا بيت نئين تحقيق جي روشني ۾“ مهراڻ 1978/4ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص:112ع 113

7) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ”شاهه جي رسالي ۾ ٻين سالڪن ۽ شاعرن جو ڪلام، نئين تحقيق جي روشني ۾“، مهراڻ 1997/1ع، ايضاً: ص:26

8) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ”وضاحتي نوٽ“، مهراڻ 4-1959/3ع، ايضاً: ص:151

9) بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: ”تذڪره مشائخ سيوستان“ مهراڻ 1972/1ع، ايضاً: ص:115

# SINDHI BOLI

Research Journal

Editor:
**Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon**

**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**
HYDERABAD, SINDH

# Editorial Board

**Dr. Ghulam Ali Allana**
Linguist/ Scholar

**Dr. Fahmida Hussain**
Scholar
fahmida.memon@gmail.com

**Dr. Abdul Ghafoor Memon**
Chairman,
Sindhi Language Authority
agmemon@uok.edu.pk

**Dr. Adal Soomro**
Scholar
dradalsoomro@yahoo.com

**Dr. Ishaq Samejo**
Scholar
ishaq_samejo@yahoo.com

**Naseer Mirza**
Scholar
naseermirza20755@gmail.com

## SINDHI BOLI [Research Journal]

| | |
|---|---|
| Editor: | Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon |
| Sub Editor: | Shoukat Chachar |
| Composing: | Sakhawat Ali Jatoi/Ambreen Khaskheli |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Volume: | 9th - Edition: 1st (June 2016) |
| Published by: | Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon, Chairman Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad - 71000 |
| Printed by: | Pakeeza Printers Hyderabad |
| Price: | Rs.100/- |
| E- mail: | sindhiboli@sindhila.edu.pk |
| Online link: | http://sl.sindhila.org/sd/publications/journal |

Vol. 9: Issue 1st,
June 2016

# SINDHI BOLI

[BI-ANNUAL RESEARCH JOURNAL]

Editor

Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY